# شاه جو رسالو

ترتيب

ڪلياڻ آڏواڻي



ترتيب ڏيندڙ

جنيد فاروقي جمشيد فاروقي

# ارپنا

مرحوم **عبدالحسين فاروقي**

مرحوم **نذير احمد فاروقي**

۽

پيارو دوست

مرحوم **هدايت منگي**

جرنلسٽ

Chief Executive IT Scholar

Manzoor Ahmed Farooqi

# شاھ جو رسالو

| | | |
|---|---|---|
| سر ڪلياڻ | سرحسيني | سر رپ |
| سر يمن ڪلياڻ | سر ليلاچنيسر | سر ڪاھوڙي |
| سر ڪنيات | سر مومل راڻو | سر بروو سنڌي |
| سر سريراڳ | سر مارئي | سر رامڪلي |
| سر ساموندي | سر ڪاموڏ | سر ڪاپائتي |
| سر سھڻي | سر گھاتو | سر پورب |
| سر سسئي آبري | سر سورٺ | سرڪارايل |
| سر معذوري | سر ڪيڏارو | سر پرڀاتي |
| سر ديسي | سر سارنگ | سر ڏھر |
| سر ڪوھياري | سر آسا | سر بلاول |

# شاھ جو رسالو

## ڪلياڻ آڏواڻي

**eBook**

۾

ترتيب ڏيندڙ


جنيد فاروقي ، جمشيد فاروقي

مراد واھڻ روڊ، لاڙڪاڻو، سنڌ، پاڪستان.

email: xara_junaid@yahoo.com

# سُر ڪلياڻ

## داستان پھريون

١

اَولِ اَللهُ عَلِيمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌَڻِي؛
قادِرُ پنھِنجي قُدرتَ سِين، قائم آھِ قديم؛
والي، واحِدُ، وَحْدَہٗ، رازق، رَبُّ رَحِيم؛
سو ساراہ سچو ڌڻي، چِئِي حَمدُ حَڪِيم؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جَھان جِي.

٢

وَحْدَہٗ لا شَرِيڪَ لَہٗ، جن اُتوسِين ايمانَ؛
تن مِڃيو مُحمَّدُ[٢] ڪارَڻِي، قَلبَ ساڻ لِسانَ؛
اُوءِ فائِقَ ۾ فَرمان، اَوَترَ ڪنھن نہ اوليا.

٣

اَوَترَ ڪنھن نہ اوليا، سُتَرَ ويا سالِمَ؛
ھيڪائِي ھيڪُ ٿيا، اَحَدَ سين عالِمَ؛
بي بَھا بالِمَ، آگي ڪيا اِڳَھين.

٤

آگي ڪيا اِڳَھين، نسورو ئي نُورُ؛
لَا خَوفٌ عَلَيھِمْ وَلَا ھُمْ يَحْزَنُونَ، سچن ڪونھي سُورُ؛
مولي ڪيو مَعمُور، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

٥

وَحُدَہٗ جي وِڍيا، اِلَا اللهُ سين اورِينِ؛
هِنيون حقيقت گڏيو، طريقت تورِينِ؛
معرفت جي ماڻ سين، ڏيساندَرُ ڏورِينِ؛
سُکَ نہ سُتا ڪڏهين، ويهي نہ ووڙِينِ؛
ڪُلَهِنئُون ڪورِينِ، عاشق عَبۡدُاللَطِيفُ چئي.

٦

وَحُدَہٗ لا شَرِيڪَ لَہٗ، ٻُڌءِ نہ ٻوڙا؛
ڪ تو ڪنين سُئا، جي گَهٽَ اَندر گهوڙا؛
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿِيندءِ سامُهَان.

٧

وَحُدَہٗ لَا شَرِيڪَ لَہٗ، اِهو وِهائج وِيُّ؛
ڪَتين جي هارا ئِين، هنڌ تُنهنجو هِيُّ؛
پاڻان چوندُءِ پِيُّ، پري جام جَنَّت جو.

٨

وَحُدَہٗ لا شَرِيڪَ لَہٗ، اِيُ هيڪڙائِيءَ حَقُّ؛
ٻيائِي کي ٻَکُ، جن وڌو، سي وِرسيا.

٩

سِرُ ڏُونديان، ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڏُونديان، سِرُ ناهِ؛
هَٿَ ڪَرايُون آگريون، ويا ڪپجي ڪانِهہ؛
وحدت جي وِهاُنءِ، جي ويا، سي وِڍيا.

١٠

عاشق چؤ مَ اُنَ کي، مَ ڪِي چؤَ معشوق؛
خالق چؤ مَ خامَ تون، مَ ڪِي چؤ مخلوق؛
سَلِج تنھن سُلوڪ، جو ناقِصئا نِگيو.

١١

وحدتان ڪَثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُّ؛
حق حقيقي ھيڪڙو، ٻوليءَ ٻِيءَ مَ ڀُلُ؛
ھُو ھُلاچو ھُل، بِا اللّٰهِ سندو سچڻين.

١٢

پاڻَھِين جلَّ جلَالَهٗ، پاڻھِين جانِ جمالُ؛
پاڻھين صورت پرينءَ جي، پاڻھِين حُسن ڪَمالُ؛
پاڻھِين پِر مُريد ٿئي، پاڻھين پاڻَ خيالُ؛
سڀ سيوئي حالُ، منجھان ھي معلوم ٿئي.

١٣

پاڻَھِين پسي پاڻکي، پاڻھين محبوب؛
پاڻھِين خلقي خوب، پاڻھين طالب تن جو.

١٤

پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَھِين؛
ھُئا اِڳَھِين گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻ ٿيا.

١٥

ايڪ قَصرُ، درَ لکَ، ڪوڙين ڪَٽِسِ ڳڙکيون؛
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهُون.

١٦

ڪوڙين ڪايائُون تُنهنجيون، لِکَن لکَ هزارَ؛
جِيءُ سيڪنهن جيءَ سين، درَسن ڏارون ڏَار؛
پِرَيمِ تنهنجا پارَ، ڪهڙا چِئِي ڪيئن چوان.

وائي

سيڪا پريان ڪُون پُوڇي؛
نيهن نيٽيڻ، ڳُڻُ ڳالهه وو.
جا چِتايم چِتَ ۾، سچڻ سا تو ٻُجهي؛
لاتِ جا لَطِيفُ جي، سَڏُ تنهنجو سُڃي.

## داستان ٻيو

١

اڳهي اَڱهائي، رَنجُ پِريان کي رسيو؛
چَکيَمِ چڱائِي، سورانگهي سُورِيءَ تان.

٢

انڊا اُونڊا ويچَ ! ڪَلَ ڪُھاڙيا ڪانئِين؟
اسان ڏُکي ڏِيل ۾، تون پيارِئين پيچَ؟
سُورِي جنِين سيجَ، مرڻ تي مُشاهِدو.

٣

سُوري آهِ سينگار، اڳَهِين عاشقن جو؛
مُڙڻ موتڻ ميهڻو، تيا نِظاري نِروارُ؛
ڪُسڻَ جو قَرارُ، اصل عاشقن کي.

٤

سُورِيءَ متي سيڻَ، ڪهڙي ليکي سَنَرا؟
جيلهَ لڳا نيڻَ، تي سُوريائِي سيجَ ٿي.

٥

سُورِيءَ تي سَؤ وارَ، ڏِھاڙيو چَنگ چڙهين؛
جِمَ وِرچي چڏئين، سِڪڻ جي پَچار؛
پِرت نہ پسِين پارَ، نيهن جِئان ئي نِڱيو.

٦

ڦرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڻو؛
ڏُکَ پِريان جو ڏِيلَ ۾، واڇَنَ جئن وَڇاءِ؛
سِيخن ماھُ پَچاءِ، جي نالو ڳِيڙُءِ نِينھَنَ جو.

٧

ڪاتِيءَ ڪونهي ڏوهُ، ڳَنُ وڍيندڙَ هٿَ ۾؛
پَسيو پِرِ عجيب جي، لِڇيو وڃي لوھُ؛
عاشقن اندوه، سدا معشوقن جو.

٨

ڪاتِي تکي مَ ٿئي، مَرُ مُنِيائِي هوءِ؛
مانَ وِرِ مَن توءِ، مُون پِريان جا هٿڙا.

٩

اڳيان اَڏِنِ وَٽِ، پوين سِر سنباها؛
ڪات نہ پوين قبولَ ۾، مَچُڻ پائين گهَٽِ؛
مٿا مُهايَنِ جا، پيا نہ ڏِسين پَٽِ؟
ڪلالڪي هَٽِ، ڪُسڻ جو ڪوپُ وَهي.

١٠

جي اَتيئِي سَڌَ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪلالن ڪاتي؛
لاهي رکَ، لَطِيفُ چئي، مٿو وَٽِ ماتي؛
تہ ڏيئي پِڪَ پِيُ تون، منجهان گهوٽ! گهاتي؛
جو وَرَنهَ وِهاتي، سو سِر وَٽ سَرو سهانگو.

١٢

جي اَٽيئِي سَڏَ سُرڪَ جي، تہ ونءُ ڪلالڪي ڪُوءِ؛
مَهيسَر جي مَنڏَ جِي، هُتِ هَڏهِين هُوءِ؛
جان رمز پروڙيم روءِ، تان سِرَ وَڍِ سُرڪِي سَگُٽي.

١٢

ناٽي ناهِ ڪَڪُوهُ، ڪي ملهہ مهانگو مَنڏُ؛
سَنباهج، سيّد چئي، ڪاتڻ ڪارڻ ڪَنڏُ؛
هِيُ تنِين جو هنڏُ، مَن پاسِ مَرَنِ جي.

١٣

عاشَق زهر پِياڪَ، وِهُ ڏِسِي وِهُسَنِ گهڻو؛
ڪڙي ۾ قاتلَ جا، هميشه هيراڪَ؛
لِگين لنؤ، لَطِيفُ چئي، فَنا ڪيا فِراقَ؛
توڙي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سَلِن عامَ کي.

١٤

مَ ڪَرِ سَڏَ سَري جي، جي تون ٽارِئين ٽُوهُ؛
پِتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رَگُن رُوح؛
ڪاتي چِڪُ ڪڪُوهُ، لاهي سِرُ، لَطِيفُ چئي.

١٥

سَڏِڙيا شراب جون، ڪُهُ پَچارُون ڪنِّ؟
حُ ڪاتَ ڪَلالِن ڪڍيا، تہ موٽيو پوءِ وڃِنَّ؛
پِڪُون سي پِينِّ، سِرَ جن جا سَٿِ ۾.

١٦

سِرَ جُدا، ڌَڙَ ڌارَ، دوھَ جنين جا ديڱِ ۾؛
سي مَرُ ڪن پڇارَ، حاضر جن جي ھَٿَ ۾ .

١٧

اصل عاشقن جو، سِرُ نہ سانديڻُ ڪمُ؛
سَؤ سِسِنئان اڳرو، سَندو دوسان دمُ؛
ھِيُ ھڏو ۽ چمُ پِڪَ پِريان جِيَ نہ پڙي.

١٨

جي متي وٽِ مڙنِ، تہ سيھ ڪنھِن سَڌَ ٿئي؛
سِرَ ڏني سَٽِ جڙي، تہ عاشقَ اِئن اچنِ؛
لڌا تي لَيَنِ، مُلھِ مَھانگا سُپرينِ.

١٩

مُلھ مَھانگو قَطرو، سِڪَڻُ شَھادتَ؛
اَسان عِبادتَ، نَظَرُ نازُ پِريَنِ جو.

وائي

مَنڌُ پئندي مون، ساڄَنُ سھي سُڃاتو؛
پِي پيالو عِشقَ جو، سيڪِي سمجھيو سُون؛
پِريان سندي پارَ جِي، اَندرِ آڳ اَٿُون؛
جِئَڻُ ناھي جڳَ ۾، ڏينھن مڙيئي ڏُون؛
اَلا، عَبدُاللّطِيفُ چئي، آھين تُون ئي تُون.

## داستان ٽيون

١

اُٺياري اٿي وِيا، مَنجهان مُون آزارَ؛
حبيبَ ئي هٽِي ويا، پِيڙا جا پَچار؛
طَبيبن ٽَنوارَ، هَڏِ نہ وٽي هانِ مون.

٢

اَور ڏُکَندو اُو ٿئي، هادِي جنهن حَبِيبُ؛
تِرُ تَفاوتُ نہ ڪري، تنهنکي ڪو طَبِيبُ؛
رَهَنُما رَقِيبُ، ساٿَرِ صِحتَ سُپِرين.

٣

ساٿَرِ صِحتَ سُپِرين، آهي نہ آزارُ؛
مجلسَ ويرَ مِٽو ٿئي، ڪوٺِيندي قَهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ؛
صاحِبُ رَبُّ ستّارُ، سوجهي رَڳُون ساهَ جون.

٤

رَڳُون ٽيون ربابُ، وَڃَنِ ويلَ سَيَ ڪَنهِين؛
لُڇَڻُ ڪُڇَڻُ نہ ٿِيو، جانِبُ ري جَبابُ؛
سوئِي سَنڌِيندُم سُپِرين، ڪَيسِ جنهن ڪَبابُ؛
سو ئِي عينُ عَذابُ، سو ئِي راحَتَ رُوحَ جي.

٥

سو ئِي راهَ رَدِّ ڪري، سو ئي رَهنُماءُ،
وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ، وَ تَذِلُّ مَنْ تَشَاءُ.

٦

سِڪِين ڪُھ سَلامَ کي، ڪَرين ڪھ نہ سَلامُ؟
ٻيا دَرَ تن حرامُ، اِيُ دَرُ جنِين ڏيکيو.

٧

مِٺايان مِٺو گھڻو، ڪَڙو ناه ڪَلامُ؛
سُڪُوتُ ئِي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

٨

پريان سَندي پارَ جي، مِڙيئي مِٺائي؛
ڪانهي ڪَڙائي، چکِين جي چيتُ ڪري.

٩

تو جنِين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
’فَاذْڪُرُونِي اَذڪُرُ ڪُمُ‘، اِيَ پَرُوڙِج باتِ؛
هَتِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جي.

١٠

پاٻوهي هيڪارَ، مون ڪان پُڇيو سَڄَڻين؛
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمُ، چَيائون جنهن وارَ؛
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نہ لَهي.

١١

پاپوھيو پُڇَنِ، ڪِٿي ھَٿُ حَبِيبَ جو؛
نيزي ھيٺان نِينھنَ جي، پاسي پاڻُ نہ ڪَنِ؛
عاشِقَ اَجَلَ سامُھان، اوچي ڳاٽ اَچَنِ؛
ڪُسَڻُ قُربُ جَنِ، مَرَڻُ تَنِ مُشاھِدو.

١٢

ڪوٺي ڪُھي سُپِرين، ڪوٺي ڪُھڻَ ساڻُ؛
نيزي ھيٺان نِينھنَ جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
چِلُ، وِڃائي چاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامھُون.

١٣

ڪوٺڻُ قَريبَنَ جو، عينُ تَڙَڻُ آھِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالھَڙي، سِڪَ وَرَندي ساھِ؛
آسَرَ ھَڏِمَ لاھِ، چِنَڻُ ڳَنڍَڻُ اُنِ جو.

١٤

ڪُھَنِّ تان ڪَرَ لَھَنِ، ڪَرَ لَھَنِ تان ڪُھَنِّ؛
سيئِي ماءِ! مُھَنِّ، سيئي راحتَ رُوحَ جِي.

١٥

ڪُھي سو ڪَرَ لَھَي، ڪوٺي سو قَرِيبُ؛
اِھا عادتَ سِڪيو، ھَرَ زمان حبيبُ؛
تِھِي سو طبيبُ، سو ئي راحتَ رُوحَ جِي.

## وائي

ٿيندو تَنَ طبيبُ، دارُون منهنجي دَردَ جو؛
ڀُڃِي ڏيندُم ڀاڄهَ جِي، اَچِي شالَ عجيبُ؛
پِرِين اچي پاڻَ کِيو، سندو غورُ غريبَ؛
ڏُکندو سيوئي ڏُور کيو، مَنجهون تَنَ طبيبَ؛
اَديُون! عَبۡدُاللّطِيفُ چَئي، هاتِڪُ آهِ حبيبُ.

# سر يمن ڪلياڻ

## داستان پهريون

١

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

٢

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاترَ! کي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَٽِيُون فرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ کي.

٣

هَڻُ، حبيبَ! هَٿُ کٿِي، پَنگان لِهي پاڻُ؛
ماڳِهين مون مِنهُن ٿِئي، جهولِيءَ وِجهان پاڻُ؛
اِنَ پِرساجَنَ ساڻُ، مانَ مُقابلو مون ٿِئي.

٤

جِتَ حبيبَ هَٿِن، نائُڪَ پَري نِينهن جِي؛
تِتي طبيبن، وِجا وِجي وِسري.

٥

هَٿِين جي حبيبَ! محبتِي مَيا ڪري؛
پُڇان ڪينَ طبيبَ، هوند گهائِنَ سين ٿِي گهارِيان.

٦

ڪانارِيا ڪُڙڪَنِ، جنِين لوهُ لِڳَنِ ۾؛
محبتَ جي ميدانَ ۾، پيا لالَ لُڇَنِ؛
پاڙَهين ٻَڌَنِ پَٽيُون، پاڙَهين چِڪِيا ڪَنِ؛
وَتان وايوڙِينِ، رهي اَچجي راتِڙي.

٧

رهي اَچجي راتِڙي، تن وايوڙِينِ وَتاءَ؛
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهَٽَ مَنجهاران گهاءَ؛
لِڪائي لوڪاءَ، پاڙهين ٻَڌِنِ پَٽيُون.

٨

اَڄُ پڻ ڪَنجهو ڪَنجهه، وايوڙَڪِيءَ مَنهِينءَ؛
جَهُ پڻ پِييَنِ سَنجهه، هُو پِنيُون هُو پَٽيُون.

٩

سَگَهنِ سُڌِ نہ سُورَ جي، گهايلَ ڪيئن گهارِينِ؛
پِيلَ پاسو پَٽَ تان، وايوڙَ نہ وارِينِ؛
پِرَ ۾ پَچَنِ پِرينءَ لَئي، هَئي! هَنجُون هارِينِ؛
سَڄَڻُ جي سارِينِ، تن رويو وِهامي راتڙي.

١٠

سَگَھنِ سُڌِ نہ سُورَ جِي، تا رُنڪَن رَنجُوري؛
پيا آھن پَٽَ ۾، مَتِنِ مامُوري؛
لڳين لَنؤ، لَطِيفُ چَئَي، سَدا جِي سُوري؛
پِرتِ جن پُوري، تن رويو وِھامي راتڙي.

١١

آيلِ! اُنِ نہ وِسَھان، ھَنجُون جي ھارِينِ؛
آٽيو آبُ اَکينِ ۾، ڏي کي ڏيکارِينِ؛
سَڄَڻُ جي سارِينِ، سي نڪي روئن نہ چون ڪي.

وائي

وِرسيا ويچَ ويچارا! دِل ۾ دَردُ پِرينِ جو؛
اُٿِيو ويڄا! مَ وھو، وَڃو ڏِٻَ کٽِي؛
ٻُڪي ڏيندا ٻاجَھ جي، آيا سُورَ ڏَٽي؛
آيا جيءَ جِيارا، دِل ۾ دَردُ پِرينِ جو.

# داستان ٻيو

١

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڏِ نہ لهين سُورَ جي؛
سانڍِ پنهنجا ڊَبَڙا، ڪَڏُ ڪٽي ۾ پُون؛
ڪانَ گُهرجي مُون، حياتِي هوتَنِ ري.

٢

ويڄن سين وائِيءَ پِيا، ڪِري نہ ڪيائون؛
جي پَندِ پارِيائُون، تہ سِگهائي سَگها ٿِيا.

٣

آهي گَهٽو اَگَهنِ جو، تَرسُ طبيبنِّ؛
ڪيو وَسُ ويڄنِّ، تان ڪِريءَ ري ڪينَ ٿئي.

٤

پاڙي ويڄَ هُئام، تان مون مُور نہ پُڇيا؛
تيلاهين پيام، مورَيسرَ اَڪين ۾.

٥

هارِيا! تو هِري، ڪُپَچُ ڪايا سين ڪيو؛
ڪَرِئين جي ڪِري، تہ تون تَوانو ٿئين.

٦

جي پائِين پِرينءَ مڙان، تہ سِڪُ چوران ڪِي ڏاتِ؛
جاڳَڻُ جَشَنُ جن کي، سُڪُ نہ ساري راتِ؛
اُجِھي پُڄِھي آئيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ؛
سَلي سُوريءَ چاڙھيا، بيان ڪَنِ نہ باتِ؛
توڙي ڪُسَنِ ڪاتِ، تہ بہ ساڳِي سَلَنِ ڪينَ ڪِي.

٧

تڙي طبيبنِّ، گھايلُ گھران ڪَڍيو؛
چِڪيا چاڪَ چِيھُون ڪري، ڪَڙيُون مور نہ ڪَنِّ؛
دوستَ جي درسنَ سينَ، پَئي ٿارُ ٿِپَنِّ؛
وِرچِيو ويڄَ وَڃَنِّ، آءُ تہ پِريَمَ! اُبَهان.

٨

وَڍي جَنِ وِڌياسِ، وَري ويڄَ ئي سي ٿِيا؛
تُرتَ پَڌائُون پَٽيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تنين پاسِ، گھارِ تہ گھايلُ نہ ٿِئين.

٩

ويڄَ! مَ ٻُڪِي ڏي! الا چِڱِي مَ ٿِيان!
سَڄَڻُ ماڻَ اَچي، ڪَرَ لاھُو تِي ڪَڍِھين.

١٠

هُئين تہ ويڄنِ وَٽِ، تون ڪِئن جِيءَ جَڏو ٿِئين؟
سِرُ ڏيئي ۾ سَٽِ، ڪُهُ نہ ڪَيءِ ٻَبَرا؟

١١

ڪُٺِيس ڪُويڄنِ، تَنَ طبيبَ نہ گڏيا؛
ڏيئي ڏنبَ ڏَڏَنِ، پاٽان ڏِيلُ ڏکوئِيو.

١٢

تَرسُ طبيبنِ جو، جَڏَنِ ڪيو نہ جاتِ؛
جو ويڄنِ جي واتِ، دارُونئان تنهن دُور ٿِيا.

١٣

دارُون ۾ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا ويڄَ مون؛
پُڪِي ڏيندا پاڄهَ جِي، نِهاري ناڙُون؛
جن جون سيڻَ لَهنِ سارُون، تن تان ڏُکندو ڏُور ٿئي.

١٤

اَگهن مِڙي اَڄُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ کي؛
ڏُور، ڏُکندا! يَڄُ، مِهريءَ مُنهن ڏيکاريو.

وائي

اَچِي سارَ لَهيجِ، ساجَنَ سُورَ تُماري آئُون ماري!
سُورَ تُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُ مَ ڏيجِ؛
ٻَبَنِ يَري هٿَڙا، دارُون، دوستَ! ڪَريجِ.

## داستان ٽيون

١

ھَيءِ ھَيءِ! وَھي ھاءِ، مَنَ ۾ محبوبنِ جي!
جيرا جوشَ جلائِيا، بُڪين پري باهِ!
پَسو مَڃ مَتاءِ، جي ويساهَ نہ وِسَهو!

٢

ڪاندين تاندين پاپُرين، پَچان مَرُ پيئِي!
جيرا، جِگَرَ، بُڪِيُون، سيخُنِ ۾ تيئِي!
ويچَنِئُون ويئِي، تِي وهِيٽي سَڄَڻين!

٣

سَرُ جو سَچِيو سَڄَڻين، پِيهَرَ پاڻُ پَري؛
چِمڪِيو سو چوهَ مان، ڪَڙ ڪَڙ ڪانُ ڪَري؛
جيرا، جِگَرَ، بُڪِيُون، لنگهي پِيو پَري؛
لِڱو جِيءَ جڙِي، تاڻِيان، تِيرُ نہ نِڪري!

٤

پُڄُ پَتنگنِ کي، سندِيُون کامَڻَ خَبَرُون؛
آڻِيو وجهَنِ آڳِ ۾، جِيءُ پَنهنجو جي؛
جيري جنِين جي، لِڱا نيزا نِينهَن جا!

٥

پتنگ چائِين پاڻَ کي، تہ اَچي آڳِ اُجهاءِ!
پچَنِڻ گهٽا پچائِيا، تون پچَنِڻ کي پچاءِ!
واقُف تِي وساءِ، آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي.

٦

پتنگُ چائِين پاڻَ کي، پَسِي مَچُ مَ موٽُ!
سَهائِيءَ سُپيرين جي، گِهڙُ تہ تِئين گهوٽُ!
اَچا تون اَروٽُ! کُوري خَبَر نہ لهِين!

٧

پتنگن پَهُ ڪيو، مِڙيا متي مَچَّ؛
پَسِي لَهسَ نہ لِچيا، سَڙيا مَتي سَچَّ؛
سندا گِچين گَچَّ، ويچارن وڃائِيا.

٨

جي تتو تَنُ تنُورَ جئن، تہ چَنديي ساڻُ چَماءِ؛
آٽي آڳِ اَدب جي، ٻاري جانِ جلاءِ؛
بُرقعان اندر بازيون، پنهنجو سيءِ پچاءِ؛
لُچَنِڻُ لنؤُ، لَطِيفُ چئي، پَدِر هَڏِ مَ پاءِ؛
متان لوڪ لَکاءِ، وصالان وڃ پَئي!

٩

اڇا تَنُوران، ڪاله ڪِڍيائون سڄٽين؛
پڻ ٽايائون ٽڪڙو، وحدت جي وَٽان؛
محبتين مٿان، مچ مُورائينِ نہ لهي!

١٠

پَچائي پَهاڻُ، جن رساڻيو رُڪَ کي؛
تنين سندو چاڻُ، آهي آڳَڙيُنِ کي.

١١

ڏن ۽ ڏن ۽ ڏَمڻَ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏُوڏا! ڏِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

١٢

ڏُوڏا! تون نہ ڏَئِين! آڳِ اوڏو نہ وڃين!
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نہ سَهِين!
اُپو اِئن چئِين، تہ آئون آڳَڙيو آهيان!

١٣

سِرُ سانداڻ ڪري، پُڇج گهَرُ لُهارَ جو!
ڏَڪن هيٺ ڏري، مانَ گڏينئي رُڪَ سين!

١۴

سَهِين جئن سانداڻ، ڏَڪن متي ڏَڪڙا !
وَهِ وِجائي پاڻ، ڏي ڏَٻائون ڏُگرين.

١۵

اَڄ آڳَڙيا آئيا، سُوڌا سِراڻِي؛
پياري پاڻِي، تيغُون ڪندا تکيون.

١٦

اَڄ آڳَڙيا آئيا، سائُو ڪي سُڄاڻ؛
لاهِيندا مُورياڻَ، رُڪُ ڪَرِيندا پڌرو.

١٧

سَرها ڏنم سي، جن ساجاءَ سِراڻِ سين؛
تيغَ تنِين جي ڪي، ڪَٽُ نہ لڳي ڪڏهين.

وائي

جِيءُ جياريو، جِيءُ جياريو، ڪين منهنجڙو هاريو؛
پِرينِ جِيءَ پَچار، سيڻن جِيءَ سنيارَ، جَڏڙو جِيءُ جياريو؛
اُڃيو تن عَمِيق مان، پِرينُ پُوڄَ پياريو؛
مرضُ مريضن تان، اِشاري ساڻ اُتاريو؛
ڪَرَمَ ڪريمن جي مون کي، اَهُکِيءَ مان اُڪاريو؛
سنئون مُنهن ڪري، سپرين ! اَئِين نرمل نورَنِهاريو؛
سائلن جِئن سڏ ڪري، اَئِين طالبن کي تاريو.

# داستان چوٿون

١

ايڪ پيالو! ٻہ چٽا! عشق نہ ڪري اِيئَن!
ليکيا جي لِکَڻ ۾، سي قربہ رسندا ڪيئن؟
هُئڻ ڪيا هِيئَن، وانجيا، پَسُ! وِصال کان.

٢

ايڪ پيالو! ٻہ چٽا! عشق نہ ايئن ڪري!
آتِي سي ايڪ تيا، جي گَتا نينهن ڳري؛
دوئِي ڌار ڌري، جہُ خُلّتہ خنجر آئيو.

٣

ايڪ پيالو! ٻہ چٽا! عشق نہ ڪري اَڏَ!
اِيَ تان، ساعر! سَڏَ، ڪَيَءِ جا قَوال سين.

٤

قاتلَ ڪمائِي ڪري، وَهُ ماکي جي ڪن؛
وٽان ويهِي تن، پِيڇ ڪي پياليون.

٥

هوندو هڏِ مَ سَنڌِ، لاءِ پياڪَن پانهنجو؛
پوجَ پيارج پَنهِيڙا، ويندا وٽيو ڪَنڌِ؛
تہ هَتَے تنهنجي هنڌِ، موکي! ڪو مانُ لهي.

٦

ھوندو ھَڏِ مَ رَڪُ، لاءِ پياڪَن پانھنجو؛
وڃِي واتاڙئن ڪي، تان پياري پِرَڪُ؛
سا لِڪَ لھي تي لَڪُ، جا تو ايندي اُنِ سين.

٧

گھتَنِ ۾ گھُتِڪَنِ، وَتيُون پِيَنِ وہ َگاڏيُون؛
بَرخِيز بده ساقِي! پيار ڪي پِريَن؛
پِڪين نہ پرچن، متے تڪيائون مَنجهيان.

٨

آٽي اُتر واءَ، موڪيءَ متے اُپتيا؛
مَتارا تنھن ساءَ، اَچن سِرَ سَنباھِيو.

٩

وڃھ واتاڙُئن تي، ميخاني جي ماڪَ؛
تيندي سُڌ سيے ڪنھين، ھنڌ ھنڌ پوندي ھاڪَ؛
پِره جا پياڪَ، جُ سي اَگَڙَ آئيا.

١٠

جُ سي اَگَڙَ آئيا، تہ سَرو ڪندا سُچ؛
سائِي تِيندين اُچ، ھي پِيتو! ھُو آڻ ڪِي!

١١

موڪِي چوڪِي نہ ٿئي، اصل اوچِي ذاتِ؛
وَتيون ڏيئي واتِ، مَتارا تنھن ماريا.

١٢

مَتارا مري ويا، موڪِي! تون نـ مَرين!
ڪيهِيءَ پَرِ پَرين، ڏُڪِي! ڏاتارن ري؟

١٣

مَتارا مري ويا، موڪِي! تون بِي مَرُ؛
تنهنجو ڏوسُ ڏمرُ، ڪونَ سهندو اُنِ ري!

١٤

سَري ڪين ڪيونِ، ويڻ َ موڪيءَ جي ماريا!
ڪو جو سخن ڪلال جو، پِتي تي پيونِ!
تِهان پوءِ ٿيونِ، مرڻ مَتارنِ کي!

١٥

ڪَنڌ ڪَتارو، مُنهن وتِي، عادت سندين اِيَّ؛
تنين تِڪُون ڏنيون، جُنبِي منجهان جِيَّ؛
سرو تن سَبِيَّ، جَن حاصل ڪيو حال کي.

١٦

موڪِيءَ مَنو نـ گُهريا، وِهُ نـ وهاتيا؛
سُرڪِيءَ ڪاڻ، سيَّد چئي، اُتي ٿِي آتِيا؛
جي ڳالهين ڳَنڱاتِيا، تن بَتَنِ پاسي بُتيون.

١٧

سِرُ ڏيئِي سَٽِ جوڙ، ڪنهن پِرِ ڪَلالن سين !
ڪاتِي ڪَرتُ ڪپار ۾، خَنجَرُ آڻي ڪوڙ !
مَرڻان مُنهن مَ موڙ، وَٽِي ٽِي وڏِ لهي !

١٨

وَٽَ وَٽَ وٽِيءَ ۾، مَٽَ مَٽَ مَنڌُ پيو؛
قدر ڪيفَ ڪلال جو، پياڪَن پيو؛
اَچن دُرسُ دڪان تي، ڪَنڌَ قبول ڪيو؛
سُرها سِرُ ڏيو، چِڪَن سُرڪَ سيَّد چئي.

١٩

ڪلالنئون ڪاءِ، مَٽِ نہ سِڪين مون هِنئان !
روئندي راتِ وهاءِ، چِڪائِيندي بَٽيُون !

وائي

دوسُ پيهِي در آيو، ٽيو ملڻ جو ساعيو؛
ڏِينهين پُڄاڻُون آڻي اسان ڪي، مولي مُحب ملايو؛
ويو وِڇوڙو، ٽيو ميلاپو، واحد واءُ واريو؛
هو جَنهِين جو ڏَسُ ڏُوراڏو، اوڏو اَڄ سو آيو؛
عَبْدُاللَّطِيفُ چئي، اَچِي عجيبن پاڻ فَضلُ فرمايو.

## داستان پنجون

١

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪـثر سين اَڏيارَ؛
بازي بازِندنِ کي، آهـي اَويسارَ؛
پِريا سين پَهڪارَ، رِنديءَ رَساڻي ڪيا.

٢

صوفِيءَ سيرُ سپِين ۾، جنهن رڱن ۾ ساه؛
سا نـ ڪري ڳالهڙِي، جنهن پويون پروڙي پساه؛
آهِس اِيُ گناه، جي ڪا ڪَري پڌِري.

٣

ڏِني ڏُکويا، اَڻ ڏِني راضي ٿيا؛
صوفِي تي ٿيا، جنهن ڪِينَ کنيائون پاڻ سين.

٤

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ پائيس ڪيرُ؛
منجهيان ئِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ؛
جنين ساڻس ويرُ، ٿئي تنين جو واهَرُو.

٥

صوفِيءَ صافـ ڪيو، ٽوئِي ورق وُجُود جو؛
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

٦

صوفِي چائِين، سَڏَ ڪرين ! صُوفين اِيَ نہ صلاحَ؛
ڪاتي رڪ ڪُلاهَ، وجهہ اُچلي آڳ ۾.

٧

جي ڪُلاهَ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم ٿِيءُ؛
وِهہ وٺِي هٿ ڪري، پُر پيالو پِيءُ؛
هَنڌُ تنين جو هِيءُ، جن حاصل ڪيو حال کي.

٨

جُسي ۾ جبَّار جو، خَفِي خِيمو کوڙ؛
جلِّي تون زبان سين، چار ٿِي پهر چور؛
فڪر سين فُرقان ۾، اِسم اعظم ڏور؛
پِيا در وجي مَ ووڙ، اِيُ اَملُ اِئائِين سَپَجي.

٩

عالَم آئُون ساڻ، پَريو ٿو پير ڪري؛
پاڻ نہ آهي ڇاڻُ، مانڊِيءَ مَنڊُ پکيڙيو.

١٠

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي رُوءِ؛
جنِين ڏٺي جُوءِ، تني ڪُڇيو ڪين ڪِي.

١١

طَالِبُ ڪَٿَرَ، سونهن سَرُ، اِيَ رومِيءَ جِي راءِ؛
ماڙهُو اِتِ ڪِياءِ، مَنڊُ نہ پسين مَنڊيو !

١٢

طَالِبُ ڪَثَرَ، سونهن سَرُ، روميءَ چيو آهي؛
تاڙِي جي لاهي، تہ مَنجِهين مُشاهدو ٿئي.

١٣

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجھ فنا ٿيا؛
تنين ڪي تعليم جِي، ڪِڙُه اندر ڪاني؛
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾ .

١٤

جن ڪي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنَّ؛
فِڪرَ فرَهِي هٿ ۾، ماڻ مُطالع ڪنَّ؛
پَنو سو پڙهنَّ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ ڪي.

١٥

سا سِٽَ نہ سارينِ، اَلفَ جنهن جي اڳَ ۾؛
ناحَقُ نهارينِ، پنا پيا پرينءَ لئِ.

١٦

سا سِٽَ سارِيائون، اَلفَ جنهن جي اڳَ ۾؛
"لاَ مَقصُودَ فِي الدَّارَينِ" اِن پَرِ اُٿائون؛
سَڳَرُ سوٽائُون، ٿيا رَسِيلا رحمٰنَ سين.

١٧

اَڪرَ پڙهي اَياڄِيا! قاضِي ٿئين ڪِياءِ؟
پيرِئين ۾ پانـِئين، ايڏا اِئن نـ آءُ!
اِنَ سُرڪِيءَ سندو ساءُ، پڇج عَزازِيل کي.

١٨

عاشق عَزازِيل، ٻيا مڙيئي سَڌڙِيا؛
منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتِي لال ٿيو.

١٩

جو مون پڙهيو پاڻ لَيءَ، سبقُ سابِقُ جو؛
پهرين سُڃاتم پانهنجي، نفسَ جو نِهو؛
جِي عَرفانُ اَصَل ۾، تِي رُوحن روزَ ڪيو؛
وري وَرَقُ پيو، گڏيم وَڍُ وصال جو.

٢٠

پَڙهيو تا پڙهنَّ، ڪَڙهن ڪين قُلُوبَ ۾؛
پاڻان ڏوهَ چڙهنَّ، جئن وَرَقَ ورائين وِترا.

٢١

اَڪر پڙه اَلف جو، وَرَقَ سڀ وسار؛
اَندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

٢٢

جئن جئن وَرَقَ وَرائِين، تئن تئن ڏنو ڏوهُ؛
تنهن ڪَهڙِيءَ ڪبو ڪوهُ؟ جي رهڙِيءَ رهيو نـ سُپرين.

٢٣

ڪاتِبَ ! لِکِين جئن، لايو لامُ اَلفَ سين؛
اَسان سڄڻُ تئن، رهيو آهي روح ۾ .

٢٤

تهڙا چالِيها نہ چالِيهَ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو؛
ڪهڙي ڪاتِبَ ! ڪَرِئين، متي پنن پِيهَ ؛
جي ورقَ وارِين وِيهَ، تہ اَکر اُهوئِي هيڪڙو.

٢٥

تَنُ ڪُڏِي، مَنُ حُجرو، ڪيم چاليها رَکَ؛
ڪوه نہ پُوڇيو پُوڇئين، اَتئِي پهَرَ اَلَکَ؟
تان تون پاڻُ پرَکَ! سَپِ ڪَنهن ڏانهن سامهون.

٢٦

سَپِ ڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالِي ناهِ؛
اَحَدا جي اَرَکَ تيا، سي ڪانئرَ ڪيا ڪانهِ؟
مُحِبُّ منجهين مَنَ مانهِ، مون اَچاٹندِيءَ اُجِهيو.

وائي

وِسارج مَ ويڻَ، جوڀن ٻہ ٽي ڏينهڙا.
لوٽيُون سَهَنِ لوڪ جا، وِهاڻِيءَ ٽيون ويڻَ؛
اصل اَسارِيُنِ جا، سُتي وِيَڙا سيڻَ؛
جيڏيون ! جي مانِ وِسَهو، ننڊ مَ هيريو نيڻَ؛
راتڙيُون جاڳن جي، سي آئُون ڪندڙي سيڻَ؛
آڌيءَ راتے اُٿِي ڪري، جهل تون نِندان نيڻَ.

## داستان ڇهون

١

دائودِي دَيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي رنگُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ اَينگُ، ڪاهيو پاڪَرئين هٽي.

٢

دائودِي دَيُون ڪري، رَنڪَنِ ڪونهي ڇيٽُ؛
گهوڙِيءَ هيٺ سُڇيٽُ، ڪاهيو پاڪَرئين هٽي.

٣

او قابِيلَ! اَڪين ۾، توکي باري بانَ؛
اُپو اَڳرايُون ڪرين، ماڳِ هٽيو مَستانَ؛
جانبَ! تون زيانَ، اَڪين سين ايڏا ڪرين!

٤

جي هو پائِينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپَر رکُ؛
مُنهَن ۾ معشوقن جا، چاڪَ چَتڪا چَڪُ؛
سورِي يانءِ مَ شڪُ، عاشقُ تِيُ تہ اُبَهِين.

٥

جي هو پائِينِ ڪانُ ڪَمانَ ۾، تہ سينو سِپَر ڏيجِ؛
منهن ۾ معشوقن جا، جهالُو تي جهليجِ؛
پاهان پَڳَ مَ ڏيجِ، عاشقُ تِيُ تہ اُبَهِين.

٦

پائي ڪانُ ڪمانَ ۾، ميان! مار مَ مون؛
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئِي توکي لڳي.

٧

ڪيو چڏين ڪانُ، هڏ نـ هٽائين تا؛
تيا جي نيشانُ، تـ پهرئين سان پورا هئا.

٨

لورِي جتے لڳوم، اُتِے اُپو ئِي آهيان؛
سورهُ پرين سَندوم، مانَ ٻاجهائي ٻيو هٽي!

٩

محبّتے جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽُ؛
سِرُ سورِيءَ، ڏڙُ ڪنگرين، متان ڪُڇين ڪَٽُ!
عشق نانگ نِپٽُ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

١٠

محبّتے جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪر مَ سانگ؛
سورِيءَ سُپيرين جي، چڙهُ تـ تئين چانگ؛
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏنِ ڪي پوي.

١١

عشق نـ آهي راند، تـ ڪي ڪنسِ ڳيرُو؛
جيَ جُسي ۽ جانِ جي، ڀيِي جو هيڪاندِ؛
سِسي نيزي پاندِ، اُچل تـ اَڏ تئي.

وائي

عشق تمام، بره تمام، وو! مئن لُوٺي يارَ لوڪو!
سيجَ سُتي نُون جهَپَ نہ آوي، نيٹين نند حَرامُ؛
راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنيالڻُ، اِي فقيران دا ڪامُ؛
مَتِ عقلَ دي مُنجهہ گَئِي، آيا عشق اِمامُ.

# داستان ستون

١

عاشقن الله، ويروتار نہ وسري؛
آهَ ڪَريندي ساهُ، ڪڍهن ويندو نڪري.

٢

عاشق اِئن نہ هُونِ، جئن تون سَڄي اگَرين؛
وڃي در دوستن جي، رَتُ ڏِهاڙِي رُون؛
ٻِيَ پِرَ ڪَنهِين نہ پوَن، ماڪُرِ محبوبنِ سين.

٣

جان عاشقَ متي رَتُ، تان دعوىٰ ڪري مَ نِينهن جِي؛
سائو مُنهن، سُونهن گَئِي، سِڪَڻَ اِيُّ شرط؛
نَڪِي گوڏِ گَرَٿُ، متا سِرَ سؤدا ڪري.

٤

اَڃا تو منجهان، ڪَڪَ چِتي رتُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جهَلِيندي گهاءَ؟
سو تون ڪُڇاڙيا، سِڪَڻَ جون سَڏُون ڪرين؟

٥

سِڪڻُ ۽ سورِي، ٻئي اَکَرِ هيڪڙي؛
وِهڻُ واتَرَين تي، ڪارَڻُ ضرورِي؛
ٻنهي جِي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نہ جڙِي.

٦

جيڪِي سِڪَڻُ سِڪُ، ناتَ پَسُ سِڪَندئين؛
پاسي تنين مَ لِڪُ، نِينهُن نہ سُڃاڻن جي.

٧

عاشقَ! معشوق جِي، وِٺِي ويھُ ڳِرَي؛
جِمَ وِرچِي ڇَڏِئين، سَندِي دوستَ دَرِي!
ڏِيندا ٻُڪِي ٻاجهَ جِي، ويندءِ ٺَپَ ٺَرِي؛
اَسان تان نہ سَرِي، تون ڪئن سَرِي سپرين؟

٨

عاشقَ! معشوقن جو، وِٺِي ويھُ ڏُکاڻ؛
پَئِج پيش پرِيُن جي، پِٽِيءَ وجِهي پاڻ؛
تہ تون تنِين ساڻُ، سدا رهِين سُرخُرو.

٩

عاشقَ! معشوق جو، وِٺِي ويھج گهٽَُ؛
جِمَ وِرچِي ڇَڏِئين، موڪِيءَ سندو مَٽُ؛
ڪري سِرَ جي سَٽُ، پِيِج ڪي پِيالِيُون.

## وائي

سُپيريان جي سونهَن جِي، ڳالھ ڪِينَ وڃي؛
وڃِي دَرِ دوستن جي، سُوريءَ سِرُ هَڃِي؛
عاشقَ اَنگُن چڙھيا، ٻيو سَيڪو يَڃِي؛
پُڇِج پوءِ پِريتَڙون، پهرين سِرُ سَڃِي؛
عاقِلَ ئِي اوچُون تيا، پورو ڪِينَ پَڃِي.

# داستان اٺون

١

هَرَ هَرَ هَرائِي، وچڻ دَرِ دوستن جي؛
پاڙي ڏانهن پرينِ جي، اُجُ مَ اَوائِي!
اَلڙُ تِي آچ مَ تون، واتاڙُن وائِي؛
لائيندءِ، لَطِيفُ چئي، سُوران سَرهائِي؛
ڳُجهو ڳالهائِي، پِرتِ وَتجي پاڻ ۾.

٢

سُورُ جنين کي سَريو، سَري تن صحتَ؛
مِٺِي مصيبت، آهي عاشقنِ کي.

٣

جي پياري پاڻَ، تہ ڪَرهو تِي پاٽِي پئين؛
اڳِي اِنَ نِياڻ، اَڻ ڪوٺيو ڪونَ گِهڙي.

٤

اَڻَ ڪِي عيان نہ ٿئي، ڪِي پروڙي ڪونَ؛
سچِي جيهِي سونَ، منهن نہ پيئِي ماڙهُوئين.

٥

اَڻَ ڪِي عيان نہ ٿئي، ڪِي پروڙي ڪونَ؛
سا سُونهِين ٿئي سونَ، اَمرُ عطا جنهن جو.

٦

چِنَنِ توءِ مَ چِڻُّ، پاءِ اُميِري اُنِ سين؛
جي اَوگڻ ڪَنِئِي، اَسُونهين! تـ تون ڳُڻان ئِي ڳِڻُّ؛
پاند جهليو تون پِڻُّ، هن سُونهاري سَگَّ ۾ .

٧

نَمِي ڪَمِي نهار تون، ڏَمَرُ ڏولائو؛
ٿِيَيءَ ساجائو، جي اُپِئين اِنهِيءَ پيرَ تي.

٨

ڪَمُ! ڪَمَندنِ ڪٿيو، هارايو هوڙَنِ؛
چڪيو نـ چُوندنِ، هو جو ساءُ صبرَ جو.

٩

ڪَمَندَڙَن گهِرِ ڪِين، چوَندڙ چڱا نـ ٿيا؛
ويٽَنِهُون ويڌُ پَئي، هٿِ نـ اَچي ڪِين.

١٠

هُو چوَنِئِي، تون مَ چؤ، واتان ورائي؛
اَڳُ اَڳَرائِي جو ڪري، خطا سو کائي؛
پاندَ ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِينَ ڪي.

١١

ڪِنين ڪِينَ پِرائيو، ڪِيني منجهان ڪِين؛
جي هوءِ سَتاڻِي سِيگَّ، تـ زِهَ چِني جوکو ٿئي.

١٢

اَڻ چَوندَنِ مَ چؤ، چَوندَن چيو وسار؛
اَتِئِي پَهَرَ اَدبَ سين، پَرِ اِهائي پارِ؛
پايو مُنهن مُونن ۾، غُربتَ ساڻ گُذار؛
مُفتِي منجهہ وهارِ، تہ قاضيءَ ڪانيارو نہ ٿئين.

١٣

جِنين سَندِيءَ "پوڌَ" ۾، يَتون يَتين "جِيُ"؛
تَنَ ! تنين سين پِيُ، اوڏا اوڏي پَڪَڙا.

١٤

ويٺي جِنين وَٽِ، ڏُکَندو ڏاڍو ٿِئي؛
سا مَجلِس ئِي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هَزارَ جو.

١٥

وَيٺي جِنين وَٽُ، ڏُکَندو ڏُور ٿِئي؛
تَنَ ! تِنين سين ڪَٽِ، اوڏا اَڏي پَڪَڙا.

وائي

يار سڄڻ جي فراقَ، ڙِي جيڏيُون ! آئُون مارِي !
دَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هوندا، مُون جيها مُشتاقَ؛
جاتي ڪاتي محبوبن جي، آه حُسنَ جِي هاڪَ؛
سُرمو سَهِي ڪر اَکين جو، خاص پِريان جي خاڪِ؛
عَبْدُاللَّطِيفُ چئي، پرين اَسانجو هميشه آ حُسناڪُ.

# سر ڪنياتِ

## داستان پهريون

١

ڀَلا ئِي آهِينِ، پِرين ڀَلائِيءَ پانهنجي؛
سَڀاجها سِرِ چَڙهيو، ڏوراپو نہ ڏِينِ؛
مانَ ڏي مَديُون تِينِ، سَڄَڻَ سَچايِنِ ۾.

٢

تون چَنڊَ! اُهوئِي، جو هُتِ پَسين تو پِرينءَ کي؛
آڏِتِ چئج اُنِ کي، ڏِيانءِ جو روئِي؛
هيڪاندِيءَ هوئِي، سانگُ مَ پوي سَڄَڻين!

٣

مَرُ هيڪاندا هُونِ پِرينِ، سانگِ مَ وڃن سيڻَ!
رهيا آهِينِ روحَ ۾، نِتِ جِنين جا نيڻَ؛
وِماسِيا جِن ويڻَ، تو تارِيءَ تَڳِي تِنِ هِنئُون.

٤

راتِ سَهائِي، پُون سَنئِين، پائِي! گُهرجي پَلُ؛
آهرُ ۾ ايلاچِيُون، چَندَن چَري چَلُ؛
مون توئِي سين ڳالهڙِي، ٻِئي ڪَنهِين مَ سَلُ؛
هاهرُ ڪندو هلُ، تہ ڪِجايُون ڪَرِنِ کي.

٥

چوڏھِينءَ چَنڊَ ! تون اُڀرين، سَھسين ڪَرِئين سينگارَ؛
پَلَڪَ پِريان جي نہ پڙين، جي جِيلَنِ ڪَرِئين ھَزارَ؛
جھِڙو تون سَڀَ ڄمارَ، تھِڙو دَمُ دوستَ جو.

٦

سھسِين سِجَنِ اُڀري، چوراسِي چَنڊَنِ؛
بہ اللہ ري پِرينَ، سَڀَ اُونداھِي ڀانئِيان.

٧

چَنڊَ ! تنھنجِي ذاتَ، پاڙيان نہ پِرِيُنِ سين؛
تُون اَچو ۾ راتِ، سَڄَڻ نِتُ سوجھِرا.

٨

چَنڊَ ! چوانءِ سَچُ، جي مَتِي نہ ڀانئِئين؛
ڪَڏھن اُڀِرين سَنِھڙو، ڪَڏھن اُڀرين ڳَچُ؛
مُنھَن ۾ ٻَرِيئِي مَچُ، تو ۾ ناھِ پيشانِي پِرينءَ جِي.

٩

ڪَٽِي نيڻَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ؛
سُورجَ شاخُون جھَڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ؛
تارا ڪَتِيُون تائِبَ ٿِيا، ديکِيندي دِلبَرُ؛
جَھَڪو ٿيو جَوھَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

١٠

تارا تيلِيءَ رُوءِ، لُڏا لالَنَ ! اُپِرين؛
جَهِڙِي تو صُبوح، تَهِڙِي صافِي سَڄَڻين.

١١

توڏانهن گهٽو نِهاريان، تارا ! تيلاهِين؛
سَڄَڻُ جيڏاهِين، تون تيڏاهِين اُپِرين.

١٢

هُنَ تاري، هُنَ هَنڌِ، هُتِ منهنجا سُپِرين؛
سَڄَڻَ ماڪيءَ مَنڌِ، ڪَوُڙا تِين نہ ڪَڏَهِين.

١٣

تارا، تِرَ، تِروڪِٽيؤن، مَتِن قُلَڙيُون؛
ڪوءِ ! سي راتَڙيُون، جي مون پِرينءَ پُڄاڻا پيئِيُون.

## وائي

وَهلِي وَڃُ مَ وِهامِي! رَهُ راتِ! راڻِيندِيس پرِينءَ ڪي.
شَمع ٻِيندِيَس شَبَ ۾، اِن خوشيءِ ڪان ڪامِي؛
بابُوئن سندِي باه جِئَن، ٻَران شال اُجهامِي!
پِرتِ جا پِيتَم جِي، سا ڪِينَ پروڙي عامِي؛
مونکي مون پِريُن جو، آهي دَردُ دَوامِي؛
آهيان يارُ سَيِّدَ جو، ڪانَ رهِي ڪا خامِي؛
هُوءَ جا لَنؤُ، لَطِيفُ چئي، مونکي آهي مُدامِي؛
روشَنُ ٿِيان رُجِنِ ۾، جي هُئان لَنؤُ اِنهيءَ لامي؛
ڪارِي سا قِيامَ سَنئِين، هوتُ جنهنجو حامِي؛
آيَم تَنهِين لوڪَ سان، جيسِين مان چَوَن سامِي.

# داستان ٻيو

١

ناسِيندي نِگاهَ، پهرين ڪج پِرينِ ڏي؛
اَحوالَ عاجزن جا، آکِج لَڳِي اللهَ؛
روزُ نِهارينِ راهَ، اَکيُونِ اُوهانجي آسِري.

٢

چِڱا چَندَ! چَئيج، سَنِيها ڪي سَڄَڻين؛
مَتان اَگَڻ اُپِري، پِريُنِ جي پَئيج؛
جِهيڻو ڳالهائيج، پيرين وجِهي هَٿڙا.

٣

اُپِرُ چَندَ! پَسُ پِرينِ، تو اوڏا، مُون ڏُورِ؛
سَڄَڻَ سُتا وِلَهه ۾، چوٽا پَري ڪَپُورِ؛
پيرين آئُون نه پُڄِي، ٻاٻُلِ ڏِئي نه ٻُورِ؛
جنهن تي چڙهِي اَسُورِ، سَنجهي سَڄَڻَ سِيتِيان.

۴

ڏَٺِي! ڪَريندين ڪَڏهِين، حياتِيءَ هيڪانڊِ؟
مَنَ ۾ مُشتاقَنِ جي، ڪِي رنجائي راندِ؛
پِرين ڏيساندَرَ پاندِ، ڳُجُهه ڳَرهِيان ڪَن سين؟

٥

هِنئَڙي سَڄَڻَ سارِيا، ڪِتي هُوندَمِ هيرَ؟
اَچِي لالَنَ! نہ ڏِئين، مَتي پَلَنگَن پيرَ؟
تِي وَرُونَهَڻَ ويرَ، ڳُجھ ڳَرِهيان ڪَن سين؟

٦

ڪَرَهو نہ ڪيڪانُ، پيرين آئُون نہ پُڄِي؛
جو مون راتِ رَساڻِي، نيئِي ساجَنَ سانُ؛
مُون نہ وَهِيٽو پانُ، ويٺِي نيڻَ نِچوئِيان.

٧

ڪَرَها! ڪَسَرَ چِڏِ، وِڪَ وَڏَندِي پاءِ؛
منهنجو هلڻَ اُتَهِين، جِتي جانِبَ جاءِ؛
توکي چَندَنُ چارِيان، ٻِيو وِڳُ، لاٽِي ڪاءِ؛
اِئين اُٺَ! اُتاءِ، جِيئَن هوندِيءَ راتِ هُتِ مِڙُون.

٨

ڪَسَرَ چِڏ ڪَنواتَ! وِڪُون وِجھُ وَڏَندِيُون؛
سَنئِين سُپِيرِيَنِ جِي، وِنگِي يانءِ مَ واٽَ؛
چِڏ جهورِي، ڏي جهاٽَ، تہ هوندِيءَ راتِ هُتِ مِڙُون.

٩

آڻي ٻَڌمِ وَڻَ جاءِ، مانَ مُڪريُون چَرِي؛
ڪُڏاتُورو ڪَرَهو، لِڪِيو لاٽِي ڪاءِ؛
اِنَ مَئِي سندي، ماءِ! مُون کي ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو.

١٠

مَيا ! مَچ مِنٺَ، اَڄ منهنجي ڪَرَها !
جهاڳيندي جرَ پٽيُون، مَتان ڪَرئين ڪٺَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، مُون کي نيئِي ميڙِئين.

١١

ڳِل ڳانا ياقُوتَ جا، موتِيُن ڳُتيَس مالَ؛
ڪَدِيفي جي ڪَرَها ! هيدِي پاينءِ حالَ؛
چَندَنُ چارِينءِ جالَ، جي مُون راتِ رَساڻِئين.

١٢

مَيا ! تو مَهارَ، سڄِي پايان سونَ جي؛
چارِينءِ چَندَنَ چوٽِيُون، نايو مينڌِيءَ ڏارَ؛
سَنڌِي پِيَ پَچارَ، جي مُون راتِ رَساڻِئين.

١٣

اُٺُ نہ وڃي وَڳَ سين، چَري نہ چانگو؛
لَڳيسِ نائڪَ نِينهَن جي، نِهوڙِيو نانگو؛
ڇَڏي سِرَ سانگو، رڙهي رَندِ پِرينَ جي.

١٤

وِهي مَنجهين وَڳَ، ڪَٿُوريءَ ڏارَ چَري؛
ماءِ! منهنجي ڪَرَهي، پَڌِر پِڳَ نہ لڳَ؛
جڳَ سين جهڙو جڳَ، هِنئين سين هُتِ چَري.

١٥

اَڄ نہ اَڳِينءَ ڏارَ، ڪَڙهو جيئَن ڪالهه هو؛
اَڳَڻَ آيو نہ ڪري، پاهوڙي پَچارَ؛
جيڪُسِ مَنجهه قطار، ڪا وَلِ چِنائين وِهُ جي.

١٦

مَيي ماڪائِي، وِڏو واتُ وَليُنِ ڪي؛
خَبَر تِي ڪيتَ ڏَٽيُنِ ڪي وِڏُوڙا واهِي؛
ڪَڙهي ڪاڪَتَ چِڏِي، وَريسِ نہ وائِي؛
چانگي چَريائِي، ويئِي ويچاري وِسرِي.

١٧

وَتِي سيتَ سُوَتَ، پاءِ پنهنجي ڪَڙهي؛
وَليُون واسَ وَرنيُون، پَهريُون مَتِي پَتَ؛
چانگي چَتِي چَتَ، تہ پوءِ نہ رَهَندو پَئِدَ ري.

١٨

ڪَڙهي ڪي ڪَئِين، وِڏَمَ پَئِدَ پَلَڻَ جا؛
ليڙو لاٽِيءَ ڪي چَري، نِيرَ ساڻَ نَئِين؛
چانگي سَندي چِتَ ۾، صاحبَ! وِجهُ سَئِين؛
اوباهيوس اَئِين! لُطفَ ساڻُ لَطِيفُ چئِي.

١٩

چانگي چِئِي چُڪياسِ، مَتان اَڪَ نہ اُلَهي!
جنهن وَلِ گهٽا وِهاتيا، اُنَ سين آرِ لَڳياسِ؛
چوٽارِي چَندنَ وَڻَ، پَڇِي پُوڄَ پِياسِ؛
رُئاري رَتُ ڪَياسِ، هِنَ ڪُڏاتُوري ڪَرَهي.

٢٠

اُتي اَڙائِينس، چڏيو تہ چيڪَ تِيو؛
كارايانِ، كِڙيو وڃي، پَلاٽي پائِينسِ؛
ڏانوَڻِ تنهن ڏائِينسِ، جِئَن چَري ۽ چِنگهي پُٽو.

٢١

دُو دَستِي، دُو پيرَ، سِيني سَنگهَرَ رُڪَ جِي؛
ماءِ! مُنهنجي ڪَرَهي، تازي قُلَنِ هيرَ؛
تنهن ڪامَڻَ ڪَندِي ڪيرَ؟ جو مُونهِين وَتِہ مَسَ رَهي!

٢٢

ڪِنين ڪامَڻَ ڪَياءِ؟ ڪِيئَن پَنيولِئين؟ ڪَرَها!
اَكِيُنَ مَتي اَكيا، پِڙ ۾ پيرَ گَناءِ!
وَڳَ ڪِہ وِسرِياءِ؟ ٻَڌو جِئَن گهاٽي وَهِين.

٢٣

كائي نہ كَتَٽهارَ، چَندَنَ جا چُوپا ڪَري؛
اَگَرَ اوڏو نہ وَڃي، سِركَندَ لَهي نہ سارَ؛
لاٽِيءَ جي لَغارَ، مَيو مَتارو ڪيو.

٢٤

چانگا ! چَندَنُ نـ چَرِينِ، مَيا ! پِئَينِ نـ موڪَ؛
اَگَرَ اوڏو نـ وَڃِينِ، تُڪيو چِڏِئينِ توڪَ؛
لاٽِي وِچانِ لوڪَ، تو ڪَهڙِي اَڪِرِ آئِڙِي؟

٢٥

جِئانِ ڪوڙِ ٻـ ڪاتيُونِ، پَنجين لَکين پاءُ؛
مَيو تنهن ماڳاءِ، ڏِيهاٽي ڏارَ چَري.

٢٦

لَکِ لاکِيٽو ڪَرَهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاهِ؛
ايلاچيون آهرُ مِ، پُوجَ مَيي کي پاءِ؛
ڪَتِ نـ ڪَندو ڪاءِ، جُ پِلاٽيو تـ پِرينءَ مِڙي.

وائي

سَدِين سيڻَ نـ هُونِ، نِينهُنَ نِياپي نـ تِئي؛
ڪارِيءَ راتَ رَتَ ڦڙا، جانِ جانِ نيڻَ نـ رُونِ؛
موتَڻَ جنِين ميهٽو، پِڙَ تي سيئِي پُونِ؛
جِنَ مُسافر سُپِرينِ، سي مَرُ رويو رُونِ.

وائي

توٽي تَڙِئين تُونِ، يا اَلا! تو درُ توءِ نـ ڇڏيانِ !
مون کي سو مُشاهِدو، جي مُنهن نـ ڏِئين مُونِ؛
مُون ٻيا درَ گهٽا نِهاريا، آهِئين تُون ئِي تُونِ.

# سر سريراڳ

## داستان پهريون

١

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرين، چِتان لاهِ مَ چرُ؛
اُنِين جا اَمرُ، ڪَنُ تہ خالي نہ ٿئين.

٢

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرين، چِتَ ۾ رکِج چيتُ؛
سِڙهُ ڏُئاري صافُ ڪر، صابُڻَ ساڻ سُپيتُ؛
سامُونڊِي! سُچيتُ، تِيُ تہ پَهچِين پارَ ڪي.

٣

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرين، چِتان لاهِ مَ چورُ؛
ڪَڍِي چِڏِ قَلبَ مان، ماري ڪُوڙو ڪورُ؛
هُنَ پِرَ سَندو هورُ، متان تو معافُ ٿئي.

٤

مانَ پُڇَنِئِي سُپِرين، چيتاريج چِتُ؛
دائِما دُوربِيءَ ۾، پَسِين وِلاتُن وِتُ؛
نيهُ نيڪاري نِتُ، مَلاحَ! گَڏ مُعلِمَ سين.

٥

ڪَــايو ڪَــمَايومِ، موتِي مون نـ وَٽِجيا !
سِيھي جو سَيَّدُ چئي، وَکَـرُ وِھـايومِ؛
ھَـھِڙو حالُ سندومِ، توهَ تُنھنجي اُبَـھان !

٦

ڪَچُ ڪَـمَايومِ ڪـوڙُ، پَـڳِمِ عَھدَ اَللهَ جا !
پِڇرو جو پاپَڻ جو، سو چوٽِيءَ تائين چُورُ !
مَعلومُ اَٿيئِي مُورُ، ڳُوڙھا ! اِنھيءَ ڳالھ جو.

٧

ڪُوڙُ ڪَـمَايُءِ ڪَـچُ، اُٿي اوِر اَللهَ سين؛
ڪَـڍُ تُون دَغا دِل مان، صاحِبَ وٽي سَچُ؛
مُحبتَ سندو مَڻ ۾، ماڻِڪَ ! پارِج مَچُ؛
اِنَ پَرِ اُٿِي اَچُ، تـ سَودو ٿِيئِي سَفَرو.

٨

لُڙَ، لَھِريون، لَسَ، ليٽَ، جِتي اَنتُ نـ آبَ جو؛
الله ! اُتِ مَ اولِئين، پيڙا مَٿي پيٽَ؛
جوکو ٿِئي مَ جَھازَ کي، ڦَرَھي اَچي مَ ڦيٽَ؛
لِڳي ڪـا مَ لَپيٽَ، ھِنَ غارِيبي غُرابَ کي !

٩

سِڙهَ سَنوان، لاڇُو نَوان، مُهاڻا سندن مِيرَ؛
ساٿِي سَفَرِ هَلِيا، ٿِيا سَٽاوا سِيرَ؛
جي اَچَنِ ساڻُ اُڀِيرَ، سي ٻيڙا رَکِين ٻاجهَه سين.

١٠

منجهان پيئي مَڪُڙِيءَ، ڪا جا پاڻِيءَ بُوند؛
سيئِي ڏِٺم رُوند، وَڪَرُ جِن وِڃائِيو.

## وائي

سَهسين شُڪرانا، ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمَ جا.
حَمد چيئج حڪيم کي، جورِ هٽِي جانا؛
تو ڏيکاري تو ڏٽِي، باطِنَ جا بانا؛
مَتان، مردَ! وسارئين، صاحبَ جو ثَنا؛
دوستُ رکِي دل ۾، پَڙهَ لالَنُ لِسانا؛
جَفا ڏيئِي جِيَ کي، ٿِيُ فِڪرَ منجھ فنَا؛
تُسِي تو سين توهُ ڪري، مَنَ آگو اَحِسانا؛
ڪَڍُ تُون دَغا دِل مان، ٻانهَپَ سين، ٻانا!
صاحبَ وٽي سَچَ سين، ٿِيُ دانهُ، دِيوانا!
جي تَسلِيمَ سين تَحقِيقُ هئا، سي ڪِئن اَمانا؟
جاڳِيا جي جَبارَ لَءِ، سيئِي سَمانا؛
فَاذْكُرُونِيْ، اَذْكُرُكُمْ، ڪَهِيو قُرآنا؛
وَاشْكُرُوْالِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ، ڪَڍُ تون ڪُفرانا؛
سَيِ سَنوريا سُپِرينءَ، ڪُوَلَ تو ڪَنا؛
چَڱِي چيئج چاهَ سين، مَدحَ اِيَ مَنا؛
تائِبَ ٿيو تَڪڙا، جوشا، جُوانا!
نہ لَهِين تُون لَطِيفُ کان، اَمَنُ اِيمانا.

# داستان ڇهون

١

جيڪي منجهه جَهانَ، سو تارِيءَ تَڳي تُنهِنجي؛
لُطفَ جِي، لَطِيفُ چئَي، تو وٽ ڪَمِي ڪانَ؛
عَدُلَ ڇُتان آئُون نـ، ڪو ڦيرو ڪَج فَضُلَ جو!

٢

سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳِي جن ياد ڪيو؛
اُنِ جِيَ، عَبُدُاللَطِيفُ چئي، مِٽِيءَ لڌو مانُ؛
ڪوڙين ڪَن سَلامُ، آڳَهِ اَچيو اُنِ جي.

٣

سيوا ڪَر سمندَ جِي، جِتِ جَرُ وهي ٿو جالَ؛
سَئين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻِڪَ، موتِي، لالَ؛
جي ماسو جُڙيئِي مالَ، تـ پُوچارا! پُرِ ٿِئين.

٤

سي پُوچارا پُرِ ٿِيا، سمند سيويو جِنِ؛
آندائُون عَمِيقَ مان، جُوتِي جوُاهرنِ؛
لَڌائُون لَطِيفُ چئي، لائُون مان لَهرنِ؛
ڪانهي قِيمتَ تِنِ، مُله مَهانگو اُنِ جو.

٥

سيوِيو جن سُبحانُ، وِير نہ وِڙهي تن سين؛
توبہَ جي تاثِيرَ سين، تَري ويا طوفانُ؛
ڏيئِي توَڪَّلَ تَڪِيو، آرُ لَنگھيا آسانُ؛
ڪامِلُ ڪِشتِيبانُ، وِچ ۾ ڳَڏِيُن واهَرُو.

٦

سارِي راتے سُجانَ، سَودو ڪَن صاحبَ سين؛
ٻانهپَ ٻَري ٻيڙِيُون، هليا جوپَ جُوانَ؛
پاڻِي پَهلوانَ، لَحظي مَنجِھ لَنگِهي ويا.

٧

اِيَ ڳَتِے غَوّاصَنِ، جِئَن سَمنڊُ سوجهيائُون؛
پيهِي مَنجِھ پاتارَ جي، ماڻِڪَ ميڙيائُون؛
آڻي ڏنائُون، هيرو لال هَتَنِ سين.

٨

آڇاڙا عَمِيقَ جا، ڳَڏيا غَوّاصَنِ؛
جَهرِيُون جهاڳِي آئِيا، ڪارُونيارَ ڪُنَنِ؛
سمنڊُ سوجهي جَنِ، آڻي اَمُلَ اولِيا.

٩

ويا جي عَمِيقَ ڏي، مُنهن ڪائو ڏيئِي؛
تِن سِپُون سوجهي ڪَڍيُون، پاتاران پيهي؛
پَسَندا سيئِي، اَمُلَ اَڪَڙِيُن سين.

١٠

آڏو ڇِڪَڻُ ڇاڙُ، مُنهنجِي موجَ نہ سهي مَڪُڙِي؛
ميڙي مَتاينِ جو، بيحَدِ ڇاڙهيمَ بارُ؛
ڇوَڻَ ڇارو ناهِ ڪو، بَديُونَ بي شُمارُ؛
ڪَپرُ ڪارُونيارُ، اُڪارِئينِ اِحسانَ سين.

١١

ويرَ مَ لاهي ويهُ، متي آرَ اوڙاهَ جي؛
پَسِي پاڙي واريُون، ڪج اَنديشو ايهُ؛
ويندو نہ پَسِين ڏيهُ، پَتَرِڻ هُنَ پارِ مَٿي؟

١٢

هِڪِي ٻانهي ڇِتَ ۾، ٻِي سِتِي صاحِبُ؛
ڪَڍي اُونهي ڪُنَ مان، اِي آڳي جو عَجَبُ؛
اِيُ سائينءَ جو سَبَبُ، جِئَن ٻُڏا اُڪاري ٻارِ مان.

١٣

هِڪِي ٻانهي ڇِتَ ۾، ٻِي جا ڪري اَللهُ؛
پاڻَهِين وجهي ڪُنَ ۾، پاڻَهِين اُڪاري اوڙاهُ؛
تنهن واحدَ کي واهُ، جو سُتَرِ سيئي ڪري.

## وائي

ڪَنڊِي سارِيان ڪانَ، يا اَمَنُ ! اَمانَ !
يا اِلاهِي ! ٻاجهَ ٻِلاتِي ٻانئِيان.
ڳَٺَڙَ ڳاٽيتو ناه ڪو، اَپِر تيا عِصيانَ؛
خبرَ ناه قَبرَ جي، نِسورا نِسيانَ؛
والِي ! رَسج وَهِلو، اَرَڪِ تيا اَنسانَ؛
سُڻُ سَڀاجها سُپِرين، نَعرو نِگَهبانَ !
مَدِيُون پَسِي منهنجون، شَرمايا شَيطانَ !
هِنَ منهنجي حالَ تي، هَيءِ هَيءِ ڪَن حَيوانَ !
سائِين ! سُڪاٽِي آهِئين، سامُونڊِي، سُبحانَ !
تُرَهو چِنمُ تارِ ۾، رَسِج تون رَحمانَ !
ٻيلِي جو ٻُڏَنِ جو، مون تي موٽي مانَ؛
وينو پِني پِنٽو، ڪَر پيرو متي پانَ؛
خالِقَ تان خوبُ ڪيا، گولَنِ جا گُذِرانَ؛
آئُون پڻ اَندو اُنِ ۾، وينو پِنان پانَ؛
سَڀِ سُوالِي سَمِگيا، داتا ڏيئِي دانَ؛
وِلها سڀِ وَنهيا ڪيا، تنهنجي جُودَ، جُوانَ؛
مَتان مُونکي چِڏِئين، ٻيلِي سندا ٻانَ !
ويرَ ! وَسِيلو آهِئين، داڙوُ ۾ دِيوانَ؛
لاءِ ڏُهارِينِ ڏينهَن کي، خِيمو اَڏِيو خانَ؛
اُتي عَبدُاللَطِيفُ چئي، سُٽِج ڪا سُلطانَ !

## داستان ٽيون

١

ڪُوها ڪالهه ڪٽِي، اُنِ وِڌا اُتَرَ آسَري؛
اَلا جهُري مَ اُنِ جي، اولي جي اَٽِي؛
وَٽجارَنِ وَٽِي، وَکَرُ وِڌو ٻيڙِيين.

٢

وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئِي پُراڻو نـہ ٿِئِي؛
ويچِيندي وِلاتَ ۾، ڌَرو ٿِئِي نـہ ضاءِ؛
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳهِ جَنهنجي اُٻهِين.

٣

اوريائين آٽِينَ، ميڙيو مُعَلِمَ خَبَرُون؛
سا تان سُڌِ نـہ ڏِينِ، جتي وَهُ ويڌَ ڪري.

٤

ٻيڙِي پُراڻِي، وَکُرَ پاءِ مَ وِتَرو؛
تَري ۾ تُنَ پيا، پاسَنِئُون پاڻِي؛
هِيءِ هَڏِ وِهاڻِي، ڪَڙهُ ڪالهوڻي ڏِينهَنَ ڪي.

٥

تَري تُنَ پِياسِ، پاسَنِئُون پاڻِي وَهي؛
ڪُوهو جهُرُ جِهنو ٿيو، لاڄُو سَيِے لَڙياسِ؛
جيلان سَڌَرُ سڪاٽياسِ، وَهي تي وَهَ سامهون.

٦

ويتو تُنَ تُنِينسِ، مَکِ ڏيھاڙِي مَڪُڙِي؛
سَنباھي، سَيَّدُ چئي، متي نيندؤ ءِ نِينسِ؛
وَتائي وَڏاندَرا، لاچُو لِڳائِينسِ؛
آخرِ اُھِرائِينسِ، تہ جوکو تِئي نہ جھازَ کي.

٧

اَچِي سو ڏتوءِ، جو ڪَپَرُ سوءِ ڪَنَنِ سين؛
سُتي لوڪ لَطِيفُ چئي، يادِ نہ ذرو ڪيوءِ؛
غافِلُ تِي غُرابَ کي، اوڙاہَ تي آندوءِ؛
سو چِترَ چُوھي کانَ رَکِينَ! جو پِيو پُراڻو پوءِ؛
جھاز ضَعيفَنِ جو، پاڻِيءَ ۾ پَرتوءِ!
سَيَّدُ! ساڻُ سندوءِ، پرِ بَندَرِ پَھچائِين!

٨

جُتو وانءُ جَھازَ! گَڏيو غُرابَنِ سين؛
پُورِيندي ھُنَ پارَ ڏي، سَڌَرَ کَٽِج سازَ؛
اَچِنِ تا آوازَ، سَتاڻي سَمُنبَ جا.

٩

دَنگي وِچ درياهَ، ڪِي ٻُڏي ڪِي اُپڙي؛
هُو جي وادي واٽيا، سي سُونهَڻَ سيءِ سَڙيا؛
مُعُلِمَ ماڳِ نہ اَڳِئين، فِرَنگي مَنجهہ ڦِريا؛
مَلاحَ! تُنهنجِي مَڪُڙِيءَ، اچي چورَ چڙهيا؛
جِتي ڏِينگَ ڏِريا، تِتي تارِي تُنهنجِي!

١٠

ٻيڙِياتا! ٻيئِي، تو نہ ڦَٻَنديُون ڳالهَڙيُون؛
سَچِيُون راتِيُون سُمهِين، پَرُ سُڪانُ ڏيئِي؛
صُباحَ سَيئِي، پارِ پُڇَندءِ خَبرُون.

١١

وَهَ تِڪَ وَهَڪَرا، جِتہ لَنگرَ نہ ٺَهرَنِ؛
وڏا ندَريُون وَهَ سامُهِيُون، جَهجهي زورِ جُنبَنِ؛
نيڊوءَ ۾ ناتارِيُون، وَٽِجارا وِجهَنِ؛
مُلان مُعُلِمَنِ، مُون ڳَري سُئِي ڳالهڙي.

١٢

وَٽِجارا! ويني، تو نہ سَرَندي شاهَ ري؛
مَڪِ پَنهنجِي مَڪُڙِي، چِڳِي ڪَر چيتي؛
پاسا پاڪڙِين جا، سَمُنڊُ تو سيڪي؛
جي لُنڊا ۾ ليڪي، وِيرِ وڙهندِي تِن سين.

١٣

ناکُئو نِگَھبانُ، مُعُلِمَ مُنجي خَبرُون؛
جِنَ ساري ڪَنيو سَمندَ تي، سَفَرَ جو سامانُ؛
لُطفَ ساڻ لَطِيفُ چَئَي، تِنَ لَنگھيو طُوفانُ؛
سَنياري سُبُحانُ، وڃِي عادَنِئُون اُڪَتَا.

١٤

بَندَرِ جانَ پَئِي، تہ سُڪاڻِيا مَ سُمهو؛
ڪَپَرُ ٿو ڪُنَ ڪري، جِئَن ماڻي منجھ مَهِي؛
ايڏو سُورُ سَهِي، ننڊ نہ ڪجي، ناکُئا!

١٥

سُتا سَپِ پَئِي، سَندي مُعُلِمَ آسري؛
اَئِينَ پڻ سُمهو، ناکُئا! بَندَرِ ناھ پَئِي؛
جن جِي سَيدَ لَڄَ ڪَنِئِي، سي سپِ لَنگھيندا لَڪيُون.

وائي

ساٿِينِ نَنڌا بارَ، وو! تن پانڌِينِ نَنڌا بارَ؛
توکي آرسُ اَڪَرِيُنِ ۾!
پاتا پاڙيوارِيين، پِگھَ منجِھ پاتارَ؛
پَتڻُ ٿو پُورَ ڪري، آئَي تُنھنجڙي وارَ؛
سَڄِيُون راتيُون سُمهِين، ڪِيو منجھ خُمارَ؛
ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، هَلَڻَ جِي هاڪارَ؟
تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا، سَچِي اِيَ سَنيارَ؛

نِنڊَ نہ ڪجي ايترِي، سُٺِج اَدا يارَ!
سائينءَ مُڪين سَچَ کي، تون ڪُوڙو منجھ قَطارَ؛
ڪِہ تو ڪَنين نہ سُئِي، ڪَپَرَ جي ڪُوڪارَ؟
گِھڙان تِي رِءَ گَھڙي، اِلاھِي تُھارَ!
ھو جو شَڪُ شارِڪَ جو، تِئان رَکُ سَتارَ!
ڪُلُّ نَفْسٌ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ، پڙھو اِيَ پچارَ؛
شِڪارُ تون شَھبازَ جو، تون تان مَنجھ شِڪارَ!
يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ، جِتي پَڄَندا يارَ؛
تُرَھو ڇِنو تارِ ۾، اَچِج تُون اوسارَ!
لَکَ مِڙيئِي لُٽيا، ھُنئَھِين ويا ھَزارَ؛
ڏِنئَ جي اَللهَ کي، ھُوندَ ڏِئين پَرِيين پارَ؛
جوتَنِ مَتان جُتِڪي، دُنِي تُنھنجي دارَ؛
جِيفو آہِ حَديثَ ۾، اَنڌيءَ اِي آچارَ؛
وَتِيءَ ڪين وِلَھنِ سين، ڪَنبي پِرَ قَھارَ؛
سا ڪِئَن ھَلِي تو سين، جا پِڳِي کان پِتارَ؟
جِيَڻُ جالَ نہ نِبَھي، سُٺِج اِيَ سَنيارَ؛
جِمَ وسارِئين ويسِرا! پِتِيُن جِي پُلِڪارَ.

# داستان چوٿون

١

سَڀيئِي سُبحانَ جي، ڪَر حوالي ڪَمَ؛
تِيُ تَحقِيقُ تَسلِيمَ ۾، لاھي غَمَ وَھَمَ؛
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصَل ڪري حاجَ تو.

٢

چڱا ڪَنِ چڱايُون، مَٺايُون مَٺَنِ؛
جو وَڙُ جڙي جِنِ سين، سو وَڙُ سيئِي ڪَنِ.

٣

مَيَنِ مَٺي سَمَرا، کُھيَنِ سَڌَ ڪَرينِ؛
ساٿُ نِباھيو نِينِ، اِيَ پَر سَندِي سَچَڻِين.

٤

وِٽُ ويمي جو جي لَھين، تہ بِي ڪارِ نہ ڪَرِئين ڪا؛
سا پَرُوڙِج ڳالھڙي، وَڻجارَنِ وٽان؛
موتِي مِن ھَٽان، آندءِ گھٽي اَدَبَ سين.

٥

اَمُلَ آچِ مَ اُنِ کي، جي نہ پَرُوڙِينِ مَٽُ؛
جِتِ گَڏِجيئِي جوھَرِي، ماڻِڪُ تِتَھين مَٽُ؛
جَنِين سونَ سين سَٽُ، تِن ھَٽِي رِيُّ رَدِ ڪيو.

٦

سونا ! وانءُ صَرافَ سِيئَن، لَڏو لاهِ مَ لَڏِ؛
سودو سوئِي چِڏِ، جَنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪِي.

٧

جُ صَرافَنِ لَڏِيو، تـ تُون پڻ لَڏِج، سونَ !
قَدُرُ لَهَندُءِ ڪونَ، نيئِي گَڏِيندَءِ گَڏُونءَ سين.

٨

اَڳِهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موتَ تِي !
پَلَيءِ پايو سَچُ، آچِيندي لَجَ مَران !

٩

ويا سي وِينجهارَ ! هِيرو لال وِنڊِينِ جي؛
تِنِين سَندا پويان، سِيهي لَهَنِ نـ سارَ؛
ڪُتِينِ ڪُتِ لُهارَ، هاڻي اُنين پيٽِيين.

١٠

وڃن مَ وِينجهارَ ! پاڻِيَنَ جي پَرَکَٽا؛
ڪَنُيَرُ پايو اَڪِئين، لَهَنِ سَيَکَنهِن سارَ؛
موتِيءَ جي مِزاجَ جو، قَدرُ مَنجِهه ڪِنارَ؛
صَرافَنِئُون ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظو تِئي !

١١

ماڻِھُ، مُنڌَ ھَتان، پيتِيءَ ۾ پُرزا ٿيو!
سَچو تان، سَيَّدُ چئي، لَھي لَڪُ سَوا؛
پَڳي پُڄاڻا، پَدَمان پَري ٿيو.

١٢

جِتي ماڻِھَ ماڳُ، تِتي چوران تَڪِيو؛
سَنئون تِنِ سُياڳُ، اَمُلُ جن اوباھِيو.

١٣

چورُ اُپو اِئن چوءِ، تہ آئُون اُھوئِي آھيان؛
جي اَسِي اَڪِيُنِ ھوءِ، نہ لِڪي ڪي ھونہ لَھي.

وائي

جاڳو، يارا! جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنجي؛
جاڳو جوشان، جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنجي.
ھَلَندي حَبيبَن ڏي، ويلو وِچِ نہ ھَجي؛
مَتان اُھِسَ اُسِري، پَتنگَ جِئَن پَئِجي؛
عَرضُ اَحوالُ اُنِ ڪي، چَڱِيءَ پَتِ چَئِجي؛
ھَري نِيازُ نِھَٽو، واحِدَ ڏي وَرجي؛
آھي مَوتُ مِڙَن تي، گوڙيُون ھيو گَجي؛
اَجَلُ ايندءِ اوچتو، جو سَدا ٿو سَجي؛
اَڳيان اُونداھيءَ جو، سَمَرُ ساڻُ ھَجي؛
ڪَڻُ تون قُوتُ قَبَرَ جو، گھٽو تو گُھرجي؛

آڳو عيبَ اوهانجا، ڍَڪيا ڳُجهَہ ڳُجهي؛
جيڪِي وَهي وُجُودَ ۾، صاحبُ سو سَمجهي؛
ڏِڄي ڏاءِ ڏَٽِيءَ جي، جيڪو ڀِيءِ ڀَڄي؛
اَمَنُ آهي اُن کي، جو مَنجهہ اَللهُ اَجهي.

## داستان پنجون

١

لَهرِيُن ليکو ناهِ ڪو، جتِ ڪپرَ ڪُنَ ڪارا؛
آچاڙا عَميقَ جا، اَچَنِ اوپارا؛
اُتي اَسارا! وِير وِڙهنديءِ ويسِرا!

٢

ڪالهِ وِڏائِين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگَ جَهازَ؛
تُنهنجِي اَجُ تَرازَ، آهي آرَ اَڪيُنِ ۾.

٣

مُلاحِظو مَهراڻَ جو، مُورِ مَ لاهِ مَناءُ؛
سامُونڊِي! سَنيالِ ڪِي! سُمَهڻَ آيُءِ ساءُ؛
جاڳِي جرَ مَتاءُ، تاري وانءُ تَرازَ کي.

٤

تاري وانءُ تَرازَ کي، مَنجهان مَوجَ، مَلاحَ!
دانهُون ڪَنِ درياهَ جون، اُونهي جا آگاهَ؛
سُونهَنِ جي صَلاحَ، وَٺُ تہ وِير لَنگهي وَڃِين.

٥

سُونهان سَڏِيون ڏِينِ، هِنَ ديواني درياهَ جون؛
ڪُوڙَ اوڏائي ڪِينَ ڪِي، رُڳو سَچُ سودِينِ؛
عِجزَ جي اڏَ راتِ کي، وَکرُ وِهائِين؛
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ اِنهِيءَ سِيرَ مان.

٦

قَرقُلَ قوتا، پارچا، پاٽِيَنِ پاتائُون؛
ڪوتيُون قِيمَتَ سَندِيُون، تَرَ ۾ تاڪِيائُون؛
لاچُنِ مَنجھ، لَطِيفُ چئي، ٻيڙا ٻَڌائُون؛
نَذرُ نَبِيءَ ڄامَ جو، چڙّھندي چَيائُون؛
جي چُوھي چوڙيائُون، سي ٻيڙِيُون رَکِين ٻاجھَ سين!

٧

وِچينءَ جان ويھِي، جرَ پلؤ پائِيان؛
”تَرَّ ٻيڙا! گھَرِ سُپِرين!“ اُوسَهِ اِيَ پيئِي؛
جِئن وَڻجارو سين وَکَرين، سَرَھا سَيِيئِي؛
حُرمَتَ ساڻُ حَبِيبَ جي، سُونگيا نہ سيئِي؛
پاڻھِين اوُءِ پيھِي، ڪَندَ ڪيڙائُو آئِيا.

## داستان ڇھون

١

تانگھي ۾ تاڻي، ٻَڌُ پَنھنجو تُرَھو؛
اُونھي ۾ آڻي، ڪو نہ ڏينڌءِ ڪو ٻيو!

٢

ڏوري لَھُ ڏاتارُ، جِمَ وھِين ويسِرو!
ھَڪِيو ھوئِج ھوشيارُ، ڪِنوڻِ ڪِنونڌَيءِ اوچتي.

٣

ڪِنوڻِ ڪِنوايو، آيَءِ نِنڊَ اَياڳَ کي!
جِنِين نہ پِؤ پانيو، ڪَري تَوائِي تِن کي.

٤

سامُونڊِي! تو سَنبَھِين، ساچو جَھَل سُڪاڻُ؛
لَڳِي واءُ وَڏاندَرو، مُنجھائي مَھراڻُ؛
جِنِين پانيو پاڻُ، ڪَري تَوائِي تِن کي.

٥

نَڪو سُڪ نڪَتين، نہ ويساندِ نَئين؛
جيڪا اَچِيئِي سامُھِين، پانئَين سا سَنئين!
مُوڙِي ڪوہ مَئين؟ جِئَن سَچِيُون راتِيُون سمھين!

٦

اَهڪِي راهَ اَللهَ جِي، اَهڪِي، اَهڪِيءَ پِيَتِ؛
هُوءِ جي ڏيهائِي ڏيهَ جا، تن پڻ مُوڙهي مَتِ؛
آچاڙانِ اُبَتِ، ڳِهڙِج ڳهاتي نِينهَن سين.

٧

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جِي، ڳَهٽو لَهُ ڳهوري؛
اَدَبَ ۽ اِخلاص جا، سِڙهَ ٻَڌِج سوري؛
وَڪرَ وينتِيُن جو، تنهن ۾ پائج توري؛
تہ عادَنِئُون اوري، تُنهنجو تَوائِي نہ تِئي.

٨

سمندُ جي سيوين، تِنِين ماٺڪَ ميڙيا؛
چِلرَ جي چوئِين، تِن سانڪوتا ۽ سُتيون.

# سر سامونڊي

## داستان پهريون

١

پِڱَهَ پاسي ڳهارِ، آيلِ! سامُونڊيُن جي؛
وڃِهي جِيُ جَنجارِ، جِمَ وَڃَنِئِي اوهِرِي.

٢

پِڱَهَ پاسي پَچُ، آيلِ! سامُونڊيُن جي؛
مَنَ ۾ ٻاري مَچُ، جِمَ وَڃَنِئِي اوهِرِي.

٣

پِڱَهَ پاسي ويهُ، آيلِ! سامُونڊيُن جي؛
تون ويسِري وِکَ کَٽِين، هو پُورِيندا پَرَڏيهُ؛
سَمُنڊُ جِن ساٿيهُ، ڪوهُ نہ ويئِينءَ تِن سين؟

٤

نَنگَرَئُون نيٽِين، مَنُ اولِيءَ نہ اوهِرِي؛
سَٻاجهين سيٽِين، پائي ڳُنڍَ ڳِهيو هِنئُون.

٥

سيئِي جوِيَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَچَڙَ سَفَرِ هَلَيا!
رُئَان رَهِنَ نہ سُپِرين، آيلِ! ڪَريان ڪِيئَن؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهِرِي!

٦

نہ سي تڙ ھوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجارَنِ جُون !
سَرتيُون سامُونڊين جا، اَڄُ پِڙُ ڇڪِيَمِ ڇاڪَ؛
مارِينِمِ فِراقَ، پاڙيچيُون پِريُنِ جا.

٧

وِيا اوھِري اوءِ، مُونکي ڇڏي ماڳِھين؛
جڳَنِ جا جڳَ تيا، تِئانِ نہ موٽيو ڪوءِ !
گُوندَرُ مارِيندوءِ، ويچارِي ! وِيَنِ جو.

٨

اُونھي ۾ اوھِري، جڏھن ويا جي؛
موٽِي ماڳِ نہ آئِيا، ماءِ ! سامُونڊِي سي؛
ڪارو تنِين ڪي، جيڪُسِ وَہُ وِري ويو !

٩

اُھِريا جِئائِين، ڍُڪَنِ تِنِ تَڙائيين !
سامُونڊِينِ، سائِين ! واءُ سَٽائو وارِئين !

١٠

سامُونڊِيڪو سَڱُ، آھي گُوندَرَ گاڏُئون؛
انگَنِ چاڙھي اَنگُ، ويو وَڻجارو اوھِري !

١١

وڃيئِي وِسري شال ! جو تو سودو سِڪِيو؛
اَچا آئين ڪال، پڻ تو سَفرِ سَنبهِين !

١٢

ڳِريو جهَليو روءِ، مَتي مُهُري هَتڙا؛
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڍوليا ! سِڪِيو.

١٣

اُلوڙَڻ نہ ڏِئي، وَرُ وِڏا ئين وَنجَهہ ڪي؛
رَهُ اَڄوڪي راتِڙي، لالَنَ ! مُون لائي؛
وَڃُ مَ قوڙائي، ايڏي سَفرِ، سُپرين !

١٤

جيڪُسِ نِيرُ نِينهُنَ سَندومِ؛ جئن مون بِيتي هُنَ تيلِيو؛
سعيو سامُونڊِيُنَ سين، اَڱهِين تان نہ ڪيَوم؛
وِجهَڻُ مَنجِهہ هُئومِ، پاڻُ وراڪي رَسِ سين.

١٥

ٻيڙِيءَ جي پُٽَنِ، نِينهُنَ نہ ڪَجي تِن سين؛
اُپِيئُون ڏَنيءَ ڏِسَنِ، جُہ سِڙهُ ڏيئِي سِيرَ تيا.

١٦

هِنئَڙو ٻيڙِيءَ جان، ڏُتَڙِ پئي ڏينهن تيا !
پُڇيو تان نہ پِريان، ڪَرَلاهُو تِي ڪڏهين.

١٧

سَرَ نِسرِيا پاندَ، اُتَرَ لڳا، آءُ پِرِينَ !
مُون تو ڪارڻَ، ڪانڌَ ! سَهِسين سُڪائُون ڪَيون.

١٨

جيڪر اَچي هاڻِ، تہ ڪريان رُوحَ رُچَندِيُون؛
آيَلِ ! ڍولِئي ساڻُ، هوندَ ڳَرِ لِڳي ڳالهيون ڪَريان.

١٩

آيَلِ ! ڍولِئي ساڻُ، اَچي تہ جهيڙيان؛
لايَءِ ڏِينهن گهٽا، مون سين ڪَيَءِ ٽوڙڙا.

٢٠

لاهِيندا ئي ڪَنِ، ڳالهيُون هَلَڻَ سَندِيُون؛
ڏِيندا مُون ڏُکَنِ، وَهَ وِجهندا جِندڙو !

٢١

مونکي جِياريو، پِريُنِ جي ڳالهہ ڪري؛
ٻَڌو اَڄُ اَڏِيو، هِنئڙو ڪوٺَ بُرجَ جئَن.

٢٢

چِمڪيون چَوڌارَ، ڏَجُون ڏاڙيچِنِ جُون؛
ماءِ ! سامُونڊِي آئيا، سَهسين ڪَري سِينگارَ؛
اُنين جي پَچارَ، ڪالهونڪَرَ ڪانگُ ڪَري.

## وائي

آيلِ ! ڪَريان ڪِيئَن؟ منھنجو نِينھُن اَپليو نہ رھي.

ويو وَڻجارو اوھِري، مونکي چاڙھي چِيئَن؛

سامُونڊين جي سَگَّ ڪي، رُئان راتو ڏِينھن؛

اُڏوھِيءَ جئَن ڏُڪَڙا، چِڙھيا چوتيءَ سِيئَن؛

گُوندَرَ مٿان جِندڙِي، وَريا وَليُن جِيئَن؛

مادَر ! پائي مُنڊِيُون، وچان ھادِيءَ سِيئَن.

## داستان ٻيو

١

اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جُون؛
هَلڻَ هارا سُپِرِينِ، رُئان تان نہ رَهَنِ؛
آئُون جَهَلِينديِ ڪيترو؟ آيَلِ! سامُونڊين؛
پَڳَهَ ڇوڙي جَنِ، وِڌا ٻيڙا ٻارِ ۾.

٢

لاهِيانِ جي نہ چِتانِ، اَلا! اُنِ مَ وِسرانِ!
مِڙهيو مَنجهارانِ، جيُ مُنهنجو جنِ سينِ

٣

تَڙين تَنوارِينِ، ماءِ! سامُونڊِي آئِيا؛
مونکي جِيارِينِ، وايُون وَڻجارَنِ جونِ.

٤

لَڳي اُتَرَ اوهِريا، واهُوندي وَرَنِ؛
آئُون گهٽو ئِي گهورِيانِ، سؤدو سامُونڊِيَنِ؛
اَڱَڻِ جنِ اَچَنِ، عِيدَ وَرتِي اُنِ کي.

٥

اَڱَڻِ آئِيا جانِ، تہ سَرَتِيُون مون سُکَ ٿيا؛
اَمُلَ پِرِينءَ مٿانِ، ٻَرَکيو ٻينِ ڏيانِ.

٦

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، بَندَرَ جَن تَڙِن تي؛
سِڙهَ سِڀِي ساڃا ڪري، ڪُوها ڪَنيائُون؛
بيرَقُون ٻحرِن ۾، ڇوڙي ڇَڏيائُون؛
لَهريُون لَنگهيائُون، لُطفُ سان لَطِيفُ چَئِي.

٧

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، بَندَرَ جِن تَڙِن تي؛
مُلان مُعلِمَ خبرون، پُڇِي پُوريائُون؛
سُتَڙُ سوڻِيائُون، اَوَتَڙِ ڪنهن نہ اولِيا.

٨

بَندَرَ ديسان ديسِ، مُلهہ نہ مِلي وارِئين؛
فَقِيراڻي ويسِ، اَمُلَ ڏِيَن اَتوريا.

٩

اُپيُون تَڙَ پُوچِينِ، وَهُون وَڻجارنِ جون؛
آڻيو اَڪا ڏِينِ، ڪَٿُورِي، سمُونڊ ڪي.

١٠

جرَ تَڙَ ڏِيا ڏي، وَڻَ تِڙَ ٻَڏي وانئُڙِيُون؛
اَلا! ڪانڌُ اچي، آسائتِي آهيان!

١١

جا جرَ جاتُون نہ ڏِئي، ڏِيا نہ موهي؛
سَڏُون ڪوهُ ڪَري، سا پنهنجي ڪانڌَ جون؟

## داستان ٽيون

١

پُران، مانَ پُڄان، بَندرَ مون ڏُور ٿِيا؛
نہ مُون هڙَ نہ هَنجَ ڪِي، جو آئُون چِئِي چڙَهان؛
اِيهين ڪَجِ، پاتِڻِي! جنهن پِر پِرينءَ مِڙان؛
ڪارُون تي ڪَريان، تو دَرِ اُپِي، ناڪُئا!

٢

هڙَ ۾ ڪِينَ هُئونِ، هُنئِين هُنِ نہ چاڙهيا؛
سارو ڏِينهُن سمندَ تي، لهِي سِڄُ وِيونِ؛
جڏهين سائينءَ سَببُ ڪَيونِ، تڏهن سُتَرِ ٿيا سَيَّدُ چئي.

٣

اسان اُڏارا، آڻي آوَنگَ چاڙِهيا؛
مُنهُن ڏيئِي مُون آئِيا، سَمُهان سِيارا؛
اُپِرَنِ سِيڪارا، پَسو وَرَ ٻين جا.

٤

مون اُپِي تَرَ هيٺِ، پِريُنِ پَڳَهَ چوڙِيا؛
ڪا مُونهِين ۾ ڏيٺِ، ناتَ سَڄَڻَ سَٻاجها گهڻو.

٥

مون اُپِي تَرَ پاسِ، پِريُنِ پَڳَهَ چوڙِيا؛
هو اَللهُ هارَ اُهِريا، آئُون دَمِ دَمِ دُعا ڪَندياس؛
آهَ نہ لاهِينديَاس، موتِي ايندا مان ڳَري.

٦

ڪاري ڪيڙائُو، مَتّي مِتي موتيا؛
سَودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِهائُو؛
موتِي جي مَهراڻَ جا، تِنِ جا طاماعُو؛
سامُونڊِي سائُو، لَنڪا لوپي آئِيا.

٧

لَنڪا لَنڪا ڪَنِ، لَيءِ لَنڪا جي اوهِريا؛
سُٽِي سونُ لَنڪا جو، سُکُ نہ سامُونڊيُنِ؛
پِرهَ پَڳهَ چوڙِيا، ڪاري ڪيڙائُنِ؛
وَڏي ڀاڳُ پِڙنِ، جي ڪَهيا ڪارُونيار ڏي.

٨

وَڻجارنِ وري، پِرهَ پَڳهَ چوڙِيا؛
اولِيُون پَسِي اُنِ جون، پِيرَمِ ڳَچ ڳَري؛
ويندِيسِ، ماءِ! مَري، ساري سامُونڊيُنِ کي.

٩

وَڻجاري جِي ماءِ، وَڻجارو نہ پَلِئين؟
آيو ٻارهين ماهِ، پڻ تو سَفِر سَنبهَي!

١٠

وَڻجاري ڪانڌاءِ، مُون وَرُ ويتي گهارِيو!
لِڳي اُتَرَ واءُ، ٻولِيو هَلڻَ جون ڪري.

١١

جي تون وَڻجارو ڪانڌُ، تہ مُون هَڏِ مَ لائون لَڏيُون!
پَرَ ڏيهَ متي سانگُ، اَتئِي پَهرَ جنهن ڪيو.

١٢

ڏِٺِي ڏِياري، سامُونڊيُنِ سِڙهَ سَنباهِيا؛
وِجهيو وَرُ ونجَهہ ڪي، روئي وَڻجارِي؛
مارِيندَءِ مارِي! پِرهَ سُورَ پرِيُنِ جا.

# سر سهڻي

## داستان پهريون

١

وَهَ تِکَ، واهُڙَ تِکَ، جِتِ نِينهُن، تِکَ نرالِي
جِن کي عِشقُ عَمِيقَ جو، خِلوَتَ خِيالِي
وارِئين سا، والِي! هِنئَڙو جِن هَٿِ ڪيو

٢

واهُڙَ وَهَنِ نَوانِ، اَچا وَهُ اُگِي ٿيو؛
گَهرِ ويٺيون گَهڙا ڪريو، سَرَتِيُون سَڱَ سَنوانِ؛
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏٺي آنِ؛
هُوندَ نہ پَليو مانِ، گِهڙو سيې گَهڙا ڪٽي.

٣

ڪَنڌِي اُڀيُون ڪيتريُون، ”ساهَڙُ ساهَڙُ“ ڪَنِ؛
ڪَنِينِ سانگو ساهَ جو، ڪي ”گهورِيسَ“ ڪيو گِهڙَنِ؛
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گها گهائي گِهڙَنِ جي.

٤

وَٽَنِ وينا ڪانگَ، وِچِين ٿِي ويلا ڪري؛
گِهڙِي گَهڙو هَٿِ ڪري، سُڻِي سانجِهيءَ بانگَ؛
سيئِي ڍُونڍي سانگَ، جِتي ساهَڙُ سُپِرين.

٥

ڳِهڙي ڳَهڙو هَٿِ ڪري، ٻَهُون نِهاري ٻَنگُ؛
سر در يار فِدا شُد چہ بَجا شُد، وَصُلَ اِهوئِي وَنگُ؛
راتِ جنِين جو رَنگُ، الا! سي اُڪارِئين.

٦

ڳِهڙي ڳَهڙو هَٿِ ڪري، ٻَهُون نِهاري ٻَنگُ؛
وَ اَمَّامَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ، اِيُ لَنگِهيائِين لُنگھُ ؛
سِڪَندِيَنِ کي، سَيَّدُ چَئي، ڪِينَ جهَلِيندو جهَنگُ؛
راتِ جِنِين جو رَنگُ، الا! سي اُڪارِئين.

٧

ڳِهڙي ڳَهڙو هَٿِ ڪري، اِلاهِي تُهارَ!
ڄَنگهَ ڄَرِڪي واتَ ۾ سِسِيءَ کي سيسارَ؛
چُوڙا ٻِيڙا چِڪَ ۾، لُڙ ۾ لِڙهيَس وارَ؛
لَکين ڇُهتيسِ لوهِٽيُون، ٽيلهيُون ٽَرنِئُون ڏارَ؛
مِڙيا مَڇَ هزارَ، ياڳا ٽِيندِي سُهِڻي.

٨

ڳَهڙو ڀِڳو تہ ڳهوريو، مَرُ ڇُورُ ٽِئي ڇُوڙو؛
طالِبُ الْمولىٰ مُذَڪَّرٌ، اِيُ ٻُڌَندَنُ ٻُوڙو؛
ڪوڙِهيو ڏَمُ ڪُوڙو، مُون ميهارُ مَنَ ۾.

٩

گَھڙو پيَگو تہ گھوريِو، پاڻان هو حِجابُ؛
واڃَتِّي وڃي وُجُودَ ۾، رهيو رُوحَ رَبابُ؛
ساهَڙَّ رِءَ صَوابُ، آءٌ گھٽو ئِي گھوريِان.

١٠

گَھڙو پيَگو تہ گھوريِو، تان ڪِي ترَ، هِنيان!
اَدَبُ اَڪَڙِيُنِ ڪي، ڏيهاٽِي ڏِيان؛
ميهارَنِ مِيان، سَئون سُونهايَم پيچِرو.

١١

گَھڙو پيَگو تہ گھوريِو، آسَرَ مَ لاهيِج؛
لَا تَقْنَطُوا مِنْ رَّحْمَةِ الله، ترُهي اِنَ تَريِج؛
حَبِيباٽِي هيِج، پَسِين مُنهُن ميهارَ جو.

١٢

گَھڙو پيَگو، مُندَ مُئِي، وَسِيلا وِيا؛
تِنهان پوءِ سُئا، سُهٽِيءَ سَڏَ ميهارَ جا.

١٣

پاڻُ مَ ڪَٽِج پاڻَ سين، وَسِيلا وسارِ؛
لُڙُ لنگهائي، سُهٽِي! پِرتِ وجهنديءِ پارِ؛
سي تُرتُ لنگِهينديُون تارِ، اُڪَنڊَ آگَهُ جن سين.

١۴

پاڻُ مَ ڪَڇج پاڻَ سين، رِءِ وَسيلي وانءُ؛
مَٽان سائِرَ، سُهڻِي! پِرتِ وِنجي پانءُ؛
نينهن پِڳنهندي نانءُ، ونءُ پِريان جي پارَ ڏي.

١۵

ڪونهي آڳَهُ اَهِڙو، جهِڙي مُحبتَ مَنِ؛
اُپيئون اورئين پارَ ڏي، ڪُوڙيون ڪَڪَ پِچِنَ؛
نَدِي تِن نيڻُ تِئي، جي رِيءَ تُرهي تَرَنِ؛
سِڪَ رَساڻي، سُهڻِي! اَصُلِ عاشِقَنِ؛
سي جَهليُون ڪينَ ڪُنَنِ، پِچِنِ جي ميهارَ کي.

١٦

پِچِنِ جي ميهارَ کي، پُچي سي ميهارَ؛
تُرهو تِنين بارُ، عِشقُ جنين کي آڪِرو.

١٧

ساهَڙُ، سا سُهڻِي، سائِرُ پڻ سو ئِي؛
اهي نِجو ئِي، ڳُجهُ، ڳُجهاندرَ ڳالهِڙي.

## وائي

ڪهڙي مَنجهہ حِساب؟ هُئڻ مُنهِنجو هوتَ ري، لا!
گولِي! پَچُ گُناهَ ڪانِ، ڪونهي سُولُ ثَوابَ؛
نڪِي تَقاوَتَ ۾، نڪِي مَنجِهہ رَبابَ؛
خُدِيائِي خُوبُ ٿِئين، لائِين جي لُعابَ؛
پَلِيتُ ٿِي پاڪُ ٿِئي، جُنبِيو مَنجِهہ جِنابَ؛
سو نہ ڪَنهن شَيءِ ۾، جيڪِي مَنجِهہ تُرابَ؛
هُوءِ جي جَرڪِيا جرَ تي، سي تان سَڀِ حُبابَ؛
هادِيءَ سين هُنَ پارَ ڏي، رِڙهِين ساڻُ رِڪابَ؛
چَنبو وِجهي چورَ ڪي، آءُ چِڙَّ، عُقابَ!
دِيدُ وِجاءِ مَ دوسَتَ جو هَلِي مَنجِهہ حِجابَ؛
ڪَسرَتَ آهي قُربَ ۾، اِدُغامَ ۾ اِعُرابَ؛
فَنا وِجهي فَمَ ۾، ڪارَڻِ تِيُ ڪَبابَ؛
ڏي طَهُورا تن ڪي، جي سِڪَنِ لاءِ شَرابَ؛
مُٺِيءَ ڪيا مرضَ ۾، جاوا سَڀِ جَوابَ.

# داستان پهريون

۱

ڪَرَڪَل ڪوچَ ڪُنَ گهٽا، جِتِ جَرَ واڳُو جِئائِين؛
پاڻُ اُڇلِي آبَ ۾، وَهَ سِرِ وڌائِين؛
لَهريُون لَنگهيائِين، لُطفَ ساڻ لَطِيفُ چئِي.

۲

دَهشَتَ دمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ سَتاٽا سيسارَ؛
بيحَدِ باڳُو بَحرَ ۾، هيبَتَناڪِ هَزارَ؛
سارِيان ڪانَ سَرِيرَ ۾، طاقَتَ توهان ڌارَ؛
ساهڙَ چامَ! سَتارَ! سِگهو رَسجِ سِيرَ ۾.

۳

دَهشَتَ دمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪَڙڪو ڪُنُ ڪري؛
توڏي تاڪُن وِچَ ۾، مَتان وِيرَ وَري؛
آءُ، ساهڙَ! مُنهِنجا سُپرين! پِرتان پيرَ پَري؛
هادِيءَ، هَٿَ ڌَري، اونهي مان اُڪارِئين.

۴

دَهشَتَ دمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙڪو؛
آهيم اُنَهين پارَ جو، دِلِ اندرِ دڙڪو؛
يَعِي سِڪ، سَيَّدَ چئي، سِيرَ سَندو سَڙڪو؛
والِي! ڪَجَ وَڙُ ڪو، تَ بارِ لَنگهيان باجهَ سين.

٥

ڏَھشَتَ ڏمَّ درياھَ ۾، جِتِ جايُون جانارَنِ؛
نَڪو سَندو سِيرَ جو، مَپُ نہ مَلاحَنِ؛
درَندا دَرياھَ ۾، واڪا ڪيو وَرَنِ؛
سَچا ٻيڙا ٻارِ ۾، ھَليا ھيٺ وَڃَنِ؛
پُرزو پئدا نہ ٿِئي، تَختو مَنجھان تَنِ؛
ڪو جو قَھرُ ڪُنَنِ، ويا ڪِينَ وَرَنِ؛
اُتي اَٽارُنِ، ساھَڙَ! سِيرَ لَنگھاءِ تُونِ.

٦

درَھَڙَ ڏَنُسَ درياھَ ۾، جِتِ لَھريُون ڪَنِ لوڙا؛
سَئين اَچي سمُونڊَ ۾، ٿِيا سِيٽايا سوڙا؛
جي تارُو ھُئا تو‌ڙا، تن ھَرٻو پانيو ھيڪڙو.

# داستان ٽيون

١

ترَّ تـَـڪـَڙ تارِ گِهڙڻَ، اِيُ ڪـاٽِيارِنِ ڪـَمُ؛
ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهَن ۾، ڏي ڏوراپا ڏَمُ؛
عقُل، مَتِ، شَرمُ، ٽيئِي نِينهَن نِهوڙِيا.

٢

گهيڙان ڪَري نـہ گهُورَ، ترُّ تـَـڪـَڙ ڪان نـہ لَهي؛
جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جي، پُورَنِ مَتي پُورَ؛
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَمَنِ ڪي وَهلُورَ؛
جَنهِنکي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تَنهِنکي نَدي ناهِ نِگاهَ ۾.

٣

جِئان گِهڙي ٽِئان گهيڙُ، ڪَپَرو پُڇَنِ ڪُوڙيُون؛
ڏَمَ سِين جُسو ظاهِرا، مَنَ ميهارَ سين ميڙُ؛
سا نَدِي پانئي نيڙُ، جَنهِنکي سِڪَ ساهَڙَ جي.

٤

جِئان وَهي ٽِئان واٽَ، ڪَپَرو پُڇَنِ ڪوڙيُون؛
جن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي گهيڙَ نـہ پُڇِنِ گهاٽَ؛
جن کي عِشقَ جِي اُساٽَ، سي واهڙُ پانئِينِ وِڪَڙي.

٥

ڪنهن جنهن گهيڙ گهڙي، جئن اوتڙان تڙ تيوس؛
سالمُ ويئي سُهڻي، ڪُنن ڪين ڪيوس؛
اُهِس اکڙين ۾، پريان جو پيوس؛
حقان حقُ تيوس، هئي طالِبِ حقُّ جي.

٦

هُئي طالِبَ حقُّ جي، توڏي لاڪُون توڙَ؛
نہ ملاحُ نہ مڪڙي، نڪي ٻڏي نوڙَ؛
پاڻي پني ۽ ٻوڙ، سُهڻي ۽ ليکي سيرَ ۾.

٧

توڏي توڙائين، نينهن نوازي سُهڻي؛
ڳچي ۽ هارُ حبيبَ جو، لائقُ لڏائين؛
سو تڙُ سوٽائين، جيڏانهن عالمَ آسرو.

٨

توڏي! تُهائين جي، سي هتي چڏَ حرصَ؛
ساهڙُ ڏاران سُهڻي! کوتيُون ڪن ڪرسَ؛
وڏي اي ورسَ، جيئن ڏمَ وتي ڏينهن گُذارئين.

٩

ساري سِکَ سَبَقُ، شرِيعَتَ سَندو، سُھڻي !
طرِيقَتان تِکو وَھي، حَقِيقَتَ جو حَقُ؛
مَعرِفَتَ مَرَکُ، اَصلُ عاشِقنِ کي.

١٠

صَبرُ شاکِرَنِ، آھي اوطاقُنِ ۾؛
جي واصُل ٿيا وِصال ۾، سي ذرو ظاھِرُ نہ کَنِ؛
وِيبَتَ واھَرَ تَرَنِ، ھِنئَڙا، جَنِ ھَڃِي ويا.

١١

سِياري سِہَ راتِ ۾، جا گِھڙي وَسندي مِينھَنَ؛
ھَلو تہ پُڇُون سُھڻِي، جا کَرَ چاڙي نِينھَنَ؛
جنھن کي راتو ڏِينھَنَ، ميھارُ ئِي مَنَ ۾.

١٢

سانوَڻَ گِھڙي سَيَکا، ھِيءُ سَرَھِي سِياري؛
تَنُ وِڏائِين تارِ ۾، اَرواحَ جي آري؛
مُحبَتِي ماري، کونھي دادُ دَرياہَ ۾.

١٣

واھُڙَ ! پَريُون مَ پاءِ، تو پڻُ ليکو ڏيٺو؛
سدا سانوَڻَ ڏِينھَڙا، ھِئَن نہ ھُونداءِ؛
وھاٽي وينداءِ، اوڀَرَ اُتاھان لَھِي.

مُحَبَّتِي ميهارَ جُون، دِلِ اَندرِ دُونهيُون؛
آڻيو وِجهي آرَ ۾، لُهاڻو لُوهيُون؛
جي ساهڙ جُون سُونهيُون، سِير سِراڙو تن کي.

وائي

مَدَتَ تِيُ، ميهارَ! يارَ! ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
اُونها ڪُنَ، اَتانگےَ تڙَ، اولِي هَڙَ، آڌارَ!
ڏِينهَنَ ڏُهِلا ڏَمَ سين، آهِيان اُوهان ڌارَ؛
ڀِچَلِ بانڊِي ٻارِ ڪَرِي، اَتِ اُبَتا آرَ؛
تِتي گهِڙِي سُهڻِي، آڳَهَ رِءَ آڌارَ؛
”ڪارِي راتِ، ڪَچو گهڙو“، توڏِيءَ ڪِي تَنوارَ؛
سَنيُوڙو سِيڻاهِ سين، سِگهو رَسُ، سَنگهارَ!
اوراران آهُون ڪَريان، پَهُچان شَلَ پرارَ؛
سُڻِيو جهانءِ جِهڄِي هِنئُون، سانيارا سَنيارَ؛
آيَم ريلي ريءَ سين، اَللهَ تو آهارَ؛
تارِ تَرَندَيَسِ، لُڙَ لَنگهِينديَسِ، وِينديَسِ وَٽِ وَچارَ؛
پُورِينديَسِ پارِ مَٽِي، سَهسَين جي سِيسارَ؛
گولِي گهاگهائي گهِڙِي، جَکَنِ تا جانارَ.

# داستان چوٿون

١

اَدِيُونَ ! سڀِ اَندامَ، چڙَنِ مُنهِنجار چوريا؛
لارُنِ جا لَنؤ لائِي، سا ڪِيئَن آڇيان عامَ؟
لِڳيس جنهن جي لامَ، سو دِلاسا دوستَ مُنجي.

٢

ڪارا ڪُن، ڪارِي تِڳي، جتَ ڪارِيهرَ ڪَڙڪا؛
مَئي مَتي مِهراڻَ ۾ ، اَچنِ دُپارا دَڙڪا؛
وِيندي ساهَڙَ سامُهان، جهولَ ڏِنس جهَڙڪا؛
ڪِرڪِنِ جا ڪَڙڪا، سُونهان ٽِيڙَسِ سِيرَ ۾.

٣

جِياريَسِ سَنيارَ، ڪُهُ ڪَرِيندَمِ گَڏجي؟
ويروتارَ وُجُودَ ۾، پِرِيَنِءَ جي پَچارَ؛
سَچَڻَ هُونِ ڏارَ، جي هِنئين ۾ حلُ ٿِيا.

٤

ٻيلي پارِ ٻرِي، مون کي چڙَنِ چوريو؛
مُحَبَّتِي ميهارَ جِي، سُتِي شاخَ چڙِي؛
مَتِي جهوڪَ جهُري، پَوَندِيَسِ پاريچَنِ جي.

٥

هُنَ پِرِ سُيَمِ هُوءِ، سُتي سَنيارَنِ جِي؛
چِتَ چڙَنِ چوريو، جؤنڪَ ٽِيَڙمِ جُوءِ؛
مُحَبَّتِي ميهارَ جِي، بِاللهِ پِييَمِ بُوءِ؛
وڃي رُوءِ بَرُوءِ، ڏيکيان دوستَ ميهارَ کي.

٦

ڪِٿي ٽِيو ميهارُ؟ ڪِٿي ٿو گِهندُ گُڙي؟
ڪِٿي ڏُونهِي دوستَ جِي؟ ڪِٿي پِرِيون پارُ؟
جَنهن مُون سَپِي ڇَمارَ، جَرَ ۾ جهوٽُون ڏِنيُون.

٧

ميهاران مِرڪَ، پِيتائِين پِريمَ جِي؛
تنهن مُنڌَ مَتوالِي ڪِيِ، سنڌِيءَ ساءَ سُرڪَ؛
لِگِيَس ڪامَ ڪِرڪَ، لوهان تِکِي لَطِيفُ چئي.

٨

مَري تان مَ ميهارُ، وَٺانُ وِلَهو مَ ٿِئي؛
وَڃِنِ جي وَچارَ جو، وِنگو ٿِئي مَ وارُ؛
ساهَڙُ مُون سِينگارُ، ماڻُهُنِ ليکو مِهٽو.

٩

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيُون مَتِي ٻيٽَ؛
لُڙَ لَنگِهينديُون ليٽَ، لُطِفَ ساڻُ لَطِيفُ چئي.

١٠

چاھَڪَ چڙِي، تارِ ترِي، آيُون مَٿي ڪُنَ؛
ڪوڙِيين ڪَرَ ڪَٽنديُون، ساھَڙَ جي سَمَنَ؛
مينھُون ساڻُ اَمَنَ، پَرچِي پارِ لَنگھينديُون.

# داستان پنجون

١

سانڊَهه سَيِ دَرياهُ، پَري ڪَنڌِي پارَ جي؛
ڇِڪي ڇولِيءَ ۾ گِهڙي، جِتي جِيَّ وِڙاهُ؛
پَسيو ڏوهه ڏَکي هِنئون، آرِ مَتي اِرواحَ؛
جي توهُ تِئي توڏانهُن، تہ وِيرَ وَهِيٽو ناهِ ڪي.

٢

سِڪَڻَ وارَنِ سُتِرو، جي دَهشَتَ سان دَرياهُ؛
اوڙِڪ اُنين جو نہ رهي، آرَ بِنا اِرواحَ؛
ويندي ساهَڙَ سامهون، صَدقو ڪنديون ساهُ؛
جن کي حُبَّ اُنهِين جي آهِ، ساهَڙُ ساٿِي تن جو.

٣

گِهڙيا سي چَڙهيا، اِئين اَتيئِي؛
مئي متي مَهراڻ ۾، پؤ تپو ڏيئِي؛
تہ ميهارُ مِليئِي، سَنيُوڙو سِيٽاهَ سين.

٤

اَکيُون مُنهن ميهارَ ڏي، رَکيُون جن جوڙي؛
رِءَ سَندَ، سَيَّدُ چئي، تارِ گِهڙَن توڙي؛
تنين کي ٻوڙي، سائِرُ سَگهي ڪِينَ ڪي.

٥

جيڏانھن چِتَ چاھُ گھڻو، آرُ بہ اوڏانھين؛
وچِي وَھُ واھا ٿيو، تِکو تيڏانھِين؛
ميھارُ مِلائِين، لَھرُن منجِھ، لَطِيفُ چئي.

٦

پِلِيان، پِلِيو نہ رھي، نِرتُون نِينھُن نِبارُ؛
گِھڙان، گھورِيو چِندُڙو! اُتَلَ مُون اَپارُ؛
جنِين مَنِ ميھارُ، ھَلَڻُ تنِ حَقُ ٿِيو.

٧

سَندو ڏَمَ ڏھَڪارُ، ھَڏِھين ڪونھي ھِنَ کي؛
ھِيءَ پاڻِيءَ سين پانھنجو، پُسائي نہ سِينگارُ؛
ڪارَڻِ مُنڌَ ميھارُ، ڪارِيءَ راتِ ڪُنَ تَري.

٨

جيھَرَ لوڪُ جَھپَ ڪَري، ڏَرو جاڳَ نہ ھوءِ؛
اوھيرَ اَچيو، اَديُون! پَھُ پِريان جو پوءِ؛
جي ڪَچو چوَنِم ڪوءِ، تہ مَرڪُ پانيان مِھڻو.

٩

تہ ڪَرڪِينءَ سُئِي؟ جي سِيرَ نہ گِهڙِي سُهڻِي؛
هِتِ حياتِيءَ ڏِينهَڙا، هَذَهن تان نہ هُئي؛
چِلِي تنهن چَرِي ڪِئِي، جو ڏِنُسُ اُنَ ڏُهِي؛
سُهڻِي ڪي، سَيِّدُ چئي، وڏو قُربَ ڪُهِي؛
هُنِئِينَ هُوندَ مُئِي، پَرَ ٻُڏِيءَ جا ٻِيٽا ٿيا.

١٠

ڪا جا ڪُنَ ڪَرِينِ، پِنِيءَ پُڻِ جُهڻِ پاڻَ ۾؛
اَڪيُونَ تنهن آبَ ڪي، آڏِيءَ اُڪِيرينِ؛
توڻي تِڪُونَ ڏِينِ، تہ بہ اُجَ اُنِين ڪي نہ لَهي.

١١

دائِمَ جا دَرياهَ ۾، سا مَڇِي ڪِنِي ڪوهُ؟
آهس اِيُ اَندوهُ، پاڻِي ڪِٿي پِيان.

١٢

لهرَ مِڙوئِي لالَ، وَهڻُ ڪَٿُوريان وترو؛
اوٻهارا عَبيرَ جا، جرَ مان اَچن جالَ؛
ڪُنَنِ گِهڙِي ڪالَ، سِڪَ پِريان جي سُهڻِي.

١٣

جيڪِي ڏِٺُءِ تارِ ۾، ڪَنڌِي سو ڪَهيج؛
جرُ وڏو، جهاجهَ گهَڻِي، پاندُ مَ پُسائيج؛
ساهڙُ ساگاهيج، تہ ثابِتُ لَنگهين سِيرَ مان.

جا هَڙَ اَندَرِ جِيَّ، ساهَڙَ ڏِني ساهَ کي؛
سا هَڙَ چِڙُي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيَّ؛
ساهَڙَ ميڙِ، سَمِيعَ! تہ سا هَڙَ چِڙُي ساهَ جِي.

وائي

اَکيون پيرَ ڪَري، وَڃجي، وو! وَڃجي.
سُپيرِيان جِي ڳالهِڙي، ڪنهن سان ڪِينَ ڪجي؛
لِڪائي لوڪَ کان، ڳُجهَڙي ڳوٺِ نِجي؛
مُحَبَّتِيءَ ميهارَ جو، سُور نہ ڪنهن سَلجي.

# داستان ڇهون

١

ساهڙ جا سينگارَ، اَڻ لِکيا اَڳي هُئا؛
نڪا ڪُنُ فَيَڪُونُ هُئِي، نَڪا ڀِي ڀَچارَ؛
مَلَڪَنِئان مَهَندِ هُئِي، توڏِيءَ جِي تَنوارَ؛
مُحَبَّتَ ساڻُ ميهارُ، لايائِين لَطِيفُ چئي.

٢

گهيڙ لَنگهيو گهاري، مِيثاقان ميهارَ ڏي؛
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ قَالُوا بَلىٰ، پَرَ اِها پاري؛
ڏِسيو ڏيکاري، پِرتِ پِريان جو پيچرو.

٣

اَلَسْتُ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن چَيائُون؛
مِيثاقان ميهارَ سين، لَڏيُون مُون لائُون؛
سو موٽي ڪِيئَن پانهُون؟ جو مَحفُوظان مُعافُ ٿِيو.

٤

اَلَسْتُ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن اَمُرُ ڪيو اَحَدَ؛
هو مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏي، سُهڻِيءَ سِڪَڻَ سَدَ؛
دِلو دوُرَ دَرياهَ جي، ڪيو اِرادي اَدَ؛
جيڪِي آيسِ ڏانهن عَهدَ، سو پاري مُندَ پاتارَ ۾.

٥

’اَلَستُ‘ اَرواحَنِ کي، جَڏهِن جاڳايو جَلِيلَ؛
سَنئِين راهَ، سَيَّدُ چئي، سوٽائُون سَبِيلَ؛
وَحدَتَ جِي وادِيءَ ۾، ڪوڙين ڪي قَلِيلَ؛
دَرياهَ جي دَلِيلَ، لَکين لَهوارا ڪيا.

٦

ڪامان، پَچان، پَچُران، لُڇان ۽ لوچان؛
تَنَ ۾ تَؤنسَ پِرينءَ جِي، پِيان نہ ڍاپان؛
جي سَمُنڊَ مُنهن ڪريان، توءِ سُرڪيائِي نہ ٿِئي.

٧

ڪارِي راتِ، ڪَچو گَهڙو، اُٿِيهُ اُونداهِي؛
چَنڊ نالو ناهِ ڪو، دَرياهَ دَڙَ لائِي؛
ساهَڙَ ڪارَڻ سُهڻِي، آڌِيءَ ٿي آئِي؛
اِي ڪَمُ اِلاهِي، ناتَ ڪُنَنِ ۾ ڪير گِهڙي؟

٨

ڪارِي راتِ، ڪَچو گَهڙو، نڪا سِيٺهَ ساڻُ؛
وِجهي وَيرَمَ نہ ڪري، پِريان ڪارَڻِ پاڻُ؛
مُحَبَّتَ کي مهراڻُ، سُڪِي سَيُ پَٽُ ٿِيو.

٩

اورارِ نہ پَرارِ، ويچارِي وَهَ وِچ ۾ !
سُکِي ڏَنِيءَ سُپِرين، ٻِيو مِڙوئِي تارِ؛
تُون گِھڙُ، کِيمَ نِهارِ، ٻُڏَندَنِ سين ٻاجھُون ڪري.

١٠

هِنَ پارِ، نہ هُنَ، ويچارِي وَهَ وِچ ۾ !
نِيچُ نِهاري نہ گِھڙي، تنهن ۾ پيس تُنَّ؛
اَللهُ ! سائِڻُ اَمُنَّ، آرانِ ڪنهن اُڪارِئين.

١١

سَهسين سائِرَ گَجَنِّ، توءِ سَهَجَ نہ مَتِي سُهڻِي؛
تہ ڪِي نِينهَن چِڃَنِّ، پَرتَهِين پِريُن جي؟

١٢

سُپِيريانِ جي تَرُهي، ٻُڏِي! هَٿُ مَ لاءِ؛
صُباحَ تو چَوَنداءِ: "اَسانِ تو اُڪارِيو".

١٣

سُپِيريانِ جي تَرُهي، ٻُڏِين، توءِ مَ لَڳُ؛
جي پانِئِين پِرينءَ مِڙانِ، تہ پُور اُبتِي وَڳُ؛
پاءِ تيڏاهِين پَڳُ، ناهِ جيڏاهِين نِجُهرو.

١۴

سُڪِيءَ ٻُڏَنِ جي، ساهَڙُ ساڻِي تن جو؛
لَهرن سِرِ لَطِيفُ چئي، ڪُلهن چاڙهيو ني؛
جي پُڇَنِ پَندُ پَري، تِن اُماڻي اورهُون.

١۵

سُڪِيءَ جي سانباهَ ۾، ٻُڏِين، توءِ ٻُڏُ؛
ڪَڪَ، ڪانديرا، ڪاتيُون، ميڙي، ٻَڌُ مَ مَڏُ؛
نڪو ساهَڙُ سَڏُ، نڪا سُڃي سُهڻِي.

١٦

جي تو بيتَ ڀانيا، سي آيتُون آهِينِ؛
نِيو مَنُ لائِينِ، پِريان سَندي پارَ ڏي.

# داستان ستون

١

ٻوڙِئين، چاڙِهئين، تُون ڏَڏي ! ٻِئي جو دعوىٰ رَسي نہ دَمُ؛
هِنَ مُنهِنجي حالَ جو، ميهَرَ تي مَعۡلَمُ؛
رَکُ ٻيلي جو ڀَرَمُ، جو اَچِي ٻِيو اَجهور ۾.

٢

ڪانڍِي ڪَنگَ ٽِياسِ، وَهَڻُ جَنازو سُهڻِي؛
ٻَگها جي ٻيٽَنِ جا، ڪُلها تن ڏِناسِ؛
اَڪئين مَلَڪَ ڏِٺاسِ، توءِ مَنَ ڪادِو ميهارَ ڏي.

٣

اُيو تَڙُ ميهارُ، مَلاحنِ سَڏَ ڪري؛
آءٌ پِڻُ وِجهان هٿَڙا، اَئين پِڻُ وِجهو چارُ؛
گهوريُون ڪارُونيارُ، مانَ مِلَنئُون سُپِرين.

٤

ڪَنڍِي جهَليو ڪانهَن، عاشِقُ اُيو آهُون ڪري؛
تو ڪِيئن ٻوڙِي سُهڻِي؟ ٻيلِي مُنهِنجي ٻانهَن؛
دَرياهَ! تو تي دانهَن، ڏِيندُسِ ڏِينهَن قِيامَ جي.

٥

جِتي ڀيرَ ڀِرَنِ، ڀُريوُن ڀَون ڀَواريوُن؛
تانگھ نـ لَڌي تارُئين، مَڇُ نـ ماتِيَڙَنِ؛
ڪَنڌِيءَ اُيا ڪيتِرا، سِيڻاهِيا سَنڪَنِ؛
تُون ڪِيئَن تن تَڙَنِ، اَچيو، اَسارِي! گھِڙين؟

٦

سانيارا سَڏَ ڪيو، اُيا چوَنِم: ”آءُ“؛
هِڪ تِکو ئِي تارِ وَهي، ٻِيو لُڙُ، لَهريُون ۽ واءُ؛
ساڻِي جن اَللهُ، ٻُڄهان سي نـ ٻُڏنڌِيُون.

٧

هارِي! حَقُّ رَکيج، سانيارا ساهَڙَ جو؛
خوابَ، خيالَ، خَطرا، تن کي تَرَڪُ ڏِئيج؛
اَندَرُ آئِينو ڪري، پَرِ ۾ سو پَسيج؛
اِنهِيءَ راهَ رَميج، تـ مُشاهِدو ماڻِئين.

٨

سانيارا سيئِي، تَنَ جنِين جو طالِبُو؛
مَنُ پِريان نيئِي، پِڳهِيو پاڻُ ڳَري.

## داستان اٺون

١

ٻُڌندي ٻوڙَنِ کي، ڪي هاٿڪَ هَٿَ وِجهَنِ؛
پَسو لَهَرَ، لَطِيفُ چئي، ڪيڏِي کي ڪَکَنِ؛
توڙي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، ناتَ ساڻِن وڃن سِيرَ ۾.

٢

ڪَڇي ڪانِي ڪانهَن، ٻُڏا ڪَڍي پارِ مان؛
يا لَنگهائي، لَطِيفُ چئي، يا ڏُريان ڪري دانهَن؛
ڪَما حقَہُ ڪَکَنِ جي، آهي ڳالهہ اڳانهَ؛
جيڪِي ڏي ٻُڏَنِ کي ٻانهَن، ناتَ ساڻِن وڃن سِيرَ ۾.

٣

آهِئين هُتِ اُماڻَ، ٻَڌُ تُرَهو تارِ جو؛
لَهريُون، لُڙَ، لَطِيفُ چئي، جهليا جُنگَ جوانَ؛
اُونهي تَڙِ آگهتِيا، آڏي پائي آڻَ؛
جي پِيا مُنهن مهراڻَ، تن ٻانڌِيُنِ ٻيڙُ نہ اُڇَهي.

٤

ڪَڇي ساڻُ ڪَهي، پَڪو پُڇي نہ سُهڻِي؛
لَنگهيو لُڙُ، لَطِيفُ چئي، وَچارَنِ وَهي؛
سا ڪِئن نِينهَن نهي؟ جنهنکي نِينهَن نَڌو ڪِڻِي.

٥

ڪديا جي ڪُلالَ، سي پَسِي خالَ خُوشِ ٿِئي؛
پاڻِيءَ چِٽَ پُسائِيا، ڌاءَ نہ جھَلِي ڌَمالَ؛
سپَڪَ پانيا سُھڻِيءَ، جوڀَنَ جي جَمالَ؛
آکي جا اَحوالَ، مَعْلُمُ ٿيا مھراڻَ ۾.

٦

ڪَچو تان ڪوهُ؟ پَڪو نَظَرُ پِريُنَّ جو؛
ساھَڙُ مُنھِنجو سُپِرين، ڏَمَ ڏِنيئِي ڏوهُ؛
جي چِٽو جي چوهُ، تہ پُورينِديَسِ پارِ مَٽِي.

٧

ڪَچي ڪَٽُ نہ جھَليو، پيلو پِيو پِرِي؛
سارَ چَڏيائِين سِيرَ ۾، ٻانھُنِ ڪان ٻرِي؛
لَٽي لَھريُون ويئِيُون، چوڏارِي چُرِي؛
ھِنئَڙي مَنجھ ھُرِي، ماھِيَتَ مَلَڪَ الْمَوتَ جي.

٨

پيلي پُلائِي، پَسِي چِٽَ چَرِي ٿِئِي؛
”ٻِرَ! ٻِرَ! ٻُڏِي سُھڻِي!“ وِيرُنِ ۾ وائِي؛
ڪَچي ڪيرائِي، لال لَھرنِ وِچَ ۾.

٩

پَڪو ڪَٽِج پاڻَ سين، چِڱو چِتائي؛
ڪَچو ڏيجِ ڪُلالَ کي، مُنهن تي موٽائي؛
سو سُڻُ هِنئين سين، سُهڻِي! جيڪِي فائِقُ فَرمائي؛
مؤجُون مُنجهائي، مارِينئِي مَهراڻَ جون.

١٠

پِرُ، پَلِيرا سُپِرين! پَلا ۾ بيراهَ؛
تو رِءَ تارِي ناهِ ڪا، والِي! تو رِءَ واهَ؛
ساهَڙَ جي صَلاحَ، تَنَ کي ڪَڍِي تارِ مان.

١١

تَنَ کي ڪَڍي تارِ مان، صُلحُ ساهَڙَ جو؛
اُتِ آڏو اَچي ڪِينَ ڪِي، ٻيلِيپَو ٻِئي جو؛
ميهَرَ! ڪَج مُنهنجو، ڪو اوڪَرُ ڪَنهِين آرَ تان.

# داستان نائون

١

جَرِ ٿَرِ تِکَ تَنوارَ، وَڻَ ٽِڻَ وائِي هيڪِڙي؛
سپيئِي شَيءِ ٿِيا، سُوريءَ سَزاوارَ؛
هَمَهَ مَنصُورَ هزارَ، ڪَهِڙا چاڙهيو چاڙهئين.

٢

سَيَتِ پَچار پِريُنِ جي، سَيَتِ هوتَ حُضُورُ؛
مُلڪُ مِڙيو مَنصُورُ، ڪُهِي ڪُهَندين ڪيترا؟

٣

لَهرنِ لَکَ لِباسَ، پاڻِي پَسَڻُ هيڪِڙو؛
اُونهي تَنهِنَ عَمِيقَ جي، واري چِڏِ وِماسَ؛
جِتِ ناهِ نِهايتَ نِينهَن جي، کوءِ اُتِ پنهنجي ڪاسَ؛
تَڙَنِ جي تَلاسَ، لاهِ تہ لالَنَ لِگِي ٿِئين.

٤

وَجان ڪينَ وَري، هُوندَ رِءَ چَئِي رَهي رَهان؛
دُونهِينءَ پاسي دوسَ جي، ماڳِهين پَئان مَري؛
صُورَتَ نہ سُنهن ڪا، ڪَيسِ چِتَ چَرِي؛
وِصالان فِراقَ جي، سُچِي ڳالهه ڳَري؛
تيلاهِين تَرِي، مُنهن ڳِنيو موتيو وِجان.

٥

جي قِيامَ مڙنِ، تہ ڪَرَ اوڏا سُپِرينِ؛
تِهان پَري سُڄَڻِ، واڌايُون وِصالَ جُون.

٦

آئُون ڪِہ نہ ڇاڻان اِيئن؟ تہ جرَ گِهڙي جوڪو ٿئي؛
قَضا جا ڪَريمَ جي، تَنهن ڪان ڪَنڌُ ڪَڍِبو ڪِيئن؟
هِڪ لِکئي، پِئي نِينهَن، آڻي اولِيَسِ اول ۾.

٧

نہ ڪاتِيءَ نہ ڪانهَن، نڪو ڏوهُ قَلَمَ جو؛
اَنگُ اُتيئِي لِکيو، جتہ نہ رَسي پانهَن؛
ڪَنهِن کي ڏِيان دانهَن؟ قَضا قَلَمُ وَهائِيو.

٨

نَڪو سَنڌو سُورَ جو، نَڪو سَنڌو سِڪَ؛
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻِي پاڙَ لَهي.

٩

سِڪَ تُنهِنجي، سُپِرينَ! اَندر تِي اَجهلَ؛
پَرڪِيو پاهر نِڪري، کُوري ڪانئِي ڪَلَ؛
رِءَ سِيراهِيءَ سَل، مُونکي ڏِنا سَڄَڻين.

١٠

ڪِي تران ڪِي تارِ مُون، ڪِي سَگھان ڪِي سَگُھ؛
آڏو ڏيِج مَ لَڳُ، مُون ھيڪلِيءَ، وَلَھا.

١١

ڏِٺي ڏِينھَن ڏِيامَ، ڪوھُ ڇاڻان ڪھڙا پِرين؟
سَھسين سِجَ الُھِي، واجھائِيندي وِيامِ؛
تنِين سالَ ڏِيامَ، جنِين ساعَتَ نہ سَھان.

## ابيات متفرقہ

١

ساھڙَ ڏاران سُھڻِي، نِسورِي ناپاڪَ؛
نَجاسَتَ ناهِ ڪري، اُنِين جِي اوطاقَ؛
ھُوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي تنِين پاڪَ ٿِئي.

٢

ساھڙَ ڏاران سُھڻِي، ھِيءَ تان جُنبِي جوءِ؛
ھِنَ پاڻِيءَ سين پانھنجو، مُورِ نہ مَٿو ڌوءِ؛
جي پِرينءَ پاسي ھوءِ، تہ ڪَر توڙِيءَ تَڙُ ڪيو.

٣

ساهَڙَ ڌاران سُھڻِي، هِي تان جُھڪِي زالَ؛
توڏِيءَ تَپُ شرُوع ٿِيو، هَيءُ! هِيٽِيءَ جي حالَ؛
جَڏِيءَ رِءَ جَمالَ، اَکِھي ٿِي آهُون ڪري.

۴

ساهَڙَ ڌاران سُھڻِي، آهي ۾ آزارَ؛
ڏَمَ پاسي ۾ ڏُکَندو، صِحَتَ وَٽِ سَنگھارَ؛
توڏِيءَ سَندي تَنَ جي، دَوا ۾ دِيدارَ؛
جي پَسي مُنهن ميهارَ، تہ سِگھيائِي سَگِھي ٿئي.

۵

ڏِيهاڙِي ڏَمَرُ ڪري، مَتي مُحَبَتَ مُون؛
تنهِن کي اَچِي تُون، پِريمَ! ڪوهُ نہ پَلِئين.

۶

جان جان هُئِي جِئَرِي، ورچِي نہ ويٺِي؛
وڃِي پُون پيٺِي، سِڪَندِي کي سَڄَڻين.

۷

جان جان هُئِي جِئَرِي، ويٺِي نہ ويساندِ؛
لُڙھِي لَھرِن پاندِ، مُيائِي ميهارَ ڏي.

۸

وَرُ اُونداهِي راتِڙِي، کوءِ چانڊُوڻِيءَ چنڊان؛
اوري ميهاران، مُنهن مَ پَسان ڪو پيو.

۹

سائِر ٻوڙِي سُھڻِي، نہ ڏوري نہ ڏِنڊِ؛
اَکين مَنجھ اُڪَنڊَ، مُيائِي ميھار ڏي.

١٠

سانوڻَ لَھرِيُون، ٿَرَ وارِي، تِرَ وارَ؛
اِنھان ئِي اَپارَ، مُون سين پَلي پالَ ڪيا.

## وائي

مُنھنجُون سِيئِيُون، آيلِ ! ماءِ، مَنَ مُرادُون پُنيُون.
جھڙِي پِريان ڳالھڙِي، تَھڙِي ٻِي نہ ڪاءِ؛
ڪجي تان ڪوڏُ ٿِئي، سُڄي تان سيباءِ؛
ويھُ داتا جي دَرَ تي، شُڪُر جَنھن جڳاءِ؛
ڪانھي حَدَ حَمدَ جي، تہ ڪَريان لالَنَ لاءِ؛
ڳَنڍيو، ڳَنڍِيان ڪيتريُون، وَڏيُون وَڏاياءِ؟
سو مُون ھَتان نہ ٿِئي، جيڪِي تو جڳاءِ؛
تو سَچِيُون، تو سَنديُون، سِڪَن توھِين ساءِ؛
اڄَ تُنھِنجي اُجيُون، لوچِنِ توھِين لاءِ؛
دِلِ دانھُن ري نہ رھي، مُون کي ماڻِ جڳاءِ.

# سر سسئي آبري

## داستان پهريون

١

جي سِجهائِي سڪَ، تہ پِڻُ سِڪي سَسُئِي؛
پيتائِين پُنهُونءَ کي، هڏِ نہ پِڳِيَسِ هڪَ؛
اِن تَڙَ منجهان تِڪَ، ڏِني پاڻَ اُجَ تئَي.

٢

پَسِي جهاجهہ جَمال جي، جنِين پِيتي پِڪَ؛
اَپِرَ اُڃانجهو ٿيو، سُورُ اُنِين کي سِڪَ؛
هڏِ نہ پِڳِيَنِ هڪَ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

٣

مُحَبَّتَ جن جي مَنَ ۾، تن تِشُنگِي تارِ؛
پِي پِيالو اُڃَ جو، اُڃَ سي اُڃَ اُتِيارِ؛
پُنهون پاڻَ پِيارِ، تہ اُڃَ سِين اُڃَ اُجهائِيان.

٤

مَحَبَّتَ سَندو مَنَ ۾، پُرُ پِيالو جن؛
پِيَڻَ پَرَچاءُ ناهِ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهِ ڏِيَن؛
تنهن نِهايَتِ ناهِ ڪا، جنهن سُڃا سُڃَ وِڃن؛
تيلان اُڃَ مَرَنِ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

٥

سَدا سائِرَ سِيرَ ۾، اَندِر لَهي نـ اُچَ؛
پَسَڻُ جو پرينءَ جو، سا سَيائِي سُچَ؛
تيلان مَرَنِ اُچَ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

٦

ساجَنَ ڪارَڻِ سُچَ، مَرُ قَبُولي سَسُئِي؛
اَندَرُ جنِين اُچَ، پاڻِي اُچِيو اُنَ کي.

٧

پاڻِيءَ مَتي جهوپڙا، مُورکَ اُچَ مَرَنِ؛
ساهان اوڏو سُپَرينَ، لوچي تان نـ لَهنِ؛
دَمُ نـ سُڃاڻَنِ، دانهون ڪن مُنَنِ جئن.

٨

سَسُئِيءَ ڪِينَ سَمجهيو، اوري آريءَ ساڻُ؛
ڪري پيکَ پُنهونءَ سين، پاڏارِيائِين پاڻُ؛
ڄَڻِ وِڃايو ڄاڻُ، ٻانيَڙِ ٻَروچَنِ سين.

٩

لَڳي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙوئِي لَهسِيو؛
اُپَنِ مَنجهان آيو، ”هيءِ! هيءِ!“ جو هڳاءُ؛
طُيورَنِ تَنوارِيو، پُنهونءَ پُڄاڻاءُ؛
رَسِيو سُورُ شَبانَ کي، وُحُوشَنِ وَتاءُ؛
مِرُوئَنِ موتُ قَبُولِيو، اَپِرَ اَفسوساءُ؛
بَرَ پِڻُ ڪن بُڪاءُ، اُڪَندِيا آرِيءَ لَءِ گهڻو.

١٠

مَهندِ مُحتاجِ ڪَري، پُنِيءَ پيرُ ڪَٽيِج؛
ڪُبيلِياڻِي! ڪيچَ ڏي، حُجَ مَ هلائيِج؛
پاڻا ڏارَ پِريتَڻو، سَسُئِي! ساڻُ ڪَٽيِج؛
اوڏِي عَزازِيلَ کي، ويجهي تان مَ وَڃيِج؛
نا اُميدِي نيِج، تہ اوڏِي ٿِئين اُميدَ کي.

١١

ويهُ مَ مُندَ! پَنيورَ ۾، هاڙهي هڏِ مَ هلُ؛
ڪُوڙِي ڪَڄ مَ ڪڏهين، سَچِي ڳالهہ مَ سَلُ؛
جانِبَ لَءِ مَ جَلُ، سُورَ وِسارِ مَ سَسُئِي!

١٢

سُکين ٿِيُ مَ سَنَرِي، پَسِي ڏُکَ مَ ڏَرُ؛
پَتِي ڪَرِ مَ پانهنجو، گهورِي! اَڏِ مَ گهَرُ؛
مارِي! هڏِ مَ مَرُ، مَڇُڻِ جِيُ جِيارِئين.

# داستان ٻيو

١

پَسِي ڏُونگَرَ، ڏاهِ! جِمَ هلَڻَ ۾ هيٺِي وَهين؛
لانئي لَهَ لَطِيفُ چئي، پُٺِيءَ کيچِيُنِ کاه؛
پُڇِي پُورج، سَسُئِي! بَلوچاڻِي باه؛
اِنَ وَڙائِتي وَرَ جِي، آسَرَ هڏِ مَ لاهِ؛
جو اَکِنَئُون اوڏو آه، سو پِرين پَراهون مَ چئو.

٢

هتان کَٽِي هتِ، جن رَکِيو، سي رَسِيُون؛
ساجَنُ سُونهن سُرتِ، وِکان ئِي ويجهو گهٽو.

٣

جيکُسِ يادِ کَياسِ، وَرُ وڃِي وَٽِھارِ ۾؛
جَلِدُ جَرِيدي پَندَ ۾، اَدِيُون! اَجُ تِياسِ؛
وَڃِي کيچِ پُنِياسِ، ٻاروچاڻِي ٻاجهَ سين.

٤

واقُفُ نہ وَٽِھارَ جِي، پاڻِي کَنيُمِ نہ پاءُ؛
جَبَلُ جَلدايُون کري، تِکَ ڏيکاري تاءُ؛
لَگِي لُهَ لَطِيفُ چئي، معذُورِنِ مَتاءُ؛
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ هوتَ هيکِلِي آهيان.

٥

وَڏا وَڻَ وَڻڪارِ جا، جِتِ نانگَ سُڄَنِ نِيلا؛
اُتي عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، ڪيا هيڪِلِيُنِ حِيلا؛
جِتِ ڪُڙَمَ نہ قَبِيلا، اُتِ رَسجِ، رَهبَرَ! راهَ ۾.

٦

ويچارِيءَ وَڻڪارُ، اڳُ نہ ڏِٺو ڪڏهين؛
مَهرَ نہ هئِي ماڙهين، هو سَيُ هندُوڪارُ؛
جَتُ ڪيائِين يارُ، سُورَنِ ڪارَڻِ سَرَتِيُون!

وائي

هوءِ جي هليا هوتَ سُونهارا؛
مُون نہ وَهيٽا، پنهونءَ سَڱِٽا.
سَسُئِي پُڇي ساٿَ جا، اوطاقُون اوتارا؛
آن ڪي ويندا ڳڏيا؟ آرِياڻِي اِهَ پارا؛
ٺَلِيُون ٺؤنرَ هلِويُون، مَيَنِ سِرِ موچارا؛
مُون کي نِيندا پاڻَ سين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا؛
اَدِيُون! عَبۡدُاللَطِيفُ چئي، دوسَ آيا دِلدارا.

## داستان ٽيون

١

پُنھونءَ چڙھيو پوءِ، جانِبُ جَبَلُ ڳولئين؛
ٽيلاھين ٽَنگُون ڪَرئين، جيلانھين تون جوءِ؛
ساڄَنُ سُڃَ نِھارِئين، ڏُکِي! ڏوھُ ڪيوءِ؛
ھاڙھي ھوتُ نہ ھوءِ، وري پُڇُ ويٺِيُن کي.

٢

وِري پُڇُ ويٺِيُن کي، سَندا پُنھونءَ پارَ؛
ساڄَنَ سَيِءُ ڇمارَ، ڏُکِي! ڏورِج ڏِيلَ ۾.

٣

ڪونھي اُتِ ڪوھيارُ، جِتِ تو، پوري! پانئِيو؛
پَندُ مَ ڪَرِ پَھاڙَ ڏي، وُجُودُ ئِي وَٽِڪارُ؛
ڏارِيا پانئِج ڏارَ، پُڇُ پِريان ڪَرَ پاڻُ تون.

٤

سَيِيئِي ساري، سَسُئِي! گھرَ ڪُنڌُون تون گھورِ؛
وڃِي ڏُورِ مَ ڏورِ، درا مَنجھ دوسِتُ ٽيو.

٥

سوئِي ڪَٽيو ساڻُ، سوئِي ڏورئين، سَسُئِي!
ڪَڏھن ڪَنھين نہ ڪيو، چِلَڻَ مَنجھان چاڻُ؛
پُڇُ پِريان ڪَرَ پاڻُ، تہ تون تِئائِين لَھين.

٦

جو تُون ڏورِئين ڏُورِ، سو سَدا آهي ساڻُ تو؛
لالَنَ لَءِ، لَطِيفُ چئي، مَنجهي ٿِي مَعذُورِ!
منجهان پَنئُن پَرُوڙِ، تو مَنجهه آهسِ تَڪِيو.

٧

وَڃِين ڇو وَڻڪارِ؟ هٿِ نہ ڳولِئين هوتَ کي؛
لِڪو ڪِينَ لَطِيفُ چئي، پاروچو ٻِئي پارِ؛
ٿِيءُ سَتِي، ٻَڌُ سَندِرو، پِرتِ پُنهونءَ سين پارِ؛
نانئَي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.

٨

هلُ هنئين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرِ مَ پَنڌُ؛
رائي پُڇُ مَ رَندُ، رِڙُهُ رُوحانِي سَسُئِي!

٩

ڪَجي پَنڌُ، پُڇان تو، ڪيچِيُن ڪارَڻِ ڪِيئَن؟
بيخود هلِج برَ ۾، آئُون تو چوَان اِيئَن؛
سِڪَڻ ساجَنَ سِيئَن، مَتان، مُٺِي! چِڏِئين.

١٠

مَتان، مُٺِي! چِڏِئين، پريتَڻو پاڻا؛
چاپِن جئَن چاڻا، تون پِڻُ هوئِج تن جئَن.

١١

مَتان، مُتِي ! چِڏَئِين، پاٽان پِرِيتِٽَو؛
ڪَٽُورِيءَ ڪَٽو، مَڙهي مَڙهِج مُنهن ۾.

# داستان چوٿون

١

ھيجُ نہ ھوندو جن، سي ڪِيئن ونڌُر وِينديُون؟
وھو وِچ رَھنِ، سَھسين سَڌُنِ وارِيُون.

٢

سَڌائِتي سَيَڪا، بُڪَ نہ باسي ڪا؛
جيھيءَ تيھيءَ ذاتِ جي، جُنبَشِ ڪانھي ڪا؛
مون سين ھلي سا، جا جِيُّ مِٽو نہ ڪَري.

٣

وَريتيُون! وَرو، آئُون نہ وَرَندِي وَرَ ري؛
جاڏي ھنَ جَبَلَ جو، تانگھيندِيَسِ ترو؛
جَتَنِ ساڻُ ڏرو، نِينهن نِبيرِڻُ نہ ٿِئي.

٤

وِجوسيِ وَري، اَئِين جي وَرَن وارِيُون؛
ڦوڙائي فِراقَ جي، سُڄي ڳالہ ڳِري؛
ٻُنيان جن ٻَري، ڏُونگَر سي ڏُورِينديُون.

٥

اَج ملندِيَس، ماءِ! ڏاچا ڪَنديَس ڪَپڙا؛
جِيجان! جوڳِياڻِي ٿِيان، مون کي جھلَ مَ پاءِ؛
ھوتَ ٻَروچي لاءِ، ڪَنين ڪُنرَ پائِيان.

٦

مُون کي پانـئِي پاچَ، ڏيرَ ڏُوراٿا ھـليا؛
اِڱيان اُتِي اُنِ جي، خُوبُ نـ پَکـَمِ کاچَ؛
مَيڙي آپـَ سَرَتـِيُون، نَکـِي ڳايـَمِ ڳاچ؛
سا مُونِ ھـتان نـ تِي، جيـکـا رَسَمَ راچَ؛
آيَلِ ! آءُ اَکـاچَ، ٻولُ ٻَروچي وِتَرو.

٧

پھـرِينِ تُون پاريجِ، پارَڻُ پوءِ پُنھونءَ تي؛
ٻولُ مَ وِساريجِ، ھـو جو کـَيُءِ ھـوتـَ سين.

٨

توسينِ ٻولَ ٻَھونِ، سَھـسينِ ساجَنُ جي کـري؛
کـَندِينءَ توءِ کـَھونِ، جي نـالو ڳِيـَڙُءِ نِينھن جو.

٩

سُٽِي ٻولَ سَندانِ، جِمَ سُمھين سَسُئِي !
کـَندِينءَ کـوهُ کـيٽانِ؟ جـ سي اُنِ اورانگھيا.

١٠

سِجَ اُلَتي سَسُئِي، رَتـَ وَرَٽـو روءِ؛
پَھي نـ پانڌِي کـو، جنھن کـَرَ پُڇي لوءِ؛
مُوڙِھـي وِجي توءِ، موتـَڻَ جِي کـانَ کـري.

١١

ڇُلان، مَنجهِم نہ ڇاڪَ، پُران، پَوَنِم پُرڪَٽا؛
مَتان ڪا مُندَ ڪَري، موتَڻَ جي مَزاڪَ؛
ڇِتےُ سَندو مُون ڇاڪَ، هاڙهي هڏِ هٽِي ڪيو.

١٢

موتَڻَ جا مَذڪُورَ، جان ڪَي ڇِيَسِ جيڏِئين؛
پَريتےِ پِهرئين پُورَ، نيئِي پهچائِي پُنهونءَ کي.

١٣

موتِي مَران مَ ماءِ! مَوتَڻَ کان اَڳي مَران!
لُڇِي لالَنَ لاءِ، شالَ پَونديَسِ پيرَتي!

وائي

مَعلُومُ حالُ حَبِيبَ! مُون کي دَردُ قَديمِي، وو!
دَردُ جَدِيدِي، حُبَّ حَبِيبِي.
آلُودِي آزارَ کان، تولَءِ تِيَسِ، طبِيبَ!
شادِي ڏِئين صِحَتَ جِي، غَمِي لاهِ، غَرِيبَ!
اَهئان تِي آهون ڪَريان، نَعرو مَنجه نَصِيبَ!
ڪاهلِ آهيان ڪُوڙي، رَسِي لاهِ، رَقِيبَ!
حاذِقُ آهئين هنَ جو، اَچين شالَ، عَجِيبَ!
دَوا آهِئين دِلِ جِي، پُڇ پُڇ رَهيَسِ طَبِيبَ؛
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ کي، ڪوڙي لاءِ، قَرِيبَ!

## داستان پنجون

١

پَھِي جان پَنيورَ ڪان، ڏُونگَرُ ڏورِيو مُون؛
ڪاهي رَسِيَس ڪيچَ کي، جِتي پارَ پُنهون؛
سَيَتِ آهئين تُون، قَضا ڪَندين ڪِنِ سين؟

٢

پيهي جان پارَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻِ؛
تہ نَڪو ڏُونگَرُ ڏيهَ ۾، نَڪا ڪَيچِيُنِ ڪاڻِ؛
پُنهون ٿِيَس پاڻَ، سَسُئِي تان سُورَ ھئا.

٣

پُنهون ٿِيَس پاڻهين، ويو سَسُئِيءَ جو شَرَمُ؛
هيڪِليُون هلَنِ جي، پَھِي تن پَرَمُ؛
جو وِندُرِ ۾ وَرَمُ، سو سودو سَرِيَسِ هتَهين.

٤

پُنهون ٿِيَس پاڻهين، ويئِي سَسُئِيءَ جي سُونهن؛
خَلَقَ آدمَ علٰي صُوُرَتِهٖ، اِئن وَٽَنِ مَنجھ وِرُونهَ؛
چِرَي مَنجهان چُونهَ، کَٿِي هوتَ هنج ڪيو.

۵

ويئِي سُونهن سَسُئِيءَ جِي، پُنهون ٿِيَس پاڻَ؛
سَيِّنِ جي سَيَّدُ چئي، آهي اُتِ اُماڻَ؛
پَنيورَ جا پاڻَ، آڏا عَجِيبَنِ کي.

٦

وَهمَ وِرساياسِ، ناتَ پُنهون آئُون پاڻَ هئِي؛
پاڻُ وِڇايِمَ پانهنجو، پِئِي پِريان جي پاسِ؛
رَتِي عِلمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

٧

هيڪَرَ هئڻُ ڇڏِ، تہ اوڏِي ٿِئين عَجِيبَ کي؛
مَارَاَيتُ شَيْئًا اِلاَّ وَرَاَيتُ اللهَ، نيئِي اجها اوڏا نهين اَڏِ؛
تہ هوتُ توهين ڪان هڏِ، پِرين پاسي نہ ٿِئي.

٨

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇين ڪوهُ پَهي؟
وَ فِي اَنْفُسُڪُمْ، اَفَلا تُبْصِرُوْنَ، سُوجهي ڪَرِ سَهي؛
ڪڏهن ڪانہ وَهي، هوتُ ڳولَڻَ هٿَ تي.

٩

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇين ڪُوهُ پَرياڻُ؟
وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ، تُنهنجو توهين ساڻُ؛
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجِيبَنِ کي.

ووڙِيَمِ سَڀِ وَڻاڻَ، يارَ ڪھارَڻِ جتَ جي؛
اَللهُ بِڪُلِّ شَيۡءٍ مُحِيۡطُ، اِي آرياڻيءَ اُھڃاڻَ؛
سَڀَ ۾ پُنھون پاڻَ، ڪِينھي ٻيو ٻَروچَ ري.

وائي

اَھڪِيءَ آڳَهُ آھي، وو! مون کي تان نہ ڇڏيندوتِڪَ ۾.
پيچي پوءِ پِيَنِ کي، لَڪَنِ ۾ لَڏَ لاھي؛
آرِي اُگھاڙَنِ کي، پُنھون ڄامُ پَراھي.

# داستان ڇهون

١

جُدائِيءَ جو جامُ، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛
مَنگَلُ مُنهنجي مَنَ ۾، پارِيو هوتَ حَمامُ؛
اَرکِ ٺِيو آرامُ، هاھُلُ پَسِي ھانڊَ جو.

٢

دَردُ نہ لَهي دارُوئين، زُلِفَ زورُ ڏِنومِ؛
هاهُلُ هالَ ڏِٺومِ، رُخساري تي رُوپَ سين.

٣

هاهُلَ هُٿِي جا، هَفَنُ تنهن ھِينَ ٺئي؛
مَنجھ شهادَتَ سان، لُڏي ۾ لاڏَ ھري.

٤

ڏَکا، ڏُونگَرَ چامَ! مَ ھَرِ مَعذُورِن تي؛
توتي لَڳَ، لَطِيفُ چئي، آهي سَندِي عامَ؛
مارِ مَ ڇَئِي مَعذُورِ کي، وَنهيا ھانڊَ! ھَلامَ؛
پَرچِج پيادِن سين، اَللہ لَڳِ، عَلامَ!
جا نَوازِي اَهنجي نامَ، سا، هوتَ! مَ ڇَڏِج هيڪِلِي.

٥

پَير پٽانئِي ڪُنُئَرا، ڏُونگَرَ مَٿي ڏي؛
ڦَٽِيا ڦَرَڻَ فَقِير جا، سيرُون ٽِيَڙا سي؛
جهڙي تهڙي حال سين، پُري پُنهونءَ ڏي؛
وَڃي، مانَ وَري، پانهِيءَ پَنڌَڻُ جنهن سين.

# داستان ستون

١

وِندُرِ جي وَجَنِ، سي مَرُ ٻَڌَنِ سَندِرا؛
ڀِيُون ڪوهُ ٻَڌَنِ، ڇوڙي جي ڇَڏِينديُون.

٢

ڏيھُ ڏيھان ئِي ڏُور، پَرڏِينھان پَري ٿِيا؛
سيٹَنِ ڪارَڻِ سَسُئِي، پيئِي پَرانھين پُور؛
تُون وَچِين، ھوتَ! حُضُور، مُنھنجوجئڻُ جيلانھِين ٿِئي.

٣

ھيڪاندِيءَ ھوئِي، اُٿِي راتِ رَوان ٿيا؛
ساھُ سَگِي ۾ سُورَ جي، پُنھون وِيو پوئِي؛
رَهُ، قَضا! دَمُ ڪوئِي، تہ ھيڪَرَ ھيڪاندِي ٿِيان.

٤

ھَڏِ نہ ساھُ سُڌِيرُ، دِلِ دَرماندِي دوسَ ري؛
پائي وِيڙا پِرتِ جو، زوراوَرَ زَنجِيرُ؛
جِيُ جُسو، جاڳِيرُ، ھاٿي مِلڪَ ھوتَ جي.

٥

عُمرِ سَڀِ عِشقَ سين، پُنھون جي پُچَنِ؛
رِيسَ ريذالِيُون تن سين، ڪُڇاڙي ڪي ڪَنِ؟
مارَڳِ جي مَرَنِ، وڏو طالِعُ تن جو.

٦

ويـٺي وَرِ نـ پوَنِ، سُتي مِلَنِ نـ سُپِرين؛
جي مَتي رَندَنِ رُئَنِ، ساڄَنُ مِلي تن کي.

٧

رائي کـِي رَنجُورَ، تَـکَـرَ توءِ تاکِـيو چڙهي؛
لانچي لَکـ، لَطِيفُ چئي، هلي ڏانهن حضُورَ؛
رَهيا سَـپـِ رُجَنِ ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ؛
ساڄَنُ ميڙيُسِ سُورَ، سُکَ نـ ميڙيُسِ سُپِرين.

٨

مَنجهان پَنڌُ پرُوڙ، سَپَ مَ پُڇِج، سَسُئِي!
ويهي وَڏي ڍِڳَ مان، ڏُٺي وِجهج ڏُوڙ؛
تـ تون ماٺِئين مُوڙ، جي پَندِ اِهائي پارِئين.

٩

ٻَريائِي تـ ٻارِ، ڦُوکِـ تـ لَڳي اَنبَرين؛
هِتي جي هُئَڙَ جُون، وَٺُون سَـپِ وسارِ؛
سَمُوري سَرِکارِ، نيئِي رَکِج ناهِ ۾.

١٠

قَدُ بَڏِي، تُون کِـينُ، پَهُچَندِينءَ پُنهونءَ سين؛
جئن سِينو ساهئين سَسُئِي، ٿِئين تَهواروں تِينُ؛
مُٺِي! ٿِيُ مِسِکِـينُ، هِمَّتَ هوتُ وِجائِيو.

١١

ٻِلَرِ لَڳو ٻاڻُ، پَسو! جوءِ جَرا ٽِئي؛
سا مُنڌَ مَري نـ جِئي، پيئِي پَڇاڙي پاڻُ؛
سَسُئِي سُورَنِ ساڻُ، سَنيوڙِي سَيَّدُ چئي.

# داستان اٺون

١

اَڌَر، نِڌَر، اَپِرِي، اَسُونهين آهِيان؛
لُڙُڪَ لعُلَ، لَطِيفُ چئَي، وَرَ لَءِ وَهايان؛
هيجان هَنجُون حَبَ ۾، هوتَنِ لَءِ هارِيان؛
جانِبُ ضَعِيفِيءَ سين، پُنهون پَهايان؛
پِيهان، پَچايان، جي مان نِيو پاڻَ سين.

٢

اَڌِر، نِڌِر، اَپِرِي، آهيان اَسُونهين؛
پَرَ ڏيهي پِرين ڪَيا، مَرَڻَ لَءِ مُونهين؛
سَسُئِيءَ ڪي سَيَّدُ چئَي، تَنگُنِ ۾ تُونهين؛
هارِي! ڪِئَن هونهين، رِءَ سَمَرَ سَڌُون ڪَرِين.

٣

اَڌِر، نِڌِر، اَپِرِيءَ سَڌَر تَيُ سچِي؛
سُپَڪِ تَيُ، سَيَّدُ چئَي، پَهڻَنِ مَنجهہ پَچِي؛
مَعذُورِ تي مارو ڪيو، اولاڪَنِ اَچِي؛
منجهان راهَ رَچِي، تِيَڙِي لالُ، لَطِيفُ چئَي.

٤

اَچِي عِزرائِيلَ، سُتِي جاڳائِي سَسُئِي؛
تي ٻوڙائي دَليلَ، تہ پُنهون ماڙُهو موڪليو.

٥

مُنْڍِرَءِ نَڪِيرَ ڪي، جڏهن ڏِٺائِين؛
اَڳيان اُٿِي اُنِ ڪي، پُنهون پُڇِيائِين؛
اَدا اِتائِين، ڪو ويوساٿُ سَڄَڻَ جو؟

٦

ياياٽِي ٿِي پور، پُنِيءَ ڪيچِيُنِ ڪَڪِرا؛
رائو مِڙيوئِي رَتَ، ڪارَڻِ ڪانڌَ ڪَڪورِ؛
لانچي لَڪَ لَطِيفُ چئَي، اُٿِي ڏُونگَرِ ڏورِ؛
جَتُ وَجي ٿو زورِ، اُپُڙُ تان اوڏِي ٿِئين.

٧

جُهتَ پِتي، پِهُ جَهنگِ، هاڙهي پُڇُ مَ هوتَ ڪي؛
سُورُ سُٻيلِي، سَسُئِي! لَڪَ تَنهِين سين لَنگهِ؛
تَ سُپيرِيان جي سَنگِ، مُنڌَ! ميڙائو ٿو ٿِئَي.

٨

ڪَرِڪو واڪو وَسُ، وِهُ مَ مُنڌَ پَنيورَ ۾؛
چَڙهي ڏاڍين ڏُونگَرين، پيرُ پُنهونءَ جو پَسُ؛
ڏورَڻَ مَنجهان ڏَسُ، پَوَندءِ هوتَ پُنهونءَ جو.

## داستان نائون

١

ويھُ مَ وِساري، پُڇا ڪَرِ مَ پَنڌَ جي؛
نِرمَلُ نِھاري، ھلَندِن تان ھتِ ڪيو.

٢

اَوَجھڙ اَسُونھَن، ڏيھُ گھٽو ئي ڏورِيو؛
سَڳَر رءَ سُونھَن، پھتِي ڪانہ پَنڌُ ڪَري.

٣

واءَ! وِجاءِ مَ سو، پُنِيءَ جنھن پَنڌُ ڪريان؛
ڇَتا! ڇپَرِ پرينءَ جو، پيرُ پَرِنيان تو؛
بَرِ بورائو جو، لَڳِي، متان لَتِئين!

٤

ڏورِ مَ تون ڏوريج، صَبرُ ڪَرِ مَ سَسُئِي!
پُرَڻُ چَڏِ پيرِن سين، وِھڻُ وساريج؛
سُڪَنِ جا، سَيَّدُ چئي، لاڳا پا لاھيج؛
ھنئين ساڻُ ھليج، پَنڌُ پاسي پِرَ نِبري.

٥

ڪُھي جا ڪَنيائِين، وِڪَ تَنھين ويجھي ڪَئِي؛
ڇِڪيءَ ڇِنائِين، پَنڌُ مِڙوئِي پَبَ جو.

٦

سَؤ ڪوهَ ڪري سَيَڪا، تُون، کُهِي ! کَٽِج وِکَ؛
تاٽِج مَنجهان تِکَ، تہ پَنڌُ پاسي پرَ نِبري.

٧

هيڪِليائِي هيلَ، پورِيندِيَسِ پُنهونءَ ڏي؛
آڏا ڏُونگَرَ لَڪِيون، سُورِيُون سُڄَڻِ سيلَ؛
تہ ڪَرَ ٻيلِي آهِنِ ٻيلَ، جي سُور پِريان جا ساڻُ مُون.

٨

دوسِتُ ڏِٺائِين دِلِ سين، وِرچِي تان نہ وِهي؛
لانچِي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، پَهٽَڻِ مَنجِهہ پِهي؛
سَندي نِينهن نِهي، ڪِي سَرفِرازُ سَسُئِي.

## داستان ڏھون

١

آءُ اوراھُون، سُپِرين ! پَري وَڄُ ۾ پِيَّ !
موٽُ، مَرَندِيَسِ ڇَپَرين، تُون جِيارو جِيَّ؛
ھوتَ ! مَ ڇَڏِج ھِيَّ، پُنھون ! پِيادِي پَنڌَ ۾.

٢

آءُ اوراھُون، سُپِرين ! ڏُکِيءَ ڏيج مَ ڏاگھُ؛
وَتِ ڇَڏي مُون واگھُ، آرِي ! وِئين عِشقَ جو.

٣

ھَتان ھَڏِ نہ ڇَڏِيان، صَبرُ شُڪرانو؛
ذَوقَ زمانو، مُون، وَرَ ! وِيو وِسرِي.

٤

ناهِ جَمِعيَّتَ جانِ کي، ھوتَ پُڄاڻا ھانِ؛
اَللهَ ! سِيئِي آنِ، جن ساءُ چَکايُم سِڪَ جو.

٥

ناهِ جَمِعيَّتَ جانِ کي، ھوتَ پُڄاڻا ھتِ؛
پُنھونءَ جي پِرتِ، ساءُ چَکايُم سِڪَ جو.

# داستان يارهون

١

ڪَنُ ٿِيُ، ڪيچِيُنِ ڪُڇِيو، ڪُڇُ مَ، ٿا ڪُڇِنِ؛
اِشارَتُون اُنِ جون، سُڪُوتان سُڃَنِ؛
وَٽان ويهِي تَنِ، سُڻُ تـ سوزُ پرائِيين.

٢

سُڻُ تـ سوزُ پرائِيين، ” آءُ “ چيائُون اَڄُ؛
ٻولِي ٻِي نـ سِکِيا، ”پاٽا“ چوندءِ ”يَڄُ“؛
واڇي وَٽِ مَ وَڄُ، ٻُڌُ تـ ٻِيائِي لَهي.

٣

ڪَٽارو ۾ ڪوسُ، اَڱَڻِ آرِيءَ ڄامَ جي؛
دِيَتَ آهي دوسُ، مارَڳَ ۾ مُيِنِ جي.

٤

اَکِيُون آرِيءَ ڄامَ جون، اَنڌِيءَ سين آهِنِ؛
هُو جي وَڻَ وِندُرَ جا، سي مُون سُونهائِينِ؛
ڏِسِيو ڏيکارِينِ، پيشانِي پُنهونءَ جِي.

٦

سَڏَ مَ ڪَرِ سَڏَنِ ري، هلَڻَ رِءَ مَ هلُ؛
جلَڻُ رِءَ مَ جلُ، رُئَڻَ رِءَ مَتان رُئِين.

## ابيات متفرقہ

١

اُٺِيو ۽ اُٺِياڪُ، ڪالهوڪو ڪاڏي ڳيو؟
وِيو جاڳائي، جيڏِيون، بره، هيُ بيباڪُ؛
ڇرُ ڦرُ ڪاري چاڪُ، سُورُ سُمهاري ڪِينَ ڪِي!

٢

جان ساماٽيئن، سَسُئِي! تان ويسُ وِڙَنِ جو ڪَرِ؛
لاهي لَڄَ، لَطِيفُ چئي، ٿِيُ بيگاريِاڻِي بَرِ؛
تہ ويندِي پوَئِي وَرِ، اڳيان هوتَ حضُورَ ۾.

٣

مُنڌَ نہ مَنجهان تن، پَسي لَڪَ لُڏَنِ جي؛
جا پَرِ ڪاهوڙِينِ، سا پَرِ سِکِي سَسُئِي.

۴

مُنڌَ مَ مَنهِڻ ويهُ، اُپِي اوسِرُ اُسَ ۾؛
تو سيئِي سيڙَ ڪيا، ڏُورِ جنِين جو ڏيهُ؛
پاڙي پاڙي پيهُ، وَٽُ پُڇَندِي پِرينءَ ڪي.

۵

اولاڪَنِ اَچِي، مَعذُورِ تي مارو ڪيو؛
مَتان، وَرَ وسارِئين، مَنجهان ڪُرَ ڪَچِي!
لاهي لاڳاپا لَنگِهہ تُون، سيٽَنِ ڏانهن، سَچِي!
مَنجهان راهَ رَچِي، ٿِيندينءَ لَعْلَ، لَطِيفُ چئي.

# سر معذوري

## داستان پهريون

١

هَلندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، ڪُهِجَنِ ڪي ڪوٿِيُون؛
پَهَڻُ تنِين پَٽُ ٿِئي، جي لءِ لالَنِ لُوٿِيُون؛
سَڀُ سَهيلِيُون سِڪَ ڪي، چُنجھون ۽ چُوٿِيُون؛
ٻانيَڻِ! ٿِيُ ٻُوٿِيُون، تہ ڪُتا ڪِيَنِئي ڪيچَ جا.

٢

تن پيئِي جانارَنِ يادِ، جي پاريلَ پُنهونءَ ڄامَ جا؛
سَندي لا لَنِ لاڏِ، مُئَانِ پوءِ مَنڏُ ٿِئي.

٣

جاڳايَسِ جَنبُورَ، ڪُتي قَرِيبَنِ جي؛
ٻَهِي پؤنڪِي اُٿيو، گِهڏِي مَنجهان گھُورَ؛
سَڀِ لاهِيندو سُورَ، گِرِي هِنَ غَرِيبَ تانِ.

٤

ڪُتو طالِبُ ڍُونڍَ جو، اسين ڪُتي ڪِيڙَ؛
چِهُٽي آهي چِيڙَ، ڪارايي جي ڪَنَ ۾.

٥

سَڱبانَ سِينڌارِيا، ٻِچِيا، تي ٻَهَنِ؛
ڦِريا نہ فَرمانَ ڪانِ، مُلهہُ نہ موتِيَڙَنِ؛
کونهي ڏوهہُ کُتَنِ، ڏاکارِيا، ڏاڙهِينِ تا.

٦

ڏَڪا، ڏُونگَرَ جا مِرُون، مَرُ تا مُون تي کَنِ؛
پُڙَندا کِينَ پَرِيَتِ تي، هِنَ جا سَڌَرَ تا سُڄَنِ؛
سَڳائِيءَ جي، سَيَّدُ چئي، آهي سُڌِ سَيَنِ؛
هُوندَ نہ هِتِ تَرَنِ، پر قَرابَتَ کَمُ کيو.

٧

سَڌَرَ سِينِ سَڱُ ڪري، پَرَڪَندِينِ پِيياسِ؛
ڪيرَ بِرهَمَڻِ؟ ڪِنِ جي؟ ڪيرُ ڄاٽي ڪيٽاسِ؟
هُوندَ نہ سِنڌُ سُياسِ، هِنَ پُرِيِنِ ڪَيَسِ پَڌَري.

وائي

خُوبِي مَنجِهہ خِفَتَ، اي! دوستَ! دِقَتَ، آهي عَبدُاللَّطِيفَ ڪي.
مَدَحَ مون ڪانَ نہ ٿِئي، سَندي سُورَ صِفَتَ؛
هِجِي ڪريانَ هيجَ سِينِ، مُطالِعُ مَحَبَتَ؛
حُزنُ هوتَ پُنهونءَ جو، رُڳيا ئِي راحَتَ؛
پِريانَ جي پِستانَ جو، فاقو ئِي فَرحَتَ.

# داستان ٻيو

١

اَدِيُون ! وَرُ اُگھاڙَ، وِھانءُ جنھن وساريو؛
جيڏِيون ! ڇڏي جاڙَ، سَپِ نَنگيُون تي نِڪرو.

٢

سَپِ نَنگيُون تي نِڪرو، لا لَڄِ ڇڏي لوپُ؛
سُپيرِيان سين سوپَ، نِندُون ڪندي نہ ٿِئي.

٣

سَپِ نَنگيُون تي نِڪرو، پَرَھَڙَ ڇَڏي پوءِ؛
مَھَندِ مِڙِنئان ھوءِ، ڪَھي جا ڪِينَ ڪٽِي.

٤

ڪَھي جا ڪِينَ ڪٽِي، پِرينءَ پَھُتِي سا؛
وِھي ويڙھجِي جا، وَصُلُ تنھن وِجائِيو.

٥

وَصُلُ تنھن وِجائِيو، سِيندِ سُرمي سِيئَن؛
سا لُوٽِي لِيلان جِيئَن، مَٽِيو جنھن مِٽُ ڪَيو.

٦

ھُونديان ھوتُ پَري، اوڏو آھ اَڙَ ھُوندِ ڪي؛
ساڄَنُ تن سَري، ”لا“ سين لَڏِينِ جي.

٧

لائي خَنجَرُ ”لا“ جو، هَيءِ! خَچَرَ کي هَڻُ؛
سَڏُنِ جُون سَيَّدُ چئي، وَڻُون سَڀِ وِڍَڻُ؛
پيرُ پَرُوڙي کَڻُ، تہ هَلَڻَ ۾ هوري وَهِين.

٨

هورِن هاڙهو لَنگِهيو، تِي جَرِيدِي، جوءِ!
هُوندِ جنِين سين هوءِ، هوتُ نہ هُوندو تن سين.

٩

هورِن هاڙهو لَنگِهيو، مُنِي! مُوسَتُ چِڏِ؛
”لا“ سين اُتِي لَڏِ، ”ڪِينَ“ رَساٽي ڪيچَ کي.

١١

نَڪا هِتِ، نہ هُتِ، ڪا ڳَوريءَ سندِي ڳالِ؛
ڪِينَ پَهُتِي مالِ، حالِ پَهُتِي هوتَ کي.

## داستان ٽيون

٢

هَلَندي هاڙهو مَٿي، ڪَرَڻُ ڪوهَ پِيامِ؛
اَرڏا آريءَ چامَ ري، گُوندَرَ گُذِريامِ؛
ڪِيُون، لَڪَ، لَطِيفُ چئي، اورانگهَڻَ آيامِ؛
پُرَڻُ پُنهونءَ پُٺ ۾، اِيُ سَعادَتَ سَندِيامِ؛
مَتِسِ ڪَمَ وِڃامِ، وهان تان نہ وَسِ پِيو.

٢

وَڏو ڪِيمَ وَٽاهُ! اُونچا ڏُونگَرَ! مَ ٿِيو.
ٿِمو مَ نيٽاهُ، تہ پيرُ نِهارِيان پِرينءَ جو.

٣

وارو! مُون وَٽَراهِ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ جي نہ ڏِيو؟
وِجهي وَراڪَنِ ۾، مَعذُور ڪي مَ مُنجهاءِ؛
مَنجهان پاڻَ پِيادِيُون، هادِي ٿِي هلاءِ؛
پِريان ڪي پَهُچاءِ، تہ لِڳي لُوتو نہ ٿِئين.

٤

ڪَنبدا مون پيرَنِ ۾، توٽي لَڪَ لِڳَنِ؛
آگِرِ، آڱُوٺي نہ مِڙي، چِپُون پيرَ چِنَنِ؛
ويندي ڏانهن پِرِينَ، جُتِي جاتِ نہ پائِيان.

٥

جُتيون سي پائِيندُيون، جنِين پير پِرين؛
لاٿيُون سَڀِ پَرين، سَسُئِي سُپيرِيُن کي.

## داستان چوٿون

١

مَري، جِيُ؛ تہ ماڻِيئين، جانِبَ جو جَمالُ؛
تِئين هُوندَ حَلالُ، جي پَندِ اِهائِي پارِئين.

٢

مَرُ تہ موچارِي تِئين، اَجَلان اَڳي اَڄُ؛
جان ڪِي هُئين جِئري، تہ مُنڌَ! يَنيوران يَڄُ؛
پُنهونءَ ساڻُ پهَڄُ، تہ مَلَڪَ اَلْمَوتُ ماڻِئين.

٣

اَجَلان اَڳي، سَسُئِي! مُنڌَ! جِئَريائِي مَرُ؛
توليان تنهن مَ تَرُ، جنهن رُوحُ وِچايو راهَ ۾.

٤

مَرَڻان اَڳي جي مُئا، سي مَري تِيَن نہ ماتُ.
هوندا سي حَياتُ، جِئَڻان اَڳي جي جِئا.

٥

اُونچو اُتاهون گهَڻو، جِئَڙَ ڪي جَبَلُ؛
مَرَڻَ مُون سين هَلُ، تہَ پُنِيءَ تو پَندُ ڪَرِيان.

٦

تو سَڳُ، ساهُ! گهَڻَن سين، جِئَڙَ! گوشي جاءُ؛
مَرَڻَ! مُون سين آءُ، تہ پُنِيءَ تو پَندُ ڪَرِيان.

٧

پَرِ ۾ پَچِي پِرينءَ کي، مَري نہ ڇاتوءِ؛
”مُوتُوا“، مُنڊَ! نہ سوءِ، ڪَنڌُ ڪُڄاڙِيان ڪاتِئين؟

## داستان پنجون

١

هَٿين، پيرين، مُونِڙئين، هَلِج ساڻُ هِنئَين؛
عِشقُ آرِيءَ ڄامَ جو، نِباهي نِئين؛
جانِ جانِ ٿِي جِئين، تانِ پاڙِج ڪومَ پُنهُونءَ سين.

٢

هَٿين، پيرين، مُونِڙئين، ڪَهِج پِرَ ڪَپارَ؛
مَتانِ، چوري! ڇَڏِ ئين، پِرِيتَٽي پَچارَ؛
توکي سَنَدَ، سَسُئِي! سَندِي لَنؤ لَغارَ؛
جي هُونِئِي هوتَ هَزارَ، تہ بہ پاڙِج ڪوم پُنهُونءَ سين.

٣

ٽَڏيءَ ٿَڪِي نہ وِهي، تَتِيءَ ڪَري تاڻَ؛
وِڏائِين وَٽِڪارِ ۾، سَسُئِيءَ پاڻُ سُڪاڻَ؛
پُڇِي پَهَ پَکِيُنِ کي، پيئِي مُنڌَ پَرِياڻَ؛
ڏِنَسِ ڏيهَ وَٽَنِ جا، تنِ اَللهَ لَڳے اُهياڻَ؛
مانَ پَرچِي پاڻَ، اَچِي آرِياڻِي وَرِي.

٤

توٽي وِلاڙُون ڪَرِين، توٽي هَلِين وِکَ؛
لِکِئي مَنجهانِ لِکَ، ذَرو ضايعَ نہ ٿِئي.

٥

لِکيو جو نِرازِ، سو اَنگُ کِيازِيءَ نہ ٿِئي؛
پازِيو ويٺِي پازِ، جيکي لالَنَ لِکيو لوحَ ۾.

٦

کَيائِين کيچِيُنِ لءِ، جُسو جَلاوَتَ؛
ڇَڏِي پيئِي ڇِپَرين، هارِي سَيِ حُجَتَ؛
هُئِي نِماڻِي نِسَتَ، پَندُ وڌائِين پانڻَ تي.

٧

مازهُو ڏيئِي مِهڻا، مُون کي کَندا کوهُ؟
جنهن ڇورِيءَ ۾ ڇوهُ، سا پٿُون ٿِيندِي پيرَ تي.

# داستان چھون

١

فَردا مُندَ ڦِتِي ھـڻِي، نَقدُ ڪنيو نارِ؛
ھِيَ جا واڳَ وِلَھيءَ جي، ويرَمَ ڏي مَ وارِ؛
جانـڪِي مُٺِيءَ مار، جانـڪِي ميڙِ مُٺِيءَ ڪي.

٢

مُٺِي ٿي مُدَعا گھُري، موتَ ٿيو موجودُ؛
اَچِين تہ اَڄُ ھَـرِيان، صُباحَ جو سُجُودُ؛
جانـڪِي ني وُجُودُ، جانـڪِي ميڙِ مُٺِيءَ ڪي.

٣

ڏُکِي ٿي ڏَڏورَ، لَھسِي لَنؤ پُنھونءَ جي؛
ڏيئِي آڳِ اتورَ، سَيَ نہ ساڙِي سَسُئِي.

٤

ڏِسَڻُ ڏِکان اڳَڙو، سَسُئِي! آڻِ مَ شَڪُ؛
ٿِيُ ٻانِھي، پِرَ اوئِيُون، لُڏُ مَ پَسِي لَڪُ؛
وَرُ پُنھونءَ سين پَلَڪُ، ڪوءِ ٻارھَنَ وره ٻِيَنِ سين!

٥

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرين، پَسو! پِٽُون پَوَنِ؛
مُئي پُڄاڻان مُنڌَ کي، روجهہ رُجَنِ ۾ رُئَنِ؛
پُوٽا اِيَهِين چوَن، تہ ”مُئِيءَ اَسانکي مارِيو“!

٦

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرين، اوچِنگارُون اَچن؛
هَٽِي سانگي سَسُئِيءَ کي، ڪِلو ڪَيو ڪَيچِينِ؛
جي هَٿان هوتَ مَرَنِ، هوتُ تنِين جي هَنجَ ۾.

٧

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگَرين، وَڻَ تِڻَ وايُون ڪَنِ؛
وَتان ويهِي جَنِ، وَڍِيءَ سي وايوڙِيا.

٨

وَڍِيءَ سي وايوڙِيا، رَتُ نہ ڏِٺو جن؛
موتُ قَبوليو تن، ڏِٺو جن ڏُکِيءَ کي.

٩

وَڍِيلَ تي وايُون ڪَري، ڪُتَلِ ڪُوڪاري؛
هُنَ پَنَ پنهنجا سارِيا، هِيَ هنجُون هڏَنِ لاءِ هاري.

## وائي

اَچِي، لالَنَ! لَتِ، مِيان! مُئِيءَ جو لوڙهُ لَهَنِ ۾.
هو ڪانُ ڪَتُوريءَ هِيرئُون، مُون ۾ صابُڻَ چِتَ؛
آرياڻِيءَ اَچِي ڪري، ڪا گَهِڙِي مُون وَتِ جَتِ؛
ڪَتُوري ڪَشِبُوءِ سين، هارِيائُون هَتِ هَتِ؛
دَرِدُ مُنهنجي دِلِ جو، تون، ڪامِلَ! اَچِي ڪَتِ؛
اَدِيُون! عَبْدُاللَّطِيفُ چئي، سِرَ تائِين آهي سَتِ.

## داستان ستون

١

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، سَهَسِين سِڄَ ويا؛
هَلَڻَ وِيرَ هِئان، ڏيکي شالَ دمُ ڏِيان!

٢

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، پويون ڏِيو پَساهُ؛
سِڪان ڏِي سَڪِراتَ ۾، رويو پُڇان راهُ؛
شالَ مَ وَڃيمِ ساهُ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

٣

آئُون نہ گَڏِي پِرينءَ کي، آيو عِزرائِيلُ؛
جوراڻي سين جيڏِيُون! نَڪو قالُ نہ قِيلُ؛
آيو موتُ دَلِيلُ، مارِيندو مُرادَ کان.

٤

وِلاڙِيو وَڻين چڙهي، رَئِي پَسِيو روءِ؛
وِچان جو وِڇُ پوءِ، سو ڪَنهن پَرِ ڪَهِي لاهِيان!

٥

وِلاڙِيو وَڻين چڙهي، اُونچَنِ مَٿي اَڄُ؛
لالَنَ ڪارَڻِ لَڄُ، باسِيائِين بَردارَ جو.

٦

وِلاڙِيو وَڻين چڙهي، ڏِيو پَتولي لانگَ؛
تاريءَ تاريءَ چانگَ، سَسُئِيءَ مورَ بچَنِ جِئَن.

٧

وِلاڙِيو وَٽين چَڙهي، پَسو سَگهہ سَندِياسِ؛
آڏِيءَ وَڃيو آڪُڙي، نَڪو پِيُ نہ ماسِ؛
سوئِي سو سيٽاسِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.

٨

رُڃُنِ ۾ رَڙِ تِي، ڪَر ڪووَلَ جي ڪُوڪَ؛
وَلَولو ۽ وُوڪَ، اِيَ تانَ آهِ عِشقَ جي.

٩

رُڃُنِ ۾ رَڙِ تِي، ڪَرَ ڪَرڪي ڪُونجَ؛
نَعرو منجِهہ نِڪُونجَ، اِيَ تانَ آهَ عِشقَ جي.

١٠

رُڃُنِ ۾ رَڙِ تِي، ڪَرَ سارَنگِي سازُ؛
اِيُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙهو رَڪَنِ مُنڌَ تي.

# سر ديسي

## داستان پهريون

١

ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَرَنِ، ڏِنهِي ڏِنمِ ڏُکَ؛
سي سَيِ پانيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

٢

ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگَرَنِ، ڏُکَنِ آئُون ڏَڏِي؛
پُڇان پيرُ پُنهونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڏِي؛
لِکِئي آئُون لَڏِي، ناتَ پِتَنِ ڪيرَ پَنڌُ ڪَري.

٣

اَگَڙَ مَتِي اوپِرا، جِڏهن ڏاگها ڏِٺَءِ ڏِينهَن؛
وَتِي سَڙَّڪَ، سَسُئِي! ويهُ وِهاڻِيءَ سِيئَن؛
چوٽِي سين چانگَنِ کي، جَڙِ زَنجِيرُن جِيئَن؛
تَہ هوتُ تُنهنجو هِيئَن، هوندِ پُنهون نيائُون نَہ پاڙَ سين.

٤

اَگَڙَ مَتِي اوپِرا، جِڏهن ڏاگها ڏِينهَن ڏِٺاءِ؛
ڪُنجُون جي قُفلَنِ جون، تان ڪنهن لَلِ لِڪاءِ؛
تَہ سُيا ٿِي سَندِياءِ، ٿِئي سارُوٽِي سَسُئِي!

٥

اَڳي اُٺَ رَڙَنِ، مُون پيري ماٺِ ٿِئِي؛
پَلاڻِيندي، پاڻَ ۾، ڪُڇيو ڪِينَ ڪُٺَنِ؛
ڪا جا مامَ مُٺَنِ، هِنِ پڻ هُئِي هُنَ سين.

٦

ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنگو مَ ٿِئِي!
اُٺَنِ ۽ اوٺِيَڙَنِ جي، ڇا وَهِيٽو ويرُ؟
هِيَ ڪَمِيٺِي ڪيرَ؟ جا اَمُرَ کي آڏو ڦِري.

٧

ديسِي سيڻَ ڪَڄَنِ، پَرَديسِي ڪَهڙا پِرين؟
لَڏِيو لاڏؤٽا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَڃَنِ؛
پُڄاڻان پِريَنِ، ڪَڄي بَسِ يَنيورَ ڪان.

٨

اُٺَ مَ اوري آڻِ، ڏاگهن ڏَڏِي آهِيان!
هَٺِي هَٿُ هيَنِ ڪي، پَري نيئِي پَلاڻِ؛
هوتُ مُنهنجو هاڻِ، پُنهون نِيائُون پاڻَ سين.

٩

جَتَ هَڏِهِين هُتِ، مُون هِتِ هِنئَڙي ۾ حَلُ ٿِيا؛
چَنگُلَ جنِين چوڦَرا، راحَتَ تن جِي رُتِ؛
گُنگَنِ جي گُپُتِ، ڇيڙي وِڏِيَسِ ڇَپَرين.

١٠

گَهَ سِرِ ٽِئي مَ گُسَ، پَٽِي پوءِ مَ پِرينءَ تي!
جنهن سِرِ ساڃَنُ سُپِرين، تنهن اُٿَ مَ لَڳي اُسَ!
پُنهون پاڪُ پِرُسَ! هوتَ نہ ڪَڄَنِ هيڏِيُون.

١١

لَڏِيندي لِباسُ، جَتَنِ جيڏوئِي ڪَيو؛
اَچي آرِيءَ ڄامَ جو، وَڻَ وَڻَ مَنجهان واسُ؛
مِرُون ڪِيَنِمِ ماسُ، هَڏَ هَلندا هوتَ ڏي.

١٢

اُٺَ ويرِي، اوٺارَ ويرِي، ويرِي ٽِيَڙِمِ ڏيرَ؛
چوٿون ويرِي واءُ ٿِيو، جنهن لَٽِيا پُنهونءَ جا پيرَ؛
پَنجون ويري سِجُ ٿِيو، جنهن اُلَهِي ڪِي اَويرَ؛
ڇَهون ويري ڇَپَرُ ٿِيو، جنهن سَنوان ڪَيا نہ سيرَ؛
سَتون ويري چَندُ ٿِيو، ڪِڙِيو نہ وَڏِيءَ ويرَ؛
واهيري جِي ويرَ، ڇُلُون ڪَرِيان ڇَپَرين!

# داستان ٻيو

١

مِڙِي مُنڍَ ڏي آئِيُون، ساھيڙيُون سَھَجان؛
اَلسَّفَرُ قِطْعَةٌ مِنَّ النَّارِ، ھارِي! موتُ ھِتان؛
سَڳّي صِراطَ الْمُسْتَقِيْمَ جو، اَتيئِي تان اڳيان؛
سي ڪيئِي نِينڊَءِ ڪِيان؟ تُنھنجو نِينھُن نِفاقَ سين.

٢

جڏان ڪُنْ فَيَڪُوْنَ چَئِي، نِيو آرِياڻِيءَ اَرواحُ؛
اَنگُ اڳِھين لِکيو، مُنھنجو مِيثاقاءَ؛
مَنْ طَلَبَ شَيْئا وَّ جَدَّ وَ جَدَ، اُتو علِيءَ شاهَ؛
اَجا اِن حَدِيثَ جو، مُون آسِرو آهِ؛
پُنھونءَ جي پيغامَ تان، مُنھنجو موتُ مُباحُ؛
سَرَتِيُون! دُعا ڪَجاهُ، تہ ميڙائو مُون ٿِئي.

٣

سَبَہَ سِياھِي، آھي آرِيءَ جامَ ري؛
ڪڍھن پَسي ڪا نہ ڪا، رِءَ لالَنَ لالائِي؛
دُودُ دِلِ تان دُورِ ڪَرِي، ڪَرِ، ساجَنَ! صَفائِي؛
مَنْ لاَ شَيْخُ لَہُ فَشَيْخُہُ الشَّيْطَانُ، اِنَ رِءَ اُونداھِي؛
ھُوءَ جا ھَلِي ھيڪِلِي، سا گِيرَبَ گَمائِي؛
بِلاَ شَيْخِ مَنْ يَمْشِيُ فِی الطَّرِيْقِ، اِھڙِي اَوائِي؛
تنھن رِءَ تَوائِي، ڪوڙين ٿِيَنِ ڪيترِيُون.

٤

ڀِنِيءَ تا ڀَرِينِ، ساٿِيُنِ سَندَ هَٿَنِ ۾؛
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چئي، مُون کي مَنجهه نه ڏِينِ؛
هوتُ پُنهون تا نِينِ، اَسُونهِينءَ جو آجِڪو!

٥

پڙ تا پَلاٽِينِ، اوٺِي اَڄُ اُباکَرا؛
پَهَ پاريسِيُون پاڙَ ۾، ڏيرَ ڏِهاڙي ڏِينِ؛
هوتُ پُنهون تا نِينِ، ٻاروچِي ٻولِي ڪَيو!

٦

دوڪَ دَهِليا جِتِ، گوُرا هَلَنِ نه گَسَ ۾؛
چَوُسالَ ٿِي نه چِلَٽا، ٿِي تَنگَ نِهاري تِتِ؛
سُوڌِي اُنِينِ، سَيَّدُ چئي، پوءِ پانچارِيَنِ پِرتِ؛
اِنَ اَڙانگي پَندَ جِي، ڪا نيشَنِ پوءِ نِرتِ؛
سَسُئِي وَڏي سَتِ، جا اَهِڙِيءَ پَر پَندُ ڪَري.

٧

”هَيءِ! هَيءِ!“ ڪَيو ”هاءِ!“، ٿِي پاڙ هٿي سِر پاهِٽِينِ؛
لَڏائِينِ، لَطِيفُ چَئي، جُوءِ جَتَنِ جِي جاءِ؛
شُڪُرَ، بارِ! سَنداءِ، سُتاٽي ساٿِ مِڙِي.

# داستان ٽيون

١

اَللهَ ڪارَڻِ، اوٺِيا ! ليڙا نِيو مَ لُڙَ؛
نِيو نِماڻي پاڻَ سين، ٻانِهيءَ جهَلي ٻُرَ؛
مُون ڪي ماري مَنجهِہ ٿِي، سَندِي هوتَنِ هُرَ؛
ڪَچو لايان ڪُرَ، ڪيچان اوري جي وَران.

٢

ڪيچان اوري ڪيتِريُون، مَعذُورِيُون مُيُون؛
واتُون وِيهَ ٽِيُون، ڪُهُ چاڻان ڪيهِي ويا؟

٣

ڪيچان آيو قافِلو، جنُگُ سُونهارِيءَ جوڙَ؛
تَلِيارا تودَنِ ڪي، ٻِچِيءَ سُونهَنِ موڙَ؛
دؤلَتَ چايان دوڙَ، جي مُون نِيو پاڻَ سين.

٤

جهوُڙا جن جهُلَنِ ۾، هِيري لَکَ هزارَ؛
لَڳا واٽَ وَٽَنِ جا، پُنهونءَ ڪي پالارَ؛
آن ڪي ويندا گَڏِيا، اَهِڙيءَ سِٽَ سُوارَ؟
لَنگِهي ڪالَهہ قطار، تون، آئِي ! اَڄُ نِهارِئين !

٥

مِزمانَنِ مَهرِي، آٽي جهوڪِيا جهوڪَ ۾؛
چاتي چَنبَنِ ۾ وِيا، جِئَن باز سَتي بَحرِي؛
ڪوهِيارو ڦَهرِي، وِيو نِهوڙي نِندَ ۾!

٦

مُون پانيو مُون وَتِ، هَميشَهَ هُوندا پِرِين؛
ويڙهو ڏيئِي ويڪِرو، پَهري وِيا پَتِ؛
ساهُ جنِين جي سَتِ، وِڪِيُم تي وَٽِڪارِ ۾.

٧

مُون پانيو مِزمانَ، هَميشَهَ هُوندا پِرِين؛
ڪُهي ڪَميٽِي هَليا، ڪَهلَ ڪَيائُون ڪانَ؛
ڏيئِي وِيا ڏاهِ کي، سُورَنِ جا سامانَ؛
جورو راتِ جُوانَ، جيڏيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

٨

بِرهَ مَٿايُسِ بَرُ، ناتَ سُکِي ڪيرَ سَڏُون ڪَري؟
گهَٽو ڏوريائِين ڏَکَ سين، ڏيرَنِ لاءِ ڏُونگَرَ؛
وِري آيُسِ وَرُ، سَفَرَ مُئِيءَ جا ساب پِيا.

٩

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪَيو؛
نِهارِيندِيَسِ نِڪري، بوتَنِ ڪارَڻِ بَرُ؛
آڏو تَڪَرَ تَرُ، مَتانَ روهَ رَتِيُون ٿِئِين!

١٠

وَرَ وَراڪا وِچَ ۾، لَڪين آڏا لَڪَ؛
هُو جي آڏا حَقَ، سي ڪَندا ڪوهُ ڪَندِيُنِ ڪي؟

# داستان چوٿون

١

وارو ! وَرُ وَٺي وِيا، آرِيچا اَظْلامَ؛
آندائُون آريءَ جا، پُنهونءَ ڏي پَيغامَ؛
پَهُ ڪَيائُون پاڻَ ۾، مُنهان مَخفي مامَ؛
سَنيُورا ساٿُ ڪَٺِي، ويساهي وَريامَ؛
ڪاڪِيُون ! راتِ قِيامَ، جيڏِيُون ! جَتَ ڪَري وِيا !

٢

وارو ! وَرُ وَٺي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ؛
هاڻي ٿِيو حَشَرُ، پُنا قَولَ قِيامَ جا !

٣

وارو ! وَرُ وَٺي وِيا، ڏاڙهِيءَ پَنيا ڏيرَ؛
ڏِينديَسِ ڏادِينِ ڏُونگَرينِ، اُنِينِ لَءِ اُليرَ؛
ڪيچِ پُڇِي ڪيرَ؟ وجڻَ سِينِ وَسُ ڪَرِيانِ.

٤

جَڏِيءَ وَٽِ جالي، مانَ اَللهِ ڪارَڻِ لِڪَ سِيئِن؛
آهي آريءَ ڄامَ جي، هِٿِ هُٿِ حوالي؛
عَيبَ مُون اِگرا، مانَ نِرمَلُ نِڪالي !
پِرتِياڻي پالي، ڪامِلُ نِيندو ڪيچَ ڏي !

٥

پِرتَنِ جي پاڙي، جاڙَ گُذارِيَمِ، جيڏِيُون !
جنِين مُون کي مارِيو، سُورَنِ سين ساڙي؛
اِرادي آٽي، سانگِيُنِ سين سَڳُ ٿـيو.

٦

اَسِين پاڻَ پِرتَـ، پورهِيَتَـ پُنهونءَ ڄامَ جا؛
هوتَـ ڪَتُوريءَ هيرَئون، مُون ۾ صابُڻَ ڇِتَـ؛
آتَڻَ مَنجِهہ اُگھتَـ، ڪانڌُ ڪنهِين جِي مَ ڪَري !

٧

آئُون تان اَهڙياءِ، جا ٻانهِيءَ کي ٻائِي چوان؛
مُون ڪَمِيڻِيءَ لاءِ، پُنهُون تي پِرتَـ ٿِيو.

٨

ڳَڏِيو ڌوٻِيُنِ ڌوءِ، پُنهُونءَ پارِچو هَٿَـ ۾؛
اُتي آرِيءَ ڄامَ جو، قاصِدُ آيُسِ ڪوءِ؛
اِيُ، ڪامِلُ ! ڪَمُ نـ سَندوءِ، جِئَنِ پَهَسَ پَچارِڙئين پوتِئين.

٩

نَڪو ڪيچُ يَنيورُ، نَڪو مائِتَـ مُنڌَ جو؛
هورُ مِڙوئِي هِنَ کي، هوتَنِ ڪونهي هورُ؛
زارِيءَ ڌاران زورُ، هَلي ڪونَ حَبِيبَ سين.

## داستان پنجون

١

جئن سو هَرَڻُ هُماءُ، سَرگردان سَنسارَ ۾؛
هِيُ پَڳُ نـ ڪوڙي پَتِئين، هُو ڏَڙَ سِرِ ڏَري نـ ساهُ؛
جيڪُسِ تن مُلاءُ، سَسُئِيءَ سُورَ پِرائِيا.

٢

راتِ ڏِٺائِين روجهَه، پانءِ ڪِـ اوٺِي آئِيا؛
پِريتَڻي پِرِيُنِ جي، سِڪَڻَ ڪِي سَبُوجهَه؛
هُئِي گَهٽوُ اَبُوجهَه، سُورَنِ سُنهائِي سَسُئِي.

٣

سَمَرُ جنِين نـ ساڻُ، هوتُ جِماتِي تن جو؛
ڪَري چيچَ چِپَرَ ۾، پُنهُون اِيندو پاڻَ؛
ٿِيندِي رِيجهَه رهاڻِ، لَحظي مَنجِهه، لَطِيفُ چئي.

٤

سَسُئِيءَ لَنگِهيو سو، مَردَ جنهن ماتِ ڪَيا؛
جَبَلُ وڏو جو، نوُڻِ مِڙوئِي نِينهَنَ کي.

٥

چِپَرُ چِمَرُ پانيان، ڪانيو ۽ ڪارو؛
پَبُ وِجهَندِيَسِ پُٺِ تي، صُبُحَ سَوارو؛
وَجَڻُ مُون وارو، ڪينَ وِهَندِيَسِ وِچَ ۾.

٦

چَپَرَ ۾ چَمَرَ، تا لَڳَهَ لَڳَنِ پاڻَ ۾؛
ڏايا ڏُونگَرَ ھَرَھَرا، ويڌَ، وِنگايُون وَرَ؛
آئُون پِيادِي پَتِئين، نِماڻِي نِڌَرَ؛
سُورِيُون جِتِ سَگَرَ، اُتِ پاتاڙِيءَ پِيلِي تِئين!

## داستان ڇهون

١

آڏَ تِرا ڇا، آهُڙا، ڏُونگَرَ کي ڏاڪا؛
ڪَيَمِ آهَ عَجِيبَ کي، سِڪَ مَنجهان سا ڪا؛
پيئِي هتِيڪِي هوَتَ کي، ڪُوڪَ وَڃي ڪَنِ ڪا؛
مُنهنجو وَسُ واڪا، پُڏَڻُ ڪَمُ پَروچَ جو.

٢

آڏَ ترا ڇا، آهُڙا، ڏُونگَرَ کي ڏاڪا؛
وَڻي وَرُ واٽَ ٿِيا، بَر چڙهي باڪا؛
ڦَٽيا پيرَ فقِيرَ جا، چَڙهندي چڙهاڪا؛
هُيَنِ جيءَ اَندَرِ جا ڪا، وِيا پُڄائي پانهِنجي.

٣

ڪَرڙا ڏُونگَرَ ڪَهَ گهٽِي، جتِ بَرپَٽَ، سُڄَنِ بَيرانُ؛
ڏاهَنِ ڏاهَپَ وِسِري، ٿِيا حَرِيفَ ئِي حَيرانُ؛
سَسُئِيءَ لَنگِهيو، سَيَّدُ چئي، مُحَبَّتَ سين مَيدانُ؛
جنهنجو آرياڻِي اڳوانُ، تَنهن ڪانهي باڪَ بَهِيرَ ۾.

٤

ڪَرڙا ڏُونگَر، ڪَهَ گهٽِي، جتِ جَبَلَ گُوناگُونِ؛
ليڙَنِ جُون، لَطِيفُ چئي، تَنگِ تَنوارُون پُونِ؛
جنِ ڏِٺو پيرُ پُنهونءَ جو، سي نہ ڪي رُون، نہ چُونِ؛
هُوندَنِ مَٿي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا.

۵

ڪَرڙا ڏُونگَرَ، ڪَهہَ گَهِٽِي، جِتہِ وِيا روڏا رِنگائي؛
ساڱاپي سيٽَنِ جي، ٽِي وِندُرِ واجهائي؛
رَهيَسِ، رَسُ، لَطِيفُ چئي، تنهن ڪَمِيٽِيءَ ڪاهي؛
آرِياڻِي آهي، مَنَهِن مَعذُورنِ جي.

٦

ڪَرڙا ڏُونگَرَ، ڪَهہَ گَهِٽِي، جِتہِ مِينهَن وَسَنِ ماڪُونِ؛
سُڄَنِ ٽِيُونِ، سَيَّدُ چئي، هاڙهي جُونِ هاڪُونِ؛
جِتہِ اَنڊيُونِ اوطاقُونِ، تِتہِ ڪاهي رَسِج، ڪارَڻِي!

٧

ماڻِڪُ مِٽُ سَندومِ، اونداهِيءَ ۾ سوجِهرو؛
حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، ڇَڏي نہ ويندومِ؛
سارِيو سَڏُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچَ ڌَڻِي.

# داستان ستون

١

پُنھُونءَ سين پِريتِ جو، ڪو جو پيچُ پِيومِ؛
پَنيي هِنَ پَنيورَ ۾، وِهَڻُ وهُ تِيومِ؛
مَتِيُون موتَڻَ سَندِيُون، ڪاڪِيُون ! ڪِيمَ ڏِيومِ؛
سَرَتِيُون ! ساهُ سَندومِ، تِيو حَوالي هوتَ جي.

٢

ڏانجَھنِ تي ڏانجھا، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي؛
لِڳِيَس نائُڪَ نِينهَن جي، ڪُڙه اَندرِ ڪا جا؛
ڌَرَنِ ۾ ڌاڄا، ڪَري مُنڌَ مِرُن سين.

٣

ڪو مُنهِن ڪُتَلِ آئِيو، وَسِ نہ ويچارِي؛
هوتَ ! تُنهنجي هَٿَ ري، پَھُچي نہ پارِي؛
اَچِين جي، آرِي ! تہ پاندَ پُڄِي، لَڪُ لَنگِھيان.

٤

ڪَڏِهن تان پاڄهَ پَئِي، ساڄَنَ ! مُنجُ سَلامُ؛
سِڪَ تُنهنجِيءَ، سُپِرِين ! ڪَيو تَنُ تَمامُ؛
هَتِين هاجَ وِهُ تِي، نيٽِين نِندَ حَرامُ؛
دوسَ ! نہ سَهان دامُ، تُون وِندُرِ تو ويلا ڪَرِين !

٥

بَرُ مِڙوئِي بُوءِ، ڇِپَرَ چاتُون مُڪِيُون؛
پَہِ پَہِ ٿي پَنيورَ ۾، هَنڌَ مِڙيئِي هُوءِ؛
راٽِيُنِ وَرِي روُءِ، گُوندرَ لَٿا گولِئينَ.

٦

جَتَنِ سانَ جانُڪُونَ، سَرَتِيُون! مُونَ سَگَّھُ ٿِيو؛
ڪَري ڪوهِيارو وِيو، تَنُ ڇِنِي تانڪُونَ؛
آئُون پڻ تَڏانڪُونَ، اَڌَ ڏُکوئِي آهِيانَ.

٧

مَتانَ ڪا، پِڙِي! پولَ پاروچي وِسَهِي؛
هُوندَ نـ سُتِيَسِ، سَرَتِيُونَ! ويـهِي رَهِيَسِ وَڙِي؛
جَتَ پَنهنجي جُوءِ ۾، گهارِينِ مانَ گهڙِي؛
ڪيچِيُنِ آئُون نـ ڪَڙِي، ڪنهن ڏُکِيءَ ڏاوڻُ ڏائِيو.

٨

اَدِيُون! آئُون نـ تِيئَنِ، جِيئَنِ پِرِيتَٽو پِرِيُنِ سين؛
پِڌِي سُتِيَسِ نـ سوگهو، ڇِلُوَرُ چاتِيءَ سِيئَنِ؛
ڪيچِي ڪاهي ڪَرَها، مُونهانَ وَڃَنِ ڪِيئَنِ؟
ڏوهُ مُنهنجي ڏِينهَنَ، پُنهونءَ ڪي ڪا مَ چَئِي.

٩

وَرَ ! مَ وِساريج، آهِيان تُنهنجي آسِري؛
ڏاڍو ڏُونگَرَ جو سُڄِي، سو لُطفُون لَنگهائيج؛
اُسِري اُتَهِين، وِيرَ ! تُون، آرِي ڄامَ اَچيج؛
نِماڻِيءَ کي نُورَ سين، لالَنَ ! لَڏائيج؛
ظُلِمَتَ جا زمين جِي، سا نِرمَلَ ! نُورُ ڪَريج؛
ڪامِلَ ! ڪَنِ ڪَريج، فَرياديُون فَقِير جون.

وائي

ڇوري ڇَڏِ مَ ڇپَرين، ٻاروچَلَ ! ٻانهِي؛
جانِبَ جَهڙو جڳَ ۾، ناهي ڪو ثانِي؛
پُنَهَلَ ! نِيو پاڻَ سان، پورهَيتِ پَرتِياڻِي؛
پورهيو ڪَنديَس پِرَ جو، پَريندِيَس پاڻِي؛
هوتَ ! مَ ڇَڏِيو هيڪلِي، هِيءَ جا وِندُرَ وِڪاڻِي؛
اَدِيُون ! عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اِيندمِ آرياڻِي.

# سر ڪوهياري

## داستان پهريون

١

لَيْلَ نہ جاڳِينءَ لِکَ سِيئَن، ڪُلِّي نُوَمُ ڪَياءِ!
قُمْ تِي، پَهُچُ قَرِيبَ کي، اِجْلِسْ تو نہ جُڳاءِ؛
مُتِي! مهِمانَنِ سين، ويهِي راتِ وهاءِ؛
جيلان نِندَ ڪَياءِ، تي روزُ رَهِين تِي راهَ ۾.

٢

اِجْلِسْ ڪَري اُٿِيا، تَنوارِيو توڏَنِ؛
نُوَمَ نَوازِينءَ؛ اُن جي، مَرحَبا موڏَنِ؛
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ، اَلْيَوْمِ سِيْرُوا، سَسُئِي.

٣

غافِلِ! غَفِلَتَ چوڙِ! تُون ڪِيئَن، اَٽاسِي! اوجِهرين؟
چُپاتا چَڙهِي ويا، وجِي پَهُتا توڙِ؛
نيٽين نِندَ اُکوڙِ، جِمَ وَرَنِ ۾ واڪا ڪَرِين.

٤

آلوڙو اَکينِ، آيَمِ نِندَ اَياڳَ کي!
هاٽِي هِنَ ڀَنڀورَ ۾، گهارِيان ڪارَڻِ ڪِن؟
اَديُون! اوٺِيڙَنِ، هِنئين سان هاجو ڪَيو.

٥

سُتِينءَ پَير ٻِگها ڪَري، وَڏِي جاڙَ ڪَياءِ؛
دَرَ پِرَ اُپِئين دوسِتَ جي، تـ سِرُ پِرُ هُوندَ سُياءِ؛
اَصلِ آرِيءَ ڄامَ جِي، سَڳِي تُون نـ سِياءِ؛
پُنهُونءَ سين پِياءِ؛ ٿِي، نِياڳِي! نِنڊُون ڪَرِين!

٦

اِيُ ڪَمُ ڪَمِيٽِيَنِ، جِئَن سُمَهَنِ پيرَ ٻِگها ڪَري؛
لوچِين چو نـ، لَطِيفُ چئي، هارِي! لَءِ هوتَنِ؛
نِنڊان نِياڳِينِ کي، اوپالا اَچَنِ؛
سي پُنهُون ڪوه پُڇَنَ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمِهي.

٧

سُتِينءَ سَنجهيئِي، مُنهُن ويڙهي مُئِنِ جِئَن؛
اوجاڳو اَڪِيُنِ کي، ڄاتوءِ نـ ڏِيئِي؛
هَٿان تو پيئِي، ٿِي ڪَڇو ڪيچِيُنِ ڪَرين!

## داستان ٻيو

١

ڏُونگَرَ! تُون ڏاڍو، ڏاڍا ! ڏاڍايُون ڪَرين؛
مُون تَنَ اَندَرِ تِيئَن وَهِين، جِئَن وَڻُ وَڍِي واڍو؛
اِي ڪَرَمَ جو ڪاڍو، ناتَ پَٽَرِ ڪير پَنڌَ ڪَري؟

٢

ڏُونگَرَ! ڏُکَ سَنداءِ، پِرين گَڏِجان تَہ چوان؛
پِنِيءَ ٿِئِين پَوارَئون، ٻِيا وِنگا وَرَ سَنداءِ؛
چِڱِي ڪانَ ڪَياءِ، پَيرُ وِڇايُءِ پِرينءَ جو.

٣

ڏُونگَرَ! ڏوراپو، پَهريون چَوندِيَسِ پِرينءَ کي:
”پَهَڻَ پيرَ پِٽُون ڪَيا، تِريُون چِنيُون تو؛
رَحمُ نَہ پِيُءِ رُوحَ ۾، قَدَرُ مُنهنجو ڪو؛
واڪو ڪَندِيَسِ: ’وو! مُون سان جَبَلُ تو جاڙُون ڪَري‘“ !

٤

ڏُونگَرَ! ڏُکوِيُنِ کي، دِلاسا ڏِجَنِ؛
گَهَٽو پُڇِجي تِن کي، جِن وَٽان هوتَ وَڃَنِ؛
تُون ڪِئَن سَندا تِن، پَهَڻَ پيرَ ڏُکوئِيين؟

٥

ڏُونگَرَ! ڏُکوئِنِ ڪي، ڳَلِ نـہ سُڪا ڳوڙها؛
هُو جي پَهَڻَ پَبَ جا، سي پَچِي ٿِيا پورا؛
ڳُوندَرَ جا گهوڙا، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪَيو!

٦

ڪي جي ڪَڍِيا پارَ، ڏُکِيءَ ڏُونگَرَ پاڙَ ۾؛
سُٽِي سا تنوار، مِرُون پِيا مامري.

٧

ڏُونگَرَ پُونِنِ ڪِيرَ، سَچَڻَ ميڪُون ڏُونگَرِين؛
هَڙا سيڻ سُڏِيرَ، ڪِينَ لَهَندِينءَ ڪي پِيا.

٨

پِئي ويڻا رُوَنِ، ڏُکِي ڏُونگَرَ پاڙَ ۾؛
ڪنهنکي ڪِين چوَنِ، مَنجِهِنِ جو پِرِيتَڻُو.

٩

تِپِي ڪَندين ڪوهُ؟ ڏُونگَرَ! ڏُکوئِنِ ڪي؛
تُون جي پَهَڻَ پَبَ جا، تـہ لِڳَ مُنهنجا لوهُ؛
ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، اَمرَ مُون سين اِئَن ڪَيو.

١١

ٻَڙِيَ! تـہ ٻيلِي گهٽا، ساتِي پُڇِي سُڪَ؛
رَفاقَتَ رُجِنِ ۾، ڏُونگَرَ ڪاري ڏُکَ؛
آرِيءَ جو اَهُڪَ، مُون رَهَنما راه ٿِيو.

## داستان ٽيون

١

مُون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، هِتي، هوتاڻي ! هاڻِ؛
اوڏِي مُنڌَ اُٺَنِ کي، اَللهَ ڪارَڻِ آڻِ؛
پورهيو ڪَنديسِ پاڻِ، اِڳيان آريچَنِ جي.

٢

مُون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، پوءِ رَهايَسِ ’پاڻِ‘؛
جي پُلايُون ياڻِ، تن کي رَسُ، رَسيلا، راهَ ۾.

٣

سُتي پَوَنِ ڇِرڪَ، آيلِ ! ٻاروچَنِ جا؛
وَمَ وِهاڻِي، وو ! ڙي ! ڪوهِياري ڪِرڪَ؛
ڏَڙُ ڏُوڻِيو تنهن ڏَڪَ، جَڏِيءَ جيئڻ نہ ٿِئي !

٤

سُتي پَوَنِ ڇِرڪَ، آيلِ ! ٻارَوچَنِ جا؛
پُنهُونءَ جي پَيڪانَ جُون، راسِيُون مَنجهان رُڪَ؛
هَنيَمِ هوتَ ڪِرڪَ، لوچان، لوهُ نہ نِڪري.

٥

جيهِي جي تيهِي، تہ بہ ٻانهِي ٻاروچَنِ جِي؛
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مُون ڪَمِيٽِي ڪيهِي؟
اَصُلِ آرِيءَ ڄامَ جي، پَلِيءَ آءٌ پيئِي؛
هُوءَ جا پائِينِ پيرَ ۾، تنهن جُتِي نہ جيهِي؛
وِساري ويهِي، تن ڪيچِيُنِ کي ڪِيئن رَهان؟

٦

هُئِي، جي نہ هُئِي؛ تہ بہ ٻانِهي ٻاروچَنِ جِي؛
اِنَ سَڱَ مُقابِلِ سَسُئِي، سَندِيَنِ تي سُئِي؛
هُنِ تانِ لَڄَ لُئِي، هِنَ جو هَلَڻُ هوتَ ڏي.

## داستان چوٿون

١

ڳائِي نہ وائِي، اَدِيُون ! آرِيچَنِ جِي؛
ڪنھن پَرِ ڪَهِي لَنگھِيان، جَبَلَ جھاجھائِي؛
جيڪسِ واجھائِي، هاٿي مَرَندِيَسِ هوتَ لَءِ؟

٢

هَلَڻُ سَهان نہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مُون نہ وَسِ؛
اَللهَ ! آرِيچَنِ جِي، گولِي ميڙِئين گَسِ؛
پِرينءِ، پَنھوار ! تو پُڇان، ڏُونگرِيا ! مُون ڏَسِ؛
اَکِينِ جِي آرَسِ، مُنڌَ جيهائِي جوڙَ ڪِي.

٣

مُون کي جنِينِ مارِيو، آن ڪِي گَڏِيا سي؟
تَنَ ۾ طاقَتَ ناهِ ڪا، ادا ! اُنِينِ رِي؛
سُورُ سَلِتُمِ تِي، جيلان ڳالھِ ڳَرِي ٿِئِي.

٤

مُون کي جنِينِ مارِيو، سُڃاتِمَ سِيئِي؛
پُنھون پَيڪانَ پَچَندِيا، ٻِلَنِ تان ٻيئِي؛
ويڃَنِئُون ويئِي، ٿِي وَهِيٽِي سَڄٽِين.

٥

پِرَتوو پُنهونءَ جو، سَهائِي، سِياهُ؛
مُنهُن ڏيئِي مُون آئِيو، رَنگارَنگِي راهُ؛
پَهرِين ڏِيندا پاهُ، پوءِ رَڱِيندا رَڱَ ۾.

٦

پِرَتوو پُنهونءَ جو، رُڳيائِي راحَتَ؛
پانئِيان ڏِينهُن پَوارئون، ساڄَنَ لاءِ صِحَتَ؛
مِٿِي مُصِيبَتَ، آرِي ڄامَ ڄِي.

## داستان پنجون

١

رِءَ قَريبنِ قُوتَ ڪَيو، ويتِي وِرهُ چَران؛
اِنَ عَذابان اِڳَهين، مادَرِ! چو نہ مَران؟
اَدِيُون! جو نہ اَوهان، سو مان سُر سَرَتِيُون!

٢

اَدِيُون! اَڳِهي آهِيان، پِرِيُن پُڄاڻا؛
سي ڪوهِيارا ڪيڙِ وِيا، ساڄَنَ سِياڻا؟
جي سَسُئِي سيباڻ، سي وڃِي ڪيچِ قَرارِيا.

٣

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَريان ڏَري؛
لِڳِي ماڻِ مِرُوئَنِ کي، ڏُونگَرَ پوَنِ ڏَري؛
وَڃَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوپِرَ اُپِرِي ڪَينَ ڪي.

٤

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَريان زبانَ؛
لِڳِي ماڻِ مِرُوئَنِ کي، رسي سُورُ شَبانَ؛
تاڪَرِ تِڪِي ڪانَ، جَبَلُ سَڀِ جَلِي وَڃِي.

٥

سارِيان تِي سَبِيلَ، پِرُ تقَصِيرُون پاڻَ ڏي؛
مَتان مُون کي ڇَڏِئين، آرِي ڄامَ اَصِيلَ!
وَرُ وِلَهِنِ جا وَسِيلَ! رَسُ، رَهَبَرَ! راهَ ۾.

٦

سرَتِيون سُوراتِنِ جي، ڪوهُ تِيون پَتَرِ پوَنِ؟
گهاءُ نہ لَڳُنِ گهَٽَ جو، رِيا مان تِيُون رُوَنِ؛
چيتارِيو نہ چوَنِ، پارَ مُنهِجي پِرينءَ تان.

# داستان چھون

١

ڪَنهِن پَر رُئان پِرينءَ کي؟ اَندَر ناهِ اُساتِ،
لوهُوڪا لَڪَنِ ۾، ويرِي مَٿي واٽَ،
ڇَپَر ۾ ڇُونڇاٽَ، ڏِنَم ڏُکوئِن جا.

٢

ڪَنهِن پَر رُئان پِرينءَ کي؟ پَڇَڙَ ناهِ پَچارَ،
اَندَر تِي آهُون ڪَريان، ڪاٽِي مَنجھ خُمارَ،
گِريي جي گُفتارَ، ٻِيءَ پَتِ ٻاروچَنِ ۾.

٣

سُڃَ وَسَندِي تن کي، جوشَ جَلايا جي،
طالِبَ جي تحقِيقَ جا، نِينهُن تنين وَٽِ ني،
تيڏِي پَسي تي، هُو تان آهي هيڪڙو.

٤

ٻِيُون ڏيئِي ٻَنِ کي، هَلِج پاسي هيڪَ،
وَرُ نـ سَهي ويڪَ، تُون، تيڏِي! تِئايُون ڪَرين.

٥

اَچا تُون اَواٽَ، واٽان پاسي ويسِري،
سُونهِين تِي سُواٽَ، تـ مَنجهان دِلِ دڳُ لَهِين.

٧

پانهِين، پسِي پَٻُ؛ مَتان ڪا، مُنڌَ! ڏِئين؛
اَڳيان ڪَؤمَ ڪَٻُ، اِيُ قالِي آڏو ڪيچَ ڪي.

# سر حسيني

## داستان پهريون

١

لَڙُ مَ، لاڙائُو ڏِيو، هَلِي ڪَرِ هِمَٿَ؛
سِجُ سامُهون مُنهَن ۾، مَتان ڪَرِئين ڪَٿَ؛
سُپيرِيان جي سَٿَ، ڳاڙهي سِجِ ڳالهِ مِڙين.

٢

اُلَهي سِجَ اوير ٿِي، ڏِٺائين ڏونگَرُ؛
سَسُئِيءَ کي سَيَّدُ چئي، سُورَن جو سَمَرُ؛
ڪُتَلِ رَکِيو، ڪَرُ، ويچاريءَ وَڻڪارَ تي.

٣

ويٺي مُون وِيو، لَڙِي سِجُ لَڪَن تان؛
آئُون ڏُورِيندي ڪيترو، پَهَڻَن پيرُ پيو؟
سُورَنِ ساڻُ سِهو، اَچي ٿِيُم، جيڏِيُون!

٤

سَرَتِيُون! سُڄي سُجَ، مَتان ڪا مُون سين هَلي؛
پاڻي ناهِ، پَندُ گهڻو، اَگِيان رائو رُڳِي رُجَ؛
مَتان مَرِي اُجَ، ڪا ڏِئي پاراتو پِرِينءَ کي.

٥

پَٽِيءَ نـ پيرونِ، اوڏِيءَ ڇَڪـَ نـ ڇِمِيا؛
پويون هِيُ پيرونِ، نِينهن نِباهي هَليا.

٦

سُيءِ ڪا تنوارَ، ڪِي هُنئِين ٽِي هَٿَ ڪَٽِين؛
سَوين رُليُون سَسُئِيون، هوتاڻَنِ هزارَ؛
پاروچاڻا پارَ، توڙان تَرسُ نـ سِڪيا.

## داستان ٻيو

١

ڪِي ڏَرَتِيِ، ماءِ! ڪِي جَرَ سَندِي سَڄَٽين؛
ھَلِي ۽ واجھاءِ، ٻِنين چيرَنِ وِچَ ۾.

٢

مَتيان مَتي مَڇُ، ٻَريِمِ ٻاروچَنِ جو؛
مُون کي طَعنا تي ڏِئين، جئَن نہ پَرُوڙِئين سَچُ؛
اَمِڙ! اوري اَچُ، تہ سِڏَ سُڻايَنءِ سُورَ جي.

٣

مَتي مَنجھانِ مِينھَن، پَسو! پاٽيءَ جئَن وَھي؛
مُون پانيو نِينھَن، ڇِپيُون چيري سَندِيُون.

٤

منجھان مُنھنجي رُوحَ، جي وَجي ساڃَنُ وسِرِي؛
تہ مَرُ لَڳي لُوهَ، تَرَ ٻاٻيھو تِي مَران!

٥

پَھي ڪامَ پِچاءِ، اَمَڙ! مُنھنجي آسري؛
ڏيئي لَتَ چَرخي کي، پُوٽيُون پاٽيءَ پاءِ؛
ڪَتيِمِ جنھِين لاءِ، سو ڪوھيارو ڪيچ وِيو.

٦

ڪوءِ ھاڙھو! ٻَنِ ھوتَ! ڪوءِ پُنھُون، ٻَنِ پِريتَٽو!
مادَرَ! مُون مَوتُ، پَسَٽان پرائيو.

٧

ڪوءِ ٻولِي ! ٻَنِ ٻَروچُ ! گهورِي ذاتِ جَتَنِ جِي !
مُون ڪي چِئَي ”لوچُ“، پيهِي وِيا ڇَپَرين.

٨

جِئَن جِئَن تَپي ڏِينهن، تِئَن تِئَن تاڻي پَنڌَ ۾؛
هو آڳانجهو نِينهُن، پانيَڻِ پاروچَنِ سين.

٩

جان جِئَين تان جلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري ؛
تَتِيءَ تَڏِيءَ هلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي.

١٠

تَتِيءَ تَڏِيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي؛
مَتان تِئَي اُونداهه، پيرُ نہ لَهين پِرينءَ جو.

# وائي

شاديءَ جو سينگارُ، آيلِ ! مَرَڪ مُنهِنجو مُون پِرين.
آهي ڳِهُ ڳِچِيءَ جو، ڏِئي هالورا هارُ؛
آهي اُڳهاڙِين کي؛ جانِبَ جو جنسارُ؛
آهِئين ڪاڄُ ٻُکِيَنِ جو، تُون تان طَعامُ تيارُ؛
اَعلِيٰ اَچو عِيدَ ۾، دوستاڻو دِيدارُ؛
حُسُنَ هوتَ پُنهونءَ جي، کَڪوريو کوهِيارُ؛
سُڄَ کَيائِين سُرَهِي، واسِيائِين وَٽَڪارُ؛
چِپَرَ چاتُون مُکيُون، عَطُرُ ٿِيو آوارُ؛
کوڙِيين ٿِيا کيترا، نالي تان نِثارُ؛
سَدا صلابَتَ جِي، گولِي گِرفِتارُ؛
گهورِيان گَهرُ گِهتِيءَ تان، اَچي جِئان آڌارُ؛
اَدِيُون ! عَبدُاللَطِيفُ چئي، مِليو مُون مَنٺارُ.

# داستان ٽيون

١

ڪو ڳھمندي گھورُ، آيم پاروچنِ جو؛
چَڏِينديَسِ پَنيورُ، ھِنئون ھِتِ نہ ونڌُري.

٢

پَنيورجَنِ سُڪَنِ، مُون ڪي ساٿان ڪارِيو؛
ھاٿي ساڻُ ڏُڪَنِ، تان ڪِي ڏُونگَرَ ڏوريان.

٣

پينرُ! پَنيوران، پَڄو تان اُبَھو؛
اڳِي اِنَ ماڳان، سَرَتِيُنِ سُورَ پرائِيا.

٤

پينرُ! ھِنَ پَنيورَ ۾، دوزَخَ جو دُونھون؛
سَوارو سُونھون، پُڄِي پُورِج، سَسُئِي!

٥

پَنيوران اُجاڙُ، سَرَتِيُون! سَڪَرُ پانِئِيان؛
مُون سين تنھن پَھاڙُ، ڏُڪان ھَڏِ نہ ڏوريو.

٦

اُجاڙان پَنيورُ، سَرَتِيُون! سَڪَرُ پانِئِيان؛
آرِياڻِي اَتورُ، ڏِٺم جِتِ اڪينِ سان.

٧

پُلِيو سَيِءُ پَنيورُ، جو پُنِيءَ هوتَ نہ هَليو؛
شَهرَ سُڃاتو ڪِينَ ڪِي، آرِياڻِي اَتورُ؛
ماڻِيو تنِين مورُ، ديکِيو جنِين دِلِ سين.

٨

ٻُرو هو پَنيورُ، جو آرِياڻِيءَ اُجارِيو؛
لاتو سَيِءَ لوڪَ تان، هاڙهي ڏَڻِيءَ هورُ؛
چورِيُون چِرَڻُ سِڪيُون، پُنهون ڪَيائُون پورُ؛
آيو سو اَتورُ، جنهن ڏُکيُون ڏِکَ وهارِيُون.

# داستان چوٿون

١

لَڄايا مُونهان، ساجُهِر تي سيڻَ وِيا؛
پِيَنِ پَنيوران، سُڌِ مُنهنجي ذاتِ جي.

٢

آئُون جي هُيَسِ هَڏُ، اَدِيُون! آرِيچَنِ جو؛
ساٿَ لَڏِيندي سَڏُ، هُوندَ ڪوهِيارا ڪَرِينِ مُون.

٣

هُيَسِ جي سِياءِ، تہ ڪَيَمِ ڏُکُ ڏيرَنِ تي؛
اَدَبَ وچان اُنِ سين، ڳالهِ نہ ڪَيَمِ ڪاءِ؛
ذاتَ مُنهنجِي، ماءِ! ڪَڇو تِي ڪيڇِيُن ڪي.

٤

ساٿِي توءِ هلَنِ، پِتَرِ جي وارَ ڪَرِيان؛
جيڪُسِ پاروچَنِ، ڪو ڏِ تو عَيبُ اکينِ سين.

٥

ساٿِيُن سَئِين نہ جاڳِين، پوءِ ڪُڇاڙِيان روءِ؟
اِيَ پَرِ ڪُپَرِ هوءِ، جئن هُو سانگِي، تُون سُمَهِين.

٦

مُون سَڏِيندي سَڏَڙا، ساٿِي سَڏُ نہ ڏِينِ؛
وِلَهيءَ جي وَٽاڻَ تي، توڏَ نہ تنوارِين؛
هيڏا هاچا ٿِينِ، بُرِي هِنَ پَنيورَ ۾!

٧

ڪَھان، تان ڪيچانَ پري! وِھان، تان وَٽِ مُون!
ڀُلِي ڏورِيَمِ ڀُون، عَبَثُ آرِيءَ ڄامَ کي.

٨

ڪَھان تہ ڪيچان پَري! سُمھان تان سِرَ ھيٺ!
ٻاروچي سين ڏيٺِ، جيڏِيُون! جيھِيءَ پَرِ ٿِي.

## وائي

هوتَ! هوتَ! اي هوتا! ڏِيَندِيس ماهُ مِرُنِ کي؛
آئُون جَرا جِيُّ ڪَري.
ڏيئِي باهِ ڀَنيورَ کي، آئُون آيَسِ تو ڳَري؛
آرياڻِي پُنهونءَ ري، مُون کي، سَرتِيُون! تان نہ سَري؛
جَندِي پايو جانِ ۾، ڏُکِي ڏُکَ ڏَري؛
آءُ اوراهُون، سَپِرين! وَڄُ مَ، پِيَّ! پري؛
مُون ڏِٺي، مُون وِسَهو، وِرچِي تان نہ وري؛
ڏُکِيءَ جي ڏيکارِئين، ڌاران مُنهَن مَري؛
پيالي پِرِيُنِ جي، موهِيَس ميٺَ ڪَري؛
اَرِيءَ جي عِشقَ جِي، مُون کي اَندرِ آڳِ ٻَري؛
توکي توءِ نہ ڇَڏِيان، جي وَڃان ڀُونءِ تَري؛
ڏَڙُ وِجهنديَس ڏُوڙِ ۾، مَتو ڌارَ ڌَري؛
هَلَڻُ سُٺِي هوتَ جو، ڏُکِي، پَسُ ڏَري؛
پِرِين! ڪَٺِج پانهِنجِيُون، اَکِيُون ٻاجهَ ڀَري؛
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چئي، مَنَ ڪا مَهرَ ڪَري.

## داستان پنجون

١

ليڙنِ لَنگھہ لَسَ، مانباڻيان مَتي وِيا؛
وَ ٿِي وَرُ واٽَ ٿيا، پُنھون چامُ پَھسَ؛
ھُئا وَڏِي وَسَ، ٻاروچا ٻَنيورَ ۾.

٢

ڇِپُون ڇَپَرَ ڪَٽَي، پَھَڻَ پَٽَراڙيُون پانئِيانَ؛
جتي رَھانَ راتِڙي، مِرُون مُنھنجا مِٽَ؛
سيڻَنِ جيءَ سَھَٽَ، ڏُونگَرُ ڏولِي مُون ٿيو.

٣

مُسافِرنَئُون، ماءِ! وِره وھايمِ وتَرو؛
اَچِي ٿِيَمِ اوچِتي، تنِ سانگِيُنِ سين ساڃاءِ؛
جِيجان! جَھلَ مَ پاءِ، ھِنئون ھوتَ ھَٽِي وِيا!

٤

ڪِيئَن اَڙايُءِ پاندُ، پلؤ پرَڏيھِيُنِ سين؟
مَتِيُون مُوڙھِيُءِ، سَسُئِي! ڪَيُءِ ڪوھيارو ڪانڌُ؛
رُلِي! پانئِيُءِ راندِ، ٻانيَڻِ! عِشقُ ٻَروچَ جو!

٥

مُنھنجو پاڙِيچَنِ، ڪَچو ڪوند ڍَڪِيو؛
پاسي چڙھِي پُنھونءَ جي، ذاتِ سَلِتي جَنِ؛
تيلان ٻاروچَنِ، نِڌَرِ چِڏِي نِند ۾.

٦

حُسينِيءَ جِي هاڪَ، مادَر ! ماڙِي آهِيان؛
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سين، راتِيان ڇِڪَنِ چاڪَ؛
ٻِجان پِرَ فِراقَ، مَتان پوئِمِ پِرِينءَ سين.

٧

جيڪِي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿِئي؛
اَڇِي اوطاقان، مُون کي پِرِيُنِ پَرِي ڪَيو.

٨

ڦِري آءُ، فِراقَ ! مُونکي وِصالان وِچُ پيو؛
جي ٿي ڇِڪِيَمِ، سي پِرِينءَ گڏجِي پُورِيا.

## وائي

پُنھون پَريشانُ، ٻَر! ٻَر! نڪو خانُ نہ مانُ؛
هيءِ! هيءِ! حالُ مُنھِنجو.
مُونکي ٻُڪَ ٻوتَنِ جي، ناقي ڀانئِيان نانُ؛
شَهرُ صَحرا ڀانئِيان، مُون ليکي مَيدانُ؛
رُئان تي رُجَنِ ۾، آرِيءَ لَءِ عُريانُ؛
پِٽِيان مُنھُن پَسَڻَ لَءِ، هِتي ٿِي حَيرانُ؛
آهي آرِيءَ ڄامَ جو، مُون کي ڪارِي ڪانُ؛
ديوانِيءَ کي دِلِ ۾، سُورَنِ جو سامانُ؛
وِجھِج پِڪَ پينارِ تي، پِريَمَ! ڪائِي پانُ؛
ڪَڏهِن ٿِيندو ڪيچَ ۾، مُنِيءَ جو مَڪانُ؟
آهِئين، عَبدُاللَطِيفُ کي، اَڳيان تُون اَڳوانُ.

# داستان ڇهون

١

آيا آسَ ٽِيامِ، ٻاروچا ٻَنيپورَ ۾؛
پَسِي پَهَرَ پُنهونءَ جِي، نَنهَن سِيئَن نيڻَ ٺَرِيامِ؛
گُوندَرَ وِسِريامِ، سُڪَنِ شاخُون مُڪِيُون.

٢

ڏيکارِيُسِ ڏُکَنِ، گُوندَرَ گَسُ پِرِيُنِ جو؛
سُونهائي سُورَنِ، ڪِي هيڪاندِي هوتَ سين.

٣

سَؤ سُڪَنِ ساٿي ڏِيان، سِرُ پڻ ڏِيان سَٿِ؛
جي مُون مِڙِي مَٿِ، تہ وِرهُ وِهايان هيڪِڙو.

٤

سُورَنِ سانگهارو، ڪَڏهِن تان ڪونَ ڪَيو؛
آيلِ! اوپارو، ٻاڙوٽو ٻوڙَ وَهي.

٥

لَڱُمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، ڪَرَها ٽِيا قَضاڪَ!
اَهُڪِي جا اُٺَنِ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَ!
اَڪَڙِينِ خوراڪَ، پَسَڻُ پَرڏيهِيُنِ جو.

٦

ڏُکويُون ڏيهان، جيڪُسِ لَڏي وِيئِيُون؛
هاڻي ڪِنِ مُلان، پُڇان پِرِيُنِ خَبَرُون؟

٧

مُٺِ مُٺِ سُورَنِ سيکنھِين، مُون وٽِ وَٿاٽانِ؛
پَرِيُون کَيو پُٽانِ، وَيا وِھائُو نِکري.

٨

پِيڙي پِيڙي بَندُ، سُورا ئِتي ! سَندِرو؛
کيچَ اَڳاھُون پَندُ، مَتان لَکَنِ سين لَڳِي مَرِين !

٩

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونھَن، گھورِيا سُکَ ڏُکَنِ ري !
جنِين جِيءَ وِرُونھَن، سَچَڻُ آيو مان ڳَري.

# داستان ستون

١

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جڏهن پرينءَ کي؛
ڏوريندِيُون ڏسَنِ، اڱڻَ عَجِيبَنِ جا.

٢

پُڇيو ئِي، تان پُورِ؛ ناتَ پُڇَڻُ هوءِ مَ پِرينءَ کي؛
ڏورَڻَ وارِيُون ڏُورِ، هَڏِ نہ آهِينِ هوتَ کي.

٣

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اَندَرِ جا لوچَ، مَپُڇَڻِ مِلَڻَ سان ماتِي تِئي.

٤

آئون ڏورِينءَ، شالَ م لَهَنءَ! پِرين! هُئِين پَري!
هَڏِ نہ ساهَ سَري، تَنَ تَسَلِّي نہ ٿِئي!

٥

ڇَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جِي، ڇَکِيَمِ چاڙهِيڪا؛
اَدِيُون! آڙِيڪا، هِنئڙي پِيَمِ هوتَ سين.

٦

جيڪا هَندي سَنگُ، مُون جئن پاروچَنِ سين؛
اَنگِنِ چاڙهي اَنگُ، رُئندِي سا رَتَ ڦُڙا.

## داستان اٺون

١

آتَڻُ اورانگهي وِيا، آئون ٿي مَران، ماءِ!
پِٽُون ٽِيندِيَس پيرَ تي، 'هَيءِ! هَيءِ!' ڪَري هاءِ!
جِئڻُ مُون نہ جڳاءِ، پِرِيُنِ تان پاسو ڪَيو.

٢

ڇاڙِي جي ڇاتومِ، تہ پوندو فلُق فِراقَ جو؛
اَڪَرُ اِرادَتَ جو، ڏُريائين ڏوتومِ؛
پوءِ تان ڪونَ ڪَيومِ، هُوندَ ڪَشالو ڪيچَ ڏي.

٣

ڏُکائِيندِي ڏُونهَڙا، مُنڌَ! سيٽانِي وَڃُ؛
پِرياڻونِ مَ پَڇُ، ساٿُ چَڙهَندو لَڪِيين.

٤

ڇِڃ مَ قَطاران، ساٿُ چَڙهَندو لَڪِيين؛
مَڇُڻِ ٿِئين پُٺان، وَڳَ واٽَ ئِي نہ لَهين.

٥

پُڇِيوئِي جان دوستَ، تان پاسي ڪر پَرهيزَ ڪي؛
جنِين ڏِنو هوتَ، تن ڏِينَ سَيِيئي دُور ڪيا.

## وائي

مُون کي ڇپَرِ مَ ڇڏيجا، ٻاروچا ! پَلَئِ لَڳِي آهِيان.
ڇورِي ڇنِي آهِيان، نِينهُن نِباهي نيجا؛
ڇورِي ڇڏي ڇپَرين، ڪيچِي ! ڪِيمَ وَڃيجا؛
پُنهون مُنهنجو آن سين، ساڻُ سلامَتَ نيجا.
مون تان وَڙُ وِڃائِيو، اَئِين پنهنجو وَڙُ ڪَريجا؛
جوڳِيڪو ويسُ ڪَري، سِڱهِڙي سارَ لَهيجا؛
آرِياڻِي ! عَبدُاللَطِيفُ چئي، مُون تي وَهِلو وَرُ ڪَريجا.

# داستان نائون

١

ڪاتِيءَ تان نہ ڪَنھِين، مَنُ وِجھُلَڻ وَڍِيو؛
ماريَسِ سُورَ تَنھينِ، جو نہ جِئاري، جيڏِيُون!

٢

جِيءَ مُنھنجو جَنِ، اَنگڙِيارو وَڍِيو؛
پُڇاڻا پِرينَ، سِبانِ، سَچو نہ ٿِئي!

٣

رو، وِسانئي راندِ، پَهَ پَرُوڙِج ساٿَ جا؛
هوتَنِ سينِ هيڪاندِ، هُيَمِ پاتي ڏِينهَڙا.

٤

رُئَڻُ ۽ راڙو، مُونِ نِماڻِيءَ جي نِجُهري؛
ڪُتَلِ ڪي قَلبَ ۾، قُربَ جو ڪاڙهو؛
هوتَنِ لَءِ هاڙهو، رِجائِيندِيَسِ رَتَ سينِ.

٥

روئِي ڪَندِينءَ ڪوهُ؟ هاڻي ڪو هوتُ وَري؟
جيڏيُون! جيڏوئِي ڪَيو، ساڻُسِ سينڱَ سِتوهُ؛
بوهِي اَتِيان! بوهُ، مَتان ڪا مُون سين ڪَري!

٦

ڪاٺِيءَ مَ ڪانيو، مُنِيءَ مَنگُرَ مَ ڏِيو؛
هيڪَرَ اُجهايو، ڏيئي بِرَ لُهارَ جِئَنِ.

٧

تُون جي ڪالهَہ مئِي، تہ ڪالهَہ ئِي گَڏِينءَ پِرينءَ کي؛
ڪَڏهن ڪانَ سُئِي، تہ ڪا سَگِهي گَڏِي سَڄَڻين.

٨

اَڳِي پوءِ مَران، مَرُ مَران مارَڳَ ۾!
مَتي پوءِ پِريان، خُونُ مُنهنجو جيڏِيُون.

٩

مَرُ، مَتا ڏيئِي، پُنهونءَ ڪارَڻِ پَٻَ ۾؛
تہ سَرَتِيون سيئِي، واڪاڻِينئِي ويٺِيُون.

## داستان ڏهون

١

واڪِيو واڪِيو وِڪ، پاپوهِيو پيرُ ڪَٽي؛
سي نہ چَڙهندِيون ڏِڪ، موڙي پيرُ، مَرَن جي.

٢

وِجهُه وَڏَندِي وِڪَ، مَچِڙِ لِڪَ لَڪائِيين؛
ڏُڪَ تِنين ڪي ڏِڪَ، حُبُّ جنِين ڪي هوتَ جو.

٣

واڪو هَڏِ مَ لاهِ، سَڏَنِ مَتي سَڏَڙا؛
مانَ تُنهنجي ڪاءِ، سَگَرِ ۾ سارَ تَئي!

٤

سُورَنِ سانديياسِ، پُورَنِ پالِي آهِيان؛
سُکَنِ جي، سَيَّدُ چئي، پُکي نہ پِيياس؛
جيڪسِ آئُون هُياسِ، گُرِي گُوندرَ وَلِ جي.

٥

ڪِينهي طالِبَ تاتِ جا، نہ تہ آهي تاتِ تِيارُ؛
ڏورِيان پيو ڏُکارُ، گهورِندَڙَ ڪَٽي وِيا.

٦

ڪنهن جنهن نِينهَن نَنڌاهُ، جي مُون واجهائِيندي نہ وَرو؛
جيڪِي مُئي ڪنداهُ، سو جانبَ! ڪَرِيو جِئري.

٧

مَتان ٽِئين مَلُورُ، ڪِينَ اَڳاهون آهِيان؛
ڏِسَڻَ ۾ ڪَرَ ڏُورُ، حَدَ ٻِنِين جِي هيڪِڙِي.

# داستان يارهون

١

جِئن اُتُنِ آرِيءَ چامَ، اُئَنِ تان اوٺِيُنِ نـ ڪـَيو؛
پڙڪِي ٻاهـَرِ نِڪـِتِي، گاڏِر مَنجهان گامَ؛
ساهُ ڏِنائِين سامَ، سُتِي سَڳَرَ پٽِيين.

٢

لَڪـِيُون ! آن لَڳا، ڪـِي پلَءَ پانڌِيڙَنِ جا؟
توهـان گهَٽيرو، ماءِ! رُوندا اُوءِ رَتُ وِيا.

٣

ڏوٿِيُنِ چَيُسِ "ڏُورِ، ڪـيچُ اَڳاهُون پَنڌُ ٿِيو"؛
پاٽا چَڙهِي پُورِ، وِڪَ وِڌائِين وِترِي.

٤

سَسُئِيءَ جِي سِرِيءَ سان، ڪـيچَ ڏَٽِي ڪـانڌِي؛
پَسَڻَ ڪـارَڻِ پِرِينءَ جي، مُنڌَ هُئِي مانـدِي؛
لَڪـَنِ تان لَطِيفُ چِئي، آرياڻِيءَ آنـدِي؛
پُنهونءَ پيرانـدِي، نِماڻِيءَ نَصِيبَ ٿِي.

٥

هَيءِ ٿو وجي هوتُ، آئُون ڪِـ اَڳَيَرِي ٿِيان؛
مَتان چوءِ بَلوچُ، "ڪـَمِيڻِيءَ مان ڪـِينَ ٿِيو."

٦

ڪَمِيٽِيُنِ هَٿان، ٿِينِ مُورائِين مَدِيُون؛
تُون ڪَر پاڻَ وَڙان، موٽُ سَپاجها سُپِرين!

٧

نَڪِي ٿِيان سَگَّ ۾، نَڪِي سگِّيٽِي؛
آهِيان ڪَمِيٽِي، ذاتِ ٻَروچِيءَ نہ جُڙان.

٨

ڪيچِ مَ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مُنهنجِي ذاتِ جِي!
مَتان پُنهونءَ پوءِ، لَڄَ مُنهنجِي لوءَ ۾!

## داستان ٻارهون

١

ڏتان جي ٻروچ، مون جئن هوت اکين سين؛
مون کي چيان ”لوچ“، پاٽا پيتيون چپرين.

٢

’ووءِ! ووءِ!‘ ڪندي وت، مچڻ ’ووءِ!‘ وسارئين!
پاٽي هار م پڌرو، روءُ منجهان ئي رت؛
صبر وڏو ست، سگها ميڙي سپرين.

٣

ماٺ مارينديءِ پرينءَ جي، مچڻ، رئين رت!
چوري! چڏ م ست، همت هوت وچائيو.

٤

جڙ جئري جن سين، مئي پڻ سين تن؛
جي هيت نہ هوت پسن، سي ڪنهن پر ڪيچ پسنديون؟

٥

اوجهڙ وتان آنءُ، ٻيون سپ سگر سانڌ جي؛
جا نينهن گهندي نانءُ، سا مون جئن پوندي مامري.

٦

ٻڌو ڪنهن ٻنڌاڻ، هنئڙو هوتاڻيءَ سين؛
ڪا جا پيئس ڪاڻ، نبيريانس، نہ نبري!

٧

ڏونگرُ ڏَنا نوڙِ، مُون پارِڪو پُڇيا؛
هيڪِليُون هلَنِ جي، سي تاڪُنِ سَندِي تُوڙِ؛
اِي اَهُڪِي يُوڙِ، سُونهَنَ رِءَ نـ سُتِري.

٨

لَڪين لوڙائُو، سَهسين آهِنِ سُڄَ ۾؛
برَ ۾ بورائُو، ڪَڙُ، پِيادِي! پاڙَ سين.

٩

نِينهَنَ مَ نالو کِڻُ، پِرِيتَٽي پيرَ پِيا؛
سُورَنَ ساڙُ مَ چِڻُ، وِرهُ وهائِج وتَرو.

١٠

سَڄَڻُ ڏِٺو جَنِّ، تن کِچِيءَ سِرِ کَهُ ڪَيو؛
پِيُون ڪوهُ پُڄَهنِّ، قَدُرُ ڪِيمِيا اِنَ جو؟

١١

هارِي! هِنئُون مَ لوڏِ، سُڪَنِ پَوَندِينءَ، سَسُئِي!
ڪوهِيارو تو ڪوڏِ، اَچي ڪَرَهَ قَطارِيو.

١٢

حُسِينِي حُسينَ لَءِ، بِيبِيءَ پاڙَ چِئِي؛
تهان پوءِ تَئِي، خَبَرَ بِي خلقَ کي.

# سر ليلا چنيسر

## داستان پهريون

١

داغُ تُنهِنجو دائِما، ماري مَعذُورين؛
سائينءَ ڪارڻِ سُپرين! وَڃِجِ مَ ڏُورين؛
آءٌ تو حُضُورين، مَٽِيو وِجهان مَڇَ ۾.

٢

مَٽِيو وِجهان مَڇَ ۾، هائِيءَ هٿِي هارُ؛
سوپِي! سُکُ سيِّدُ چئي، ڪَرئين ڪوهُ قَرارُ؟
راجا رِيساٽو گهٽو، سَتاٽو سردارُ؛
چوِڏِسِ چَنيسَرَ چامَ جو، ڏيهان ڏيهِ ڏَهڪارُ؛
ٺاڪُرُ اڪِيين ٺارُ، مَٽِئي تي تِي مَتِئين!

٣

چَنيسَرُ چوَرَنگُ، پِرَنگو لوڪُ پِيو؛
تنهن سين چِنِيو سَنگُ، وَڃِيو هارَ هَٽِ چُهِين!

٤

مَٽِئي تي موهِجي، مُوڙهِي ڪَيُءِ مَرَڪُ؛
چِئِي چَنيسَرَ چامَ سين، وڌو تو فَرَقُ؛
وَرِي ويو وَرَقُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

٥

مَٽِئي مَتي جي هُئا، تِن چِتَنِ ڦيريِم چِتُ؛
هارُ ڪَٽَنديِسَن هوڏَ ۾، نيبَهُ ٽيندمِ نِتُ؛
ڪؤنرُوءَ جو ڪِرتُ، مُونهان مَتاهُون ٿِيو.

٦

مَتِيو ناهِ مَٽِيُون، جو تُون پَسِي هارُ هِرڪِئين؛
اَصُلِ آهي اڳَهين، سَندِيُون ڪُوڙَ ڪَٽِيُون؛
اِنَ گهوڙَنِ هَنئي گهَٽِيُون، دوسَنِئان دُورِ ڪَيون.

٧

تو جو پانيو هارُ، سو سُورَنِ جو سَڱرو؛
چنيسَرُ چِتُ ڪٽي، ٿِيو پورِهيَتِ جو پارُ؛
اَوَٽِ جو آچارُ، ڪانڌ ڪَنهِين سين مَ ڪَري.

٨

نـ ڪِي هو پانهَڙيِنِ ۾، نـ ڪِي ڳِرَ هُئومِ؛
نـ مُون، سِينڌِ نـ سُرمو، نـ سِينگارُ ڪَيومِ؛
تيلانه ڪانڌُ سَندومِ، رُڪو ئِي رَءِ ڳِڙي.

٩

سونا ڪُرَّ ڪَنَنِ ۾، ڳِچِيءَ ڳاڙها هارَ؛
پانهُوتا پانهُنِ ۾، سِينڌَ سَٽِيا وارَ؛
تيلانهَ پِيَّ پَچارَ، ڪانڌَ مُنهنجي ڇڏِئي.

١٠

اُو ڏَمِريو ڏِسُ ! ڄِيلو ھُنھَنِين ھارَ جو،
سُٺو سَيِ سَرَتِيُون ! وَرُ نـہ ڪَنهِين وَسِ؛
دَعَوىٰ ڀَھِرئين دَسِ، پَڇِيو ٿو پورا ڪَري.

١١

پُوڇا ڏِٺَمِ پيرَ، ڍَڪَڻَ مٿي ڍولَ جا،
مون پانيو تَنهِن ويرَ، ڪوڄِهي ڪَندو پَريئَڙي.

١٢

سَوَڙِيين سُتَڙياءِ، پَکو سَھُو وِلارِيو،
چَنيسَرَ ڪانداءِ! تان مُون ھِئَن نـہ پانئيو !

# داستان ٻيو

١

ٽِڙَهِي ڀَسِي ٽوڪَ، ٽِرهِي ٽَڪَبُرَ ۾ پئي؛
اَچيو اَچِيو، ”اِڳِلِي!“، چَئي لِيلا کي لوڪُ؛
اندرُ اوپالَنِ سين، ساڙي ڪَيائُونس سوڪَ؛
ٻالاپَڻَ جو ٻوڪُ، وِيو ويچاريءَ وِسِري.

٢

هُئِينءَ تہ گهڻو هُوشِيارُ، ڪَلَ ٻہ هُيَيءَ ڪانڌَ جِي؟
تو پانيو موچارِي ٽِيانِ، ڳِچيءَ پائي هارُ!
ڪانڌَ ڪُوڙيءَ جو نہ وَٽي، سَئين پَتين سِينگارُ؛
وَهمَ لَهي وِينجهارُ، دِليُون پَرکي داسَڙو.

٣

وڏيرِي هُياسِ، ميڙو مُونِ گَهرِ سَرَتِيين؛
هَٿَ چُهَڻَ هارَ جي، ڪَڙي ڪانڌَ ٿِياسِ؛
ڍولي ڍيلِياسِ، آيمِ ڏَنءُ ڏهاڳَ جو.

٤

وَڏيري هُياسِ، چَنيسَرَ جي راجَ ۾؛
ڏُهِلينَ دَمامينَ، نَقرينِ، ٿي پَلِپَلِ پُڇِياسِ؛
ڍولي ڍيلِياسِ، ٿِيَسِ ڏُهاڳِڻِ ڏيهَ ۾.

٥

وَڏيرِي هُياسِ، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾؛
دائِيين، ٻائِيين، دَربانَنِ، پَرِ ۾ ٿي پُڇِياسِ؛
ڊُهلين دَمامين، نَقرين، ٿي وِچَ ۾ وهارِياسِ؛
هُيَسِ دادُلِي دوسَنِ جي، ڪَٺي هَلڪِي هارَ ڪَياسِ؛
تِنهان پوءِ ٿِياسِ، ڪانيارِي ڪاندَ جِي.

٦

هُيَسِ هِندورَنِ ۾، پِييَمِ ڪانہَ پَرُوڙَ؛
مَٺِئي سنَدي مامِري، ڪوجهي وِڌِيَسِ ڪُوڙَ؛
سامُهان ٿِيَمِ سُورَ، وِيو وِلُتي وَلَهو!

٧

لِيلا! جِمَ لَڪائِيين، چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ؛
وَرَ سين وِڙهيو اُٿِئين، مُوڙهِي! مُنُءِ پاڻُ؛
پوري! ڪَيُءِ پاڻُ، تي آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

٨

لِيلا! پُورِي نہ پَئِين، چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ؛
تو جو پانيو پانهِنجو، سو رِيساٽو راڄاڻُ؛
پاٽان ڏارَ پِرياڻُ، ڪاندَ ڪَنهنجو نہ وَٽي.

٩

چَئِي چَنيسَرَ چامَ سينءَ، لِيلا! تُون مَ لکاءِ؛
دوسُ تُنهِنجو داسڙو، کاندِ وَڏيائِي کاءِ؛
تہ ڍولو ڍَکَ سَندِياءِ، عَيبَنِ کي آڏو پَئي.

١٠

چَئِي چَنيسَرَ چامَ سينءَ، لِيلا! تُون مَ لکاءِ؛
اِيُ ھاندُ ھَنهِجو نہ ٿِئي، نہ ھا مُون نہ تُون؛
رُئندِيُون ڏِٺيون مُون، اِنَ دَرَ مَٿي دادلِيُون.

١١

لِيلا! حِيلا ڇَڏِ، جي تُون سوِيي! سِکِئين؛
پائي پاندُ ڳِچِيءَ ۾، پاڻُ غَرِيبيءَ گَڏِ؛
ھَڏِ نہ چَوَندءِ لَڏِ، جي ھارُون آٿِئين ھاندَ کي.

## داستان ٽيون

١

چَنيسَرَ سين چاڳُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري؛
جان مُون پوءِ پَرُوڙيو، تہ هيُ نہ ماٽي ماڳُ
ڏَمِريو ڏُهاڳُ، سِگهو ڏِئي سُهاڳِڻيين.

٢

چَنيسَرَ سين چاءُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪَري؛
ڪانڌَ ڪَنهِين جو نہ وَٽي، ڳِيرَبُ ۾ ڳاءُ؛
جي تِڙي تورَڙِياءُ، تہ دوسَ ڏَسائي داسَڙو.

٣

سَيئِي سُهاڳِڻيُون، سَيِني مُنهَن جَڙاءُ؛
سَيِ ڪَنهين ڀانيو پاڻَ ڪي، تہ اِيندو مُون ڳِرِ راءُ؛
پيتو تَنِ دَراءُ، جي پَسي پاڻُ لَڄائِيُون.

٤

اَوَڳُڻ ڪَري اَپارَ، تو دَرِ آيَسِ داسَڙا!
جِئَن تو رُسَڻَ سنديون رُوحَ ۾، تِئَن مون ڀيٽِي ناهِ ڀَتار!
سائِينءَ لڳِي، سَتارَ! ميٽِ مَدايُون مُنهِنجيُون.

٥

جي مُون مُوڙهِي مَتِءَ، تہ تُون پاڻُ سُڄاڻِج سُپِرين !
اصُلِ اَوايِنِ جا، عَيبَ ڍَڪِئين تُون اَتِءَ؛
اِيَ، پِرَ! تُنهنجي پَتِءَ، جِئَن وِلهيُون ڍَڪِئين وَلَها !

٦

ڪوڙين تُنهنجُون ڪامِڻِيُون، تون ڪوڙِيَن سَندو ڪانڌُ؛
مُون کي چَڏِ مَ داسَڙا ! تہ وَڃان نہ وِڻوانڌُ؛
مون ڳِچيءَ ۾ پانڌُ، تو، چنيسَرَ! هَٿَ ۾.

# سر مومل راڻو

## داستان پهريون

١

ڪالهه گڏِيوسُون ڪاپِڙي، بابُو بيڪاري؛
سامِيءَ سيلو سِرَ تي، مالا موچارِي؛
ڏيئِي ڏيڪارِي، قَتي دِلِ فقِيرُ ويو.

٢

ڪالهه گڏِيوسُون ڪاپِڙي، جَهِڙو ماهُ مُنِيرُ؛
فَيضُ، فِراقُ فقِيرُ، جوڳِي جاڳائي ويو.

٣

ڪالهه گڏِيوسُون ڪاپِڙي، پَهَرَ سِجَ ڪان پوءِ؛
پَسو سُونهَنَ سامِيءَ جي، رَتَ وَرنو روءِ؛
جو مُنهِنَ مُومَلَ جي پوءِ، موتَڙُ تَنهِنَ مَسَ تِئي.

٤

ڪالهه گڏِيوسُون ڪاپِڙي، بابُو بانَ بَرِي؛
سائِي سالَ ڪُلَهنِ ۾، سامِي سونَ سَرِي؛
خَبَرَ ڏي ڪرِي، ڪا مُومَلَ جي مَجازَ جي.

٥

بيڪارِيءَ ڪي برَ ۾، وِيو ڪَيفُ چڙهِي؛
ڳالِهيُون ڪَندي ڪاڪِ جُون، ڳوڙها پِيَسِ ڳَڙي؛
ڪا جا اَنگُ اَڙِي، جِئَن چِتّا قَتَّ چِڙِي پِيا.

٦

سِڄُّ سُيا ٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائِي رُوءِ؛
اَچي تِي عَطُرَ جي، مَنجهان مُڱَتَّ بُوءِ؛
سا ڏيڪارِيَهُون جُوءِ، جِئان لاهُوتِي لَعلُ ٿيو.

٧

جوڳِيءَ تي جڙَاءُ، نِسورِوئِي نِينهَن جو؛
پَتَنگَ جِئَن پيدا ٿِيو، سامِي سِڄَّ وَڙاءُ؛
آيو ڪاڪِ تڙَاءُ، ڪُنوارِنِ ڪَڪورِيو.

## داستان ڇهون

١

آءُ لانگوتيا لالَ! ڪَنهن پَرِ ڏِٺيءُ ڳُجَرِيُون؛
آبِ اَرتو اڪِيين، لُڙڪَ وَهائِيين لالَ؛
ڏِٺَءِ جي جَمالَ، سامِي! ڪُهُ نـہ سَلائِيين؟

٢

ڳُجَرِ ڪي ڳَجميلَ جُون، تارَنِ ۾ تَبَرُون؛
هٿي حاڪِمِيَنِ ڪي، زورَ پَرِيُون زَبَرُون؛
ڪاڪِ ڪَنڌِيءَ قَبَرُون، پسو پَرَڏيهِيُنِ جُون.

٣

ڳُجَرِ ڳاروڙِيُنِ، اَچيو اَڏِي اُپِيي؛
مَٿان پيئِي تِنِ، ٻَڌا ٻاڙَ هَٿَنِ جي.

٤

مُومَلَ ماري مِيرَ، آهيڙِيُنِ ڪي آکَرِي؛
سوڍِيءَ ڳهٽا سَڪائِيا، پَڙهِيا پَٽَتِ پيرَ؛
هَٽي تِنِ ڪي تِيرَ، مَٽِيو جن مَٽَنِ ۾.

٥

جوڳِيءَ جاڳائي، ماري وِٺو مامِري؛
لَنؤ لُڏُوٽي ڪَنڌِيين، اَمِيو آهي؛
وَجو جي ڪاهي، تـہ نِڪُون پَسو نِينهَن جُون.

٦

ھَلو، ھَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي نِينھَنَ اُچَلَ؛
نہ ڪا جَھَلَ نہ پَلَ، سَيُڪو پَسي پِرينءَ کي.

٧

ھَلو، ھَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي گَھِرجي نِينھُن؛
نہ ڪا راتِ نہ ڏِينھُن، سيڪو پَسي پِرينءَ کي.

٨

ھَلو، ھَلو! ڪاڪِ تَڙين، چَرُو جِتِ چَڙھِنِ؛
ڪوڙين رَنگَ رَچَنِ، پانوڙيءَ پِڪَ سين.

٩

آکُون، باکُون، سِرَکَنبَ شاخُون، جِتِ چَوکا چَندَنَ ڪَؤنرَ؛
مَيي سيئِي ماٽِيا، جِتِ نہ پِرَنِ پؤنرَ؛
ڪُنوارِيُون ۽ ڪَؤنرَ، ڪاھِ تہ پَسُون ڪاڪِ جا.

١٠

چَڙھِيا چارَئِي يارَ، سُوڊا شِڪارِي؛
فِڪِرَ ساڻُ قِتِي ڪِي، سوڊي سوپارِي؛
وِيا ڪاھِيندا ڪاڪِ ڏي، جِتِ مُومَلِ موچارِي؛
موتِيا نہ مارِي، ڪَؤنرَ لَتاڙي ڪاڪِ جا.

## داستان ٽيون

١

جهِڙا گُلَ گُلابَ جا، تهڙا مَٽِنِ ويسَ؛
چوٽا تيلَ چنبيلِيا، هاها! هُو! هَميشَ؛
پَسيو سُونهَن سَيَّدُ چئي، نِينهَن اچِنِ نيشَ؛
لالَنَ جي لِبيسَ، آتَڻِ اکَرُ نہ اُڇهي.

٢

جهِڙا پانَنِ پَنَّ، تهڙيون سالُون مَٽِنِ سائِيون؛
عَطُرَ ۽ عَبِيرَ سين، تازا ڪَيائُون تَنَّ؛
مَڙهيا گهٽو مُشڪَ سين، چوٽا ساڻُ چَندَنَّ؛
سُنهَنِ رُپي سونَ سين، سَندا ڪامَڻِ ڪَنَّ؛
ڪَيائِين لال لَطِيفُ چئي، وڏا ويسَ وَرَنَّ؛
مَنجِهہ مَرڪِيَسِ مَنَّ: "سودِي سين سَڱُ ٿِيو".

٣

سونَ وَرنِيُون سودِيُون، رُپي رانديُون ڪَنِّ؛
اگَرَ اوطاقُنِ ۾، ڪَٿُوريون ڪَتُنِّ؛
اوتِيائُون عَبِيرَ جا، مٿي طاقَ تَڙَنِّ؛
باتَنِ بيلون بَڏيون، پَسِيو سُونهَن سَڙنِّ؛
تِيا لاهُوتي لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لَءِ پرِيَنِّ؛
اِجهي تا اچَنِّ، ڪاڪِ ڪَڪوريا ڪاپڙي.

۴

ڳُجَھِرِ ڳَھٽا ڳھائِيا، پاٽا لَڳُسِ ڳھاءُ؛
ميندَڙي مُلاءُ، لِڳَسِ ڪانُ ڪَپارَ ۾.

۵

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَيِڻ سُونهَن؛
لاتَائِين لَطِيفُ چئي، مٿان دِلِيُن دُونهَن؛
ڪانهي ٻِي وِرُونهَن، ٽِيو مِڙوئِي ميندِڙو.

٦

ڪاڪِ نہ جهَلِيا ڪاپِڙي، موهِيا نہ مَحلَنِّ؛
ٻايُنِ ۽ ٻانِهيُنِ جي، ٻَندَڙِ ڪِينَ ٻَجَهَنِّ؛
لکينِ لاهُوتِينِ، اَهِڙيُون اوِريان چِڏِيُون.

۷

ڪاڪِ نہ جهَلِيا ڪاپِڙي، موهِيا ڪَنهِن نہ مالَ؛
سوڍِيُون سِجهائي وِيا، هَهِڙا جَنِين حالَ؛
جي چوِرِيُنِ ڏِنا چالَ، تَنِ لاهُوتِي لَنگهي وِيا.

## داستان چوٿون

١

شَمَعَ ٻارينديُ شَبَّ، پِرهَ ٻاکُون ڪَڍِيُون؛
موٺُ، مَران تِي ميندِرا ! راڻا ! ڪارڻِ رَبَّ؛
تُنهِنجِيءَ تاتِ طَلَبَّ، ڪانگَ اُڏايِمِ ڪاڪِ جا.

٢

اُٻي اُڀارِيامِ، نَکَٽَ سَڀِ نَئِي وِيا؛
هِڪُ مَيو، ٻِيو ميندِرو، سَڄِي راتِ سارِيامِ؛
ڳوڙها ڳَلِ ڳاڙِيامِ، سُورَجَ شاخُون ڪَڍِيُون.

٣

ڪَتِنِ ڪَرَ موڙِيا، تيڙُو اُڀا تيئِي؛
راڻو راتِ نہ آئِيو، ويلَ ٽَري ويئِي؛
ڪوءِ سا ڪاٽِي راتِڙِي ! پِريُنِ ري پيئِي؛
مُون کي ڏَنءُ ڏيئِي، وڃِي ڍولو ڍَتِ قَرارِيو.

٤

راڻو ڪا راتِ ويو، ڳُجِهي ڳالهہ ڪَري؛
سوڍِي رِءَ، سَرتيُون ! هَڏَ نہ ساهَ سَري؛
وَڃِي، مانَ وَري ! آسائِتِي آهِيان.

٥

سودي سُتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالهه ڪَئِي؛
سا جي پَڌَرِ پوءِ، تہ سَرتِيوُن ڪانہ سُمِهي.

٦

راڻا! تُنهِنجي راهَ تي، ڏيهاڻِي ڏيکان؛
راڻي جِيءَ رِهاڻِ جُون، رُوحَ اندَرِ ريکان؛
مُحَبَتَ جُون ميکان، تو سين، لالَ! لَپيتِيُون.

٧

آءُ، راڻا راحَتَ! ڏاجَ ڏَرتِيءَ جا ڏَڻِي!
سِڪَنِ تِيُون سُهاڳڻِيُون، سودا تُنهِنجي سَٿَ؛
مون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏڻِي ڪاڪِ جا!

# داستان پنجون

١

سَڱُ ڪري سين سِينهَنِ، ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏِهين؛
رَمِج راڻي پُٺِ ۾، نِرتُون مَنجهان نِينهَنَ؛
اِنءَ مَ وَسِج عامَ تي، جِئَن مُوملَ! وَسَنِ مِينهَنَ؛
سندي حَشَرَ ڏينهَنَ، سوڍو سارِينديِنءَ گهڻو.

٢

جا پُون پيرين مُونِ، سا پُون متي سَچِٽين؛
ڏِڱَ لَتِبا ڏُوڙِ ۾، اُپِي ڏِٺا سُونِ؛
ڏِينهَنَ مڙِيئِي ڏُونِ، اُتي لوچِ لَطِيفُ چئِي.

٣

راڻو پانيو رانِدِ، ڪِئَن وِڙُ رائِيين؟
وَرُ وِڏُوڙو اِيهِين، جِئَن پرُ پُڇِتوءِ پاندِ؛
هَيءِ! پِڱِيَءِ هيڪاندِ، سوڍو سارِينديِنءَ گهڻو.

٤

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ وِيا، جلِي مُنهنجي جانِ؛
رَکِي ڪامَ ڪِٽِڪيو، مارِيَس تَنهِن گُمانَ؛
هَڏِ نہ جِيانِ هاڻِ! سِگهو موتِج سُپِرين!

٥

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ وِيا، ٻَريا رَنگَ رَتولَ؛
تو پُڄاڻا سُپِرين ! هِنئَڙي اَچَنِ هولَ؛
جي مون سين ڪَيَءِ قولَ، سي سِگھا پارِج، سُپِرين !

٦

حال قُربانُ، مالُ قُربانُ، گھورِيانِ لُڏاڻو؛
فِدا تِيءَ فقِيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راڻو !
مُيَنِ سين ماڻُو، مُناسِبُ نہ، مينڌِرا !

# داستان ڇهون

١

نہ وارِثُ نہ وَلَهو، نہ سَڱُ، نہ سِياڪو؛
تو پُڄاڻا، سُپِرين! آيِم اولاڪو؛
پانڌِيا! پاراپو، ڏِجانءِ ڍاٽِيءَ ڍولَ کي.

٢

ڪَرَهو ڪَمِيٽيءَ تي، سودا! وارِ، سُڄاڻَ!
ڪُهُ ڪَريان ڪاڪِ کي؟ تَنَ توهِين ڏي تاڻَ؛
لاهي غيرَ گُماڻَ، اَگَڻِ آءُ اُڪَنڊِيين.

٣

اَگَڻِ آءُ اُڪَنڊِيين، پرچِي پِيارا!
پَلَڪَ پَراهُون نہ سَهَنءِ، جِيءَ جا جِيارا!
نِينهان نيزارا، سَچ، تہ مانَ سُورُ لَهي.

٤

پَسُ توشَڪُون، تَڪِيا، سيئِي وِهاڻا؛
پَسِيو هَنڌَ، پَڇي هِنئُون، جي حَبِيبَنِ هاڻا؛
هِڪُ ڏُنگا ڏاڏاڻا، پِيو موٽِيو تان نہ مينڌِرو.

٥

سودا! سُورَ سُڪائِيُون، اَکِيُون آبُ نہ ڪَنِّ؛
راڻي جِيءَ رِهاڻِ کي، وِرُوٽِيُون وَڃَنِّ؛
سي ڪِئَن، مينڌِرا! مَڃَنِّ؟ جي تو سُورِيءَ چاڙهِيُون.

٦

مُون گهَرِ اچِي جي ٿِئي، مينڌرو مِهماڻُ؛
آڻي جهوڪِيان آڳِي ۾، چيري وِجهان چاڻُ؛
تاڻي تَنُورَنِ ۾، پيري هَٽان پاڻُ؛
پيڪَنِ سُوڏو پاڻُ، گهَرُ تَڙُ گهورِيان پرَ تان.

٧

ڪوڙَ قناتُون ڪاڪِ ۾، راڻا ويهُ رَهِي؛
ماڙهُو جي مَحلاتِ جا، سويا ڪَجِ سَهِي؛
وِينڊِيءَ ڳالِهہ وَهِي، وِڪَرِ پوَنڊين وَلها.

# داستان ستون

١

ڏِٺي مَ وَڃِج ڏول! ڪاڪِياري ڪاڪِ ڪَري؛
آءُ اِڳَهين آهيان، ٻَڌي تُنهِنجي ٻولَ؛
توکي ساري، سُپِرين! رُنَم مَنجهه رَتولَ؛
تِڪاڻا ۽ تولَ، وِسَهُ مُون وِهُ تِيا.

٢

سوڍي سِرُ نِيو، هِٿِ ڪَرَنگهرُ سَکٽو؛
راڻي جي رِهاڻ کي، سِڪي ساهُ پِيو؛
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِءِ اَکَڙِيُنِ سين.

٣

راڻي رِڻُ ڪَيو، جيڏِيُون! مُنهِجي جِيءَ سين؛
مَنُ ميندِري وَڍِيو، ڏُٻي ڏَڙُ پِيو؛
ٻُجهان، ٻَهَرِ ويو، هِنئُون هَنڌِ نـ هيڪِڙي.

٤

رُئان تي، راڻا! هَنڌَ نِهاريو حُجِرا؛
پيئِي کِهَ کَٽُنِ تي، تِيا پَلَنگَ پُراڻا؛
ڏَريائِي ڏُوڙا تِيا، وَرَ رِءَ وِهاڻا؛
جايُون، گُلَ، جَباتَ، وَڻَ، تو رِءَ ڪُوماڻا؛
ميندِرا! ماڻا، تو رِءَ ڪَنڌيسِ ڪِنِ سين.

٥

جِئَن ايندي ئِي موٽِئين، ميندِرا ! وَڏِي جاڙَ ڪِياءِ،
وَرُ نہ ھُئين؟ وَلَھا ! ھُوندَ جتِي مون جاڳاءِ،
تہ سُتي جي ساجاءِ، سودا ! سِگِھيائي تِيَءِ.

٦

جڳ جِئَن تِي چوءِ، سوڍو تِئَن نہ سِڪيو؛
راڻو تِئَن نہ رُوءِ، ڳوڙھو جِئَن ڳَلِ ڳَڙي.

٧

تِنِ باغَنِئُون بَسِّ، جي ڪَنڌِيءَ ڪاڪِ ڪَڪورِيا؛
سوڍي رِءَ سَرتيُون ! ڪاڪِ نہ اچي ڪَسِّ؛
راڻي پائي رَسِّ، تَنُ ٻيڙِيءَ جِئَن تاڻِيو.

## داستان اٺون

١

ڪِينَ ساڳاھِيمِ، سُپِرينِ ! جاڙُون ڪَيُمِ جالَ؛
سوڍا ! مون کي ڪالَ، موٽِي مُنھَنِ ۾ آئِيُون.

٢

خاموشِي خَبَرَ جِي، مُومَلِ ٽِي مَتِّ؛
صَبرُ ٽِيو سُپَتِّ، مُنھِنجي حَقَّ، مينڌِرا !

٣

ڍولي ڍَڪِي آھِيان، ھُيَسِ اُگھاڙِي؛
ڏيئِي لِڪَ لاڙِي، ڪَڪَرُ ڪَيائِينمِ ڪاڪِ جو.

٤

سوڍا ! صَبرُ تُنھنجو، مَرَڪُ لَڳايُنِّ؛
چُپِ سين جي چَوَنِّ، اَدَبُ ڪِجي اُنِ جو.

٥

سوڍا ! صَبرُ تُنھنجو، سيڪاري سَھَسَ؛
پُڄِي ٽِئان پَھَسَ، مون کي نَصِيبُ نيئِي جَھليو.

٦

سوڍا ! صَبرُ تُنھنجو، بي عَقُلَ آٽِي بازِ؛
سندي صَبرَ سازِ، توبَھَ ڪارِيمِ تَڪِڙِي.

٧

جنين سندي مُنهَن ۾، نِهائِيُون نَڪَنِّ؛
تِئان وَڏِيو هيڪِڙو، تہ ڪَهڙو ٿورو تَنِّ؟
سي مَرُ سُڄا ئِي سُونهَنِ، جن ڀِلي پِينگهَ پَرَمَ جِي.

# داستان نائون

١

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آديسي آيو؛
چوڏهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، ڪَيو سامِيءَ سَهائو؛
لَٿو اُونداهو، جوڳِيءَ سَندِيءَ جوتِ سان.

٢

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسِي؛
ڪَٿُورِيءَ خوشِبُوءِ سين، وِلاتَ سَڀِ واسي؛
سُوڌو سَناسِي، اُتانهِين ٿي آيو.

٣

نَئُون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ؛
لَڌِيسُون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ؛
ڪَهڙِي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا، سي اَگِهيا.

٤

ڪيڏانهُن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چوُڏِس چِتاڻو؛
مَنجِهين ڪاڪِ ڪَڪوري، مَنجِهين لُڏاڻو؛
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي ٻيو ناهِ ڪو.

۵

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڪَرهو؟ چِٽاٽو چؤڌارَ؛
مَنجِهين ڪاڪِ ڪڪوري، مَنجِهين باغَ بَهارَ؛
ڪانهي ٻي تَنوارَ، ٽِيو مِڙوئي مينڌِرو.

# سر مارئي

## داستان پهريون

١

’اَلَستُ بِرَبِّڪُم‘ ، جَڏهِن ڪَنِ پيوم،
’قَالُوا بَلٰيٰ‘ قَلبَ سِين، تَڏهِن تِتِ چَيوم،
تَنهِين وير ڪَيوم، وَچَنُ ويڙهيچَن سِين.

٢

جَڏهِن ’ڪُن فَيَڪُونُ‘ ، مَنُ تَڏهانڪُون مارُئين،
تُون ڪِئَن وِجهين تن ڪي، سُومِرا ! شَڪُون ؟
هَمِيرَن هَڪُون، جاڙَ جُسي کي پاتِيُون !

٣

نَڪا ’ڪُنْ فَيَڪُونْ‘ هُئي، نَڪا مُورَتَ ماهَ،
نَڪا سُدِ ثَوابَ جِي، نَڪو غَرضُ گُناهَ،
هيڪائي هيڪ هُئي، وَحُدانِيَّتَ واهَ،
لَکِيائِين لَطِيفَ چَئي، اُتِ ڳُجهاندَرَ ڳاهَ،
اکِيُن ۽ اَرواحَ، اِها ساڃاءِ، سُپِرين !

٤

’قَيدُالْماءِ‘ تِيومِ، هِتِ اَڙانگي گهارِيان،
’هِناڪَ جِسْمِيْ وَالْفُؤادُ لَدَيْڪُمُ‘ ، هِنئون هُتِّ سَندومِ،
قادِرُ شالَ ڪَندومِ، ميڙاڪو سِين مارُئين !

٥

جَهِڙو ’ قَيدُالُماءِ‘ ، تَهِڙو بَندُ نـ ڪـو ٻِيو؛
’جَفَّ الُقَلَمُ بِمَا هُوَ ڪَائِنٌ‘ ، لَهي نـ تِرُ تِئاءِ؛
عُمَرَ! تو هَتّاءِ، اَجائي تِئي آجِڙين!

٦

رِءَ اِعرابِيُنِ هِتَ، گَهنگَهرُ گهارَڻُ مون تِيو؛
’بَڪَتِ الُعَيُنَانِ فِيُ هَوَاڪَ دَمَا‘ ، پُڄان ساڻُ پِرتِ،
مَنُ، اَڪِيُون، تَنُ تِتِّ، جِتي جَنَبُ جيڏِيين.

٧

هي هَندَ، پيٽِيُون هاڻِ، ساڙِيان سيِ ڏيهِيُن ري؛
’ڪُلُّ شَيءٍ يَرجِعُ اِلىٰ اَصلِهٖ‘ ، تي جِهڄان جهانگِيُن ڪاڻِ؛
پِري پَنهنجي ياڻِ، پَسان مُلِڪُ مَلِيرَ جو!

## داستان ٻيو

١

نَڪو ايرُ نہ پيرُ، نَڪو اوٺِي آيو؛
مون وَٽِ آيو ڪونَ ڪو، ڀائران ڀَري پيرَ؛
ڪِتابَتُون ڪيرُ، آڻي ڏِيندمِ اُنِ جُون؟

٢

اوٺِي! ڳوٺِي آڻِئين، ڪو هُتي جو هِتِ هيرَ؛
تہ ڪِنا جي ڪوٺَنِ جا، ٿِيَنِ سَرها سيرَ؛
آءُ تہ اڪِيين اُڱهان، جي پائُر ڏِنَءِ پيرَ؛
اللهَ لَڳِ لَطِيفُ چئي، لاءِ مَ تُون اَويرَ؛
ڪوٺِيين ڳهاري ڪير؟ مَحَلين مُنجهي مُون هِنئُون!

٣

جي اَمرُ هَنيو اَڏَ ڪري، سي ڪاغَذَ لِکان ڪِيئَن؟
واڳِيُون جي وِصالَ سين، تنِين چاڙهي چِيهَن؛
رُئان راتون ڏِينهَن، جِئَن اُن جي وائِيءَ ۾ وَرَ گهڻا.

٤

ٿَر ٿَر اَندَر ٿاڪَ، عُمَرَ! ماروئڙَنِ جا؛
لاٿائون لَطِيفُ چئي، مَٿان لوئِيءَ لاڪَ؛
عُمَرَ! ڪَريو آڪَ، پَهرِيو ٿي پَنَ چَران.

٥

سَهَسين سيبا ڪَنجِري، لوئِي ليڙ ٽِيامِ؛
اَباڻَنِ جي آسري، ڪَتِي ڪانَ ڪيامِ؛
جا ڍَٽَ ڍَڪِيامِ، تَنهنجو پِرَوَرَ! پَنَ رَهائِيين.

٦

سَهَسين سيبا ڪَنجُري، لوئِي لِيڙُون لِيڙَ؛
واسي وارَ نہ ويڙهيانِ، مَرُ چِڳُون رَهَنِ چِيڙَ؛
مارُوءَ جي مُهاڙِ رِءَ، اَندَر ناهِ اُڪِيرَ؛
هَهِڙو حالُ هَميرَ، وٺي شالَ ويڙهِ وَڃان!

٧

سِبِي، سيبا ڏي، پوري نِينهُن نہ ڪَڇوئي؛
ڪَتِيءَ وَتِيُون ڪُتِيُون، سَتِي سِيٽِي سي؛
مَيِرُڻِ چوَنِمِ ڪي، تہ لڄائِيءِ تَرَ ڄائِيُون!

## داستان ٽيون

١

پَٽولا پَنوَهارِيُون، مُور نـ مَٽي ڪَنِّ؛
جـِ لاکَ رَتائُون لوئِيُون، تـ سالُئِان سُونهَنِّ؛
اُنَّ ايلاچَنِئُون اڳِري، بَخمَلَ بافتَنِّ؛
سَڪَرَ پانِئِيان سُومِرا ! ڪَتِي ڪان ڪُنهِبَنِّ؛
جا ڏِنيمِ ڏاڏاڻَنِّ، سا لاهِيندي لَڄِ مَران.

٢

آرَمَ هَنِذِ مَ اوڍِيان، پَٽولا، پَٽَ چِيرَ؛
پانڌُوڻا بِنِ ڏِيان، اَرغَچَ ۽ عَبِيرَ؛
مارُوءَ سِينَ شَلَ ماڻِيان، ڪَتِيُون جَهِڙِيُون ڪِيرَ!
اَندرِ اُجَ اُڪِيرَ، مُون کي پِرينءَ پَنوَهارَ جِي.

٣

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، مارُوءَ سَندا مُون؛
پَٽولا پَنوَهارِ کي عُمَرَ! آڇِ مَ تُون؛
وَرُ لوئي جي لُون، ڏاڏاڻَنِ ڏِنيامِ جا.

٤

سونَ برابرِ سڳِڙا، لُون لُون بَرابَرِ لَکَّ؛
رُپو جنهن رَدِّ ڪَيو، ڪوڙ تَنهِين کي ڪَکَّ؛
مُون مارُوءَ جو مَکَّ، تيلُ نـ لائِيان تُنهنجو.

٥

تيلُ نہ لائِيان تُنھنجو، مُون مارُوءَ جو مَنِّ؛
ڪَرِيان ٻِي نہ ڪَنِّ، آھَرَ اُنَھِين آھِيان.

٦

ڪَرايُنِ ڪَڙُور جا، چُوڙا ڪُوڙا جَنِّ؛
سو مَرَڪُ مارُوئَڙَنِّ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

٧

ڪارا ڪَرايُنِ ۾، سونُ اسان کي سُوءَ؛
وَرُ جيڏِيُنِ سِين جُوءَ، فاقو فَرحَتَ پانئِيان.

٨

اِيَّ نہ مارُنِ رِيتِ، جِئَن سيڻُ مَٽائِنِ سونَ تي؛
اچِي عُمرَڪوٽَ ۾، ڪَندِيَسِ ڪانَ ڪُرِيتِ؛
پَکَنِ جي پِرِيتِ، ماڙِيءَ سين نہ مَٽِيان.

٩

وَرُ سي وَطَنَ چائِيون، صحرا سَتُرُ جِنِّ؛
گولاڙا ۽ گُگِرِيُون، اَوچَڻَ اَباٽَنِّ؛
ويڙھيا گُھمَنِ وَلِيين، جھانگِي مَنجھ جھَنگَنِّ؛
مُون کي مارُوئَڙَنِّ، سُڄَّ ڳَٽائِي سيڄَ ۾!

١٠

پَلُرُ پِيَڻُ اَوچَڻُ اُنَّ، جن جا پير مَتي پَٽَ پاهَ؛
وِهَڻُ وَراهَنِ ۾، اُنِ جي اجوکِي اوطاقَ؛
پاڻُ نـ پَسَنِ پاڻَ کي، ويچارا بي باهَ؛
عُمَرَ! اُوءِ نـ عاقَ، ڏُکِيا جِمَ ڏُکوئِيين.

١١

جا، عُمَرَ! تو مُلِ عِيدَ، سا سان سُوءَ ورتِي سُومِرا!
ويئِي ويچارَنِ وِسِرِي، خوشِي ۽ خَرِيدَ؛
سِڪَڻَ ٿِيا شهِيدَ، مارُو جي مَلِيرَ جا.

## داستان چوٿون

١

ميندا ڏوءِ مَ مارُئِي، پييَسِ پَنوَهاريون ڇِتِ؛
راڄَ رُئاري، هَنجُون هاري، هِيءَ هُتيجي هِتِ؛
آهِسِ پائُرَ پارَ جو، کِڄَڻُ ۽ کَپَتِ؛
وينگسِ ويڙيچَنِ رِءَ، مَسَ سُٽي ڪا مَتِ؛
سُومِرا ! سُپَتِ، ڪَرِ تہ ڪوٽيان نِڪَري.

٢

محلين ماندِي مارُئِي، ڏِٺِيَمِ مُنهَنِ مَلُورَ؛
اَٽِيا سَٽِيا نہ ڪري، سُونهَنِ وِڃايَسِ سُورَ؛
پِيَسِ لوهَ لَطِيفُ چئي، لَتَسِ ڪوڏَ، ڪَپُورَ؛
ڇِتِ جَنينِ جا چُورَ، سي مَکي مَرَڪُ نہ ڪنديون.

٣

ڪريو مُهاڙِ مَلِيرَ ڏي، روءِ اُپِي چوءِ:
”سُهِڄُ سُوري پانئِيانِ، سُومِرا ! سَندوءِ؛
مِلڪَ مارُوءَ جِي آهِيانِ، جورِ نہ ٿيان جوءِ؛
سو قَلَبُ ڪوٽَ نہ هوءِ، جو هُتيجَنِ هَٿَ ڪيو“.

٤

بَندي پِيا قرارِ، اسِين لوچُون لوهَ ۾؛
متي تَنَ ترارَ، سدا سانيِڙَنِ جي.

٥

لِنگڙياري لوءَ ۾، جنِين لَءِ ٽِياسِ؛
تنِين تَرَ جيترو، پَلَڪُ نہ پُڇياسِ؛
جَھروڪَنِ جھوريو ھِنئَون، کوٽِيُنِ آءُ کُٽِياسِ؛
مارُنِ مُنجّھ مُياسِ، ناتَہ ماڙِيُنِ مارِيَسِ کينَ کِي.

٦

جي ويجھي ٽِيان وَرَ کي، تہ سياڳوم سَنئون،
نِتَہُ نِتَہ آھِ نَئون، مون کي پَسَڻُ پنوَھارَنِ جو.

٧

آئُون کِئَن چِڏِيان، سومِرا! تَنِ پنوَھارَنِ پَچارَ؟
جَڙَّ جنِين جي جانِ ۾، لِڳي رِءَ لُھارَ؛
ميخُون مُحبَتَ سَندِيُون، ھِنئڙي مَنجِھ ھَزارَ؛
پَکا ۽ پنوَھارَ، ڏِٺي مُون ڏِينھَن ٿِيا.

## داستان پنجون

١

سُونهَن وِچايِم سُومِرا ! مارُو مَن مَچِين؛
ڏُنگا ڏاڏي پوٽِيين، ڪِنِ ڏنا، ڪي ڏِينِ؛
جي مانِ لوهَ لاهِينِ، تہ ڪوٽَنِ ۾ ڪِينَ هُئان.

٢

سُونهَن وِچايِم سومرا ! ميرو مُنهُن ٿِيومِ؛
وَڃَڻُ تِتہِ پِيومِ، جِتہِ هلَڻُ ناهِ حُسنَ ري.

٣

سُونهَن وِچايِم سُومِرا، ٿيندِيَسِ ڪِئَن قَبُول؟
ڪونهي سُهڻُ نہ سُولُ، پُوچي مُنهُن پنوَهارَ سين !

٤

تِنِ مُنهَن موچارا مارُئين، مَلِيرُ جنين ماڳ؛
ناقِصَ نوازي گهَٽا، سَندو تَنِ سَياڳُ؛
اگَڻِ مُون اَياڳُ، حُسنُ تي هِيئَن ٿِيو.

٥

ڪونهي قادِرُ ڪو ٻِيو، اُنين جو اَياڳُ؛
’قُلْ لَنْ يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا ڪَتَبَ اللهُ لَنَا‘، اِيُ مَعذِرَتَ ماڳُ؛
سَيوئِي سَياڳُ، مارُئِيءَ مُساوِي ٿِيو.

# داستان ڇهون

١

جَهِڙي آيَسِ جيئن، جي تهِڙي وَڃان تِن ڏي؛
تـہ لالائِيءَ جا، لَطِيفُ چئي، ڪَرَ مُندُنِ اُتا مِينهَن؛
مارِڙيءَ لَڳُمِ مِهڻو، سيءَ چَماندرَ سِيئَن؛
تِيَسِ ڪاڏِياري ڪاندَ جي، هِتي اَچي هِيئَن؛
ڪَندُ ڪَڏَندِيَسِ ڪِيئن، مَنهَن مارُوئَڙَنِ جي؟

٢

هيڪُ جِئن نہ چاياسِ، پِيو چاپَندي جي مران؛
گَهنگهُرُ گهڻو تِياسِ، چاپِي مارُوئَڙَنِ ڪي.

٣

سِيلَ پَچَڻَ جي سُومِرا! مُون ڪي مَتِ مَ آڇِج، مِيرَ!
تورين گَهڻين ڏِينهَنڙين، وِيندِيَسِ هُتِ هَمِيرَ!
مَچُڻِ مَنجِهہ مَلِيرَ، ڪَندُ مَتانهون نہ ڪَڻان.

٤

مَ سَپَني مارُئِي! مُئِي! مَ چائِي؛
جنهن اَچي عُمَرَڪوٽ ۾ لوئي لڄائي؛
جا سانگِيُنِ سِيڏائِي، سا ڪِينَ مَرڪي ماڙِيين!

٥

اَلا ! اِئَن مَ هوءِ، جيئَن آءٌ مران بَندَ ۾ !
جُسو زنجِيرَنِ ۾، راتو ڏِينهان روءِ؛
پَهرِين وَڃانِ لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄَنِم ڏِينهَنڙا !

٦

آءٌ بَندِياڻي بندَ ۾، ڪِ ڪي پِيَسِ بَند؟
مُنهِينِ لِڱو مَهڻو، ڪِ مُنهِينِ ڪَڙو ڪَنڌِ؟
مَرانِ جي هِنَ هَنڌِ، تہ نِجانءِ مَئِڻُ مَلِير ڏي.

٧

واجهائي وَطَنَ کي، ساري، ڏِيان ساهُ؛
بُتُ منهنجو بَندَ ۾، قيدِ مَ ڪريجاهُ؛
پَرَڏيهِياڻي پرينءَ ري، ڌارَ مَ ڌَريجاهُ؛
تَڏِي وَسائِجانءِ ٿَرَنِ جي، مِٽي مُئِيءَ مَٿاهُ؛
جي پويونِ ٿِئي پَساهُ، تہ نِجانءِ مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

٨

واجهائي وَطَنَ کي، ساري، ساهُ ڏِيان؛
هِيُ سِرُ ساڙيهَ سامُهونِ، مُنهِنجو نِج، ميان !
مُقامِياڻي مارُئِين، وَڃِي ٿَرِ ٿِيان !
مُيائِي جِيان، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

٩

واجهائي وطن کي، آءُ جي هِتِ مُياسِ؛
گورَ مُنهِنجي سُومِرا! کَڄ پَنوَهارِنِ پاسِ؛
ڏِڄ ڏاڏاڻي ڏيهَ جِي، مَنجهان وَلِڙيُنِ واسِ؛
مُيائِي جياسِ، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

١١

ڳِچِيءَ ڳانا لوهَ جا، زيريُون ۾ زنجِيرَ؛
پَيڪَڙا پَيرنِ ۾، کوٽِيُنِ اندَرِ کِيرَ؛
چارِي چؤگانَنِ ۾، واهِيَتَ کَنِ وَزِيرَ؛
چَنِ نہ چَڃِي آهيان، اهڙِيءَ سِٽَ سَرِيرَ؛
مارُو چامَ مَلِيرَ، پُڇِج کِي پَنوَهارِ کي.

١٢

زيرِيين ٻيڙِيين لوهَ ۾، ڳَتَنِ کَيَسِ ڳاهُ؛
سَنکِي سَندي سُومِري، هَڏِ نہ چاڙهِيُمِ ماهُ؛
سَرَتِيُون! دُعا کَجاهُ، تہ پَرَمُ پارورِڙيءَ رَهِي.

١٣

پَرَمُ پارورِڙيءَ رَهِي، جَنهِن ۾ اچِي اُنَّ؛
تہ پڻُ ويٺي وِندِيان، توڙي پَوَنِسِ تُنَّ؛
غافِلُ رَکُ غَرِيبِ کي، عُمَرَ! مَنجِهه اَمُنَّ؛
سَرتِيُنِ ساڻُ سَمُنَّ، آهِمِ اُتي مِينهَنڙي.

## داستان ستون

١

پنوَھارَنِ پاٻوھِيو، وَريا واھُندا؛
سارِيَمِ سيڻَ سَيَّدُ چئي، ڳاڏيلِيُون ڳُندا؛
پِٺُن پِرِ ھُندا، پُنگا پَڙَّ پَتارَ جا.

٢

پَنوَھارَنِ پاٻوھِيو، ڪي وَسَ واھُندَنِّ؛
لَٿو سِيُّ لَطِيفُ چئي، ٻَڌو ڦَڻُ ڦَرَنِّ؛
اُوءِ تا ڪورنِ ڪُنئَري، سَرَتِيُون مَٿان سَسَنِّ؛
عُمَرَ! اُنَّ اَڱُندَري، پاسي ڪانڌَ ڪَتَنِّ؛
پائَرِ ڏِنيُون پُٽِيُون، نَندَنِ نوراپَنِّ؛
ڪائَرِ ڪَتِيُون خاصِيُون، اُوچِيُون اُتِ اُچَنِّ؛
ڪَڍِيو پيڻُ ڪَھَنِّ: ”مَلِيرِ گھرجي مارُئِي“!

٣

آٿِينِ ڪي چاڙھِينِ، ڏُٿُ ڏيھاٽِي، سُومِرا!
سَٿا ڪَيو، سَيَّدُ چئي، سائُون سُڪائِينِ؛
مَنجھان لَنبَ لَطِيفُ چئي، چائَرُ ڪَيو چاڙھِينَ؛
پُلاءُ نہ پاڙِين، عُمَرَ! آراڙِيءَ سين.

۴

تِنَ وَنِهيَنِ ويِڙِيچَنِ ۾، سَدائِين سُڪارُ؛
چُنڊِيو، آٽِيو چاڙهِيُون، سَندو ڏَؤنرَنِ ڏارُ؛
جَنِ جو ويِڙِنِ سين واپارُ، سي ڏوٿِي هوُنِ نـ ڏُٻِرا.

۵

ٿوري قُوتَ قَرارِيا، رَهَنِ سَبِرَ سَتِّ؛
ڪَتِيءَ ۾ ڪِهَ پَڪُلِيا، پُوٽَنِ اهَڙِيءَ پَتِّ؛
پَنوَهارَڪِي پَتِّ، پيهِي پُڇُ مَلِيرَ ۾.

٦

نَڪا جَهلَ نـ پَلَّ، نَڪو رائُرُ ڏيهَ ۾؛
آٽِيو وِجهَنِ آهُرين، روڙِيو رَتا ڳُلَّ؛
مارُو پاڻَ اَمُلَّ، مَلِيرُونِ مَرڪَٽو.

٧

مَٿِنِ ٿُبَڪَ ٿُبَڪَڙا، چِڪَندَڙا اَچَنِ؛
ڪُڙِيُون ڪيهَ پَڪُلِيُون، پَگَهرُ سِرِ پيرَنِ؛
اِي وَڙَّ ويڙِيچَنِ، مُون لوڏان ئي لَڪِيا.

٨

دَرَ، دَروازا، دَرِيُون، هاٽِي هِتي هو؛
ڪوڙِيين اَڏِيان ڪيتِرا، تَنبُو مَٿان تو؛
جي مُلِ نـ آيا، مارُئِي! تنِين رَڙُّ مَ رو؛
ڪُوڪَٽُ آهي ڪو، پُسِيءَ پنوَهارنِ ۾.

٩

سَنِهيءَ سُئِيءَ سِبيو، مُون مارُوءَ سين ساهُ؛
ويٺي سارِيان سُومرا! گولاڙا ۾ گاهُ؛
هِنئو مُنهنِجو هُتِ ٿيو، هِتِ مِٽِي ۾ ماهُ؛
پَکَنِ منجِهه پَساهُ، قالِبُ آهي ڪوٽَ ۾.

١٠

سَنِهيءَ سُئِيءَ سِبيو، مُون مارُوءَ سين مَنُّ؛
هَٿِي کَڻَ حِلِمَ جا، تَهَ وِڌائِين تَنُّ؛
ڪِئَن ٿوپايان ڪَنُّ، اَباڻِي اِبرَ ري؟

١١

پاڇاهِي نہ پاڙيان، سَرَتِيُون! سُئِيءَ ساڻُ؛
ڏَکي اُگهاڙَنِ کي، ڪِينَ ڏَکيائِين پاڻُ!
ٻِيهَرَ ڇاپِي ڇاڻُ، اِبرَ جي اَوصافَ کي!

## داستان اٺون

١

چُرَنِ، چِٽُڪَنِ چِتَ ۾، وِسارِيان ڪِينَ وَري!
'ڪَنان عَهدَ اَلَسْتَ' جي، ڪِ تِهائِين پَري؛
'لَمْ يَلِدْ وَ لَمْ يُوْلَدْ'، مارُئِي ڪوهُ ڪَري؟
اَڄُ ڪِ ڪالهه مَري، ساري سانِيپِيڙَنِ کي!

٢

چُرَنِ، چِٽُڪَنِ چِتَ ۾، وِسارِيان ڪِينَ وَري!
جن تي پَي پِياريو، مَنجهان سِڪَ سَري؛
وَنهِيَنِ وِيڙِيچَنِ جي، سِتائُنِ سَري؛
ٿَرَنِ ٿوڪَ ڏَري، اُٺي وِيڙا اُڪِري.

٣

چُرَنِ، چِٽُڪَنِ چِتَ ۾، وِسارِيان ڪِينَ وَرَنِّ؛
'لَيْسَ ڪَمِثْلِهِ شَيُءٌ'، پَسَڻُ ناهِ پرِيَنِّ؛
پَکا پَنوَهارَنِّ، نِيئِي اِڏِيا ناهِ ۾.

٤

چُرَنِ، چِٽُڪَنِ چِتَ ۾، رهِيا اَندَرِ رُوحَ؛
اُٺي وِيڙا اُڪِري، مارُو مَٿي موهَ؛
وِيرُون وِلوڙَنِ جُونِ، سارِيان گهٽو صُبُوحَ؛
وَرُ سي ڪارا کُوهَ، سِنجِيَمِ جي سَاڙِيهَ جا!

۵

بِيرَ ڪَنيائُون برَ ۾، پِيارِين پَهُون؛
سِنجَنِ ساٿِيڪَنِ تي، وَڏِيءَ وير وَهُون؛
پايو جرُ جَنڊَنِ ۾، کوڙان کَنِّ کِهُون؛
ڏِينهان ڏينهن نئُون، مُون کي وِرهُ ويڙِيچَنِ جو.

٦

آڏِيءَ اُٺَنِ تي، جيلان پاٽِي پاتارَ ۾؛
وارو ويسرُينِ ڏِينهان کون ڏِئي؛
مُون کَميٺِيءَ کي، مَٿان ڪُوهَ ڪَٽِي وِيا!

٧

سَرتِيُنِ سِنجَڻُ چِڏِيو، سَتِيُنِ ڳالِهه سُئِي؛
ماريچِي ماڙِيُنِ ۾، کَڏَهِن کانَ هُئِي؛
عُمَرَ! آءٌ نہ مُئِي، ان اوپالِيان اڳَهِين.

٨

پِنِيءَ جي پُوٽَنِّ، پيچَ پُٽِڪو نہ سُٽانِ؛
سِنجَڻَ وارِيون سُتِيُون، وچِي ويڙِهِ وَرَنِّ؛
پِيا سيٽَ سَڙَنِّ، تَرهِي بِنهي کنڊِيين.

٩

عُمَرَ! ٿِيَمِ اَپارَ، وِرَهُ وَٽِيان ڪِنِ سين؟
ڏوٿِيَڙا ڏُورِ ٿِيا، تَڳان جِن تَنوارَ؛
سِٽائُون سَنگهارَ، کُوهَنِ تان کَٽي وِيا.

# داستان نائون

١

جهُڙ ڦُڙ جتِ ٿيانِ، اُتِ اَڏيائُون پَکَڙا؛
هِنَ مُنهِنجي حالَ جو، قَدُرُ نہ ڪيٽانِ؛
جيڪُسِ آءُ وسِريانِ، مارو ڦُوتَ قَرارِيا.

٢

جهُڙ ڦُڙ مَتي مارُئين، جِتِ چِيها، چِلڙَ چِڪَ؛
اَندَرُ تو اُجَ مري، ساه اُنين جي سِڪَ؛
پِيَهُون شالَ پَهيُون پري، تِئان ڏيئي تِڪَ؛
وَرُ پِريان سين پِڪَ، پِيا پاڻَ پَريائي گهورِيا!

٣

ڍَٽين پٽين ڍيرَ، مَهيَن مارُوئڙَن جا؛
پائُرُ سَيِ پَچِي پِيو، گَهِرِ گهارِيندي ڪيرَ؛
ڪوٽِيين لِڳَن ڪيرَ، مَحَلين مُنجهي مُون هِنئُون.

٤

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ويڙهين وَڳَ وارِينِ؛
چَپِيا چيڪاريو چيلِڙا، پَٽين پَهرائِينِ؛
نيڻَ مُنهِنجا اُنِ کي، جَهجهو جَرُ هارِينِ؛
تاڙا تَنوارِينِ، مِينهَن وَسَندا موٽَ تُون.

٥

هِنَ مُندَ مارو سَنرا، ڪائُرَ ۾ خُوشِحالَ؛
سائُون، سِيارِچُ، مَڪَٽِي، جيڏِيُون! آٽِنِ جالَ؛
سَتِيءَ جِي سَيَّدُ چئي، ڪا ساڙيھَ مَنجِھ سَنيالَ؟
لِڱَنِ تانِ، لَطِيفُ چئي، لوئِي لاهِ مَ لالَ!
پَلو ڪَندو پالَ، مِينهَنِ وَسَندا موٽُ تُونِ.

٦

هِنَ مُندَ مارُو سَنرا، ڍَنگَرَ يارَ رَهَنِّ؛
پاٽِي پُوجَ پَتَنِ ۾، پَکي پاندِ پِيَنِّ؛
هِنَ ڪي لوهَ لَطِيفُ چئي، هُوءِ ڪائُرَ مَنجِھ ڪِلَنِّ؛
ڪاتُونبا ڪاچَنِّ، مِينهَنِ وَسَندا موٽُ تُونِ.

٧

سَدا جِنِ پَرياڻُ، پانڌِي پَکي لَڏَ سِينَ؛
مارُو ڳُٽَنِ ساڻُ، وِيڙا تَرِ اُڪِرِي!

٨

پاسا پولِڙِيُنِ ۾، بانهُون سِرِ بِيئِي؛
اَکِيون، نَڪُ اَرِيجَ رِي، تِمايِمَ تِيئِي؛
ڏُورِ تِيا ڏِيهِي، پِرِينِ پائُرَ وَٽِ ۾!

٩

ٿاجا ٿَرَ برَ جهَلَّ، پِپُون پائُرَ وَٽِ ۾؛
سيئِي سارِيو، سومِرا! اَچي آبَ اُچِلَّ؛
سانپِيَنِ ڏِنمِ سَلَّ، ڏِٺي جِن ڏِينهَن ٿِيا.

١٠

جهُران جِهجِهان تي، جِئَن پَسَٽان پري ٿِيا؛
اَلا! اوٺِي آڻِيين، جو کِينءِ جِي خَبَرَ ڏي!
مَنَ مُنهِنجي کي، واڪو لَهي ويڙه جو!

# داستان ڏهون

١

اُتي تِي وَراڻِ، ڪِينءَ واڏا يُون آيُون؛
لَتِي لوئِڙياريِين، مِڙنِي مُنهَنِ ڪاڻِ؛
صُلحُ وارِيو سُومِري، چَئِي پَنوَهارَنِ پاڻِ؛
هَميرَنِئُون هاڻِ، مُهتُ لَهَندِينءَ مارُئِي!

٢

اُتان اوٺِي آيو، خَبَر اِيَ ڪَري؛
وساريِجِ مَ وَرَ کي، پَئِجِ مَ مُنڌَ! مَرِي؛
ويندِينءَ اُتِ وَرِي، ڪو ڏِينهُن آهِين ڪوٽَ ۾.

٣

ڪو ڏِينهُن آهِئين ڪوٽَ ۾، لوئِي هَڏِ مَ لاهِ؛
ڪامڻِ! اَهِجي ڪُرَ جي، اَڏِ وَڏائِي آهِ؛
هِتِ مَ پاڙِج هيڪڙو، پائُرَ جي پَساهَ؛
سَتِي! سِيلُ نِباهِ، مَلِيرِ ويندِينءَ مارُئِي.

٤

سي ساهيڙيُون سارِينِ تو، سِيلُ جنِين جو سَچُّ؛
مارُوءَ ريءَ مَ مَچُّ، سِيهو پانِئِج سونَ کي.

۵

ساهيڙيُون سارِينِ تو، سَچ جِنين جو سِيلُ؛
نَڪو قالُ نـ قِيلُ، اُنين جي اَدَبَ ۾.

٦

جو ڏيه ڏاڏاڻِيان آيو، ڏِنمِ تَنهِن طعنو:
”پائي ويهُه مَ پَلَنگين، ڳِچِيءَ سِرِ ڳانو؛
مَٿان لَڪَ لَطِيفُ چئي، ڪانءِ مَ خَزانو؛
سَرتِيُنِ سِيلُ چَوايو، جورِ هَٽِي جانو؛
تِيو سَڏُ سَمانو، حَرَفُ لَتي هيڪڙي“.

٧

مُون سين مارُوئَڙِيُون، ڪَهڙِيءَ رِيتِ رُسَنديُون؟
چوتِيءَ ۾ چِيڙُ پِيو، پِيَنِ رَتَ چَيُون؛
نيٽين نِندَ وِهُ تِي، ساري ساڏوهِيُون؛
هِتي جي هُيُون، تـ سُڌِ پِيئَنِ سِيلَ جي.

٨

”سَتِي! تُنهِنجي سَتَ ۾، ڳالِه گُهرجي ڳَچُّ؛
وَڍيو، چِيريو، چِچِريو، پَرِ ۾ اُپِي پَچُّ؛
سانڍُ اَمانَتَ اَچُّ، تـ تِئين سَماني ساڙيهَ ۾“.

٩

جانڪِين سَتِيُنِ سيرُ، تان ڪِينَ وِهَندِيَسِ ڪوٺَ ۾؛
سِپَ سَمُندين سَپَجي، نَدِيءَ پِيي نـ نِيرُ؛
جِئَن هُوءَ اَبرَ آسِري، تِئَن مُون مَنِ مَلِيرُ؛
ڪائُرَ پِيَنِ ڪِيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَڃي.

١٠

جَرَ ۾ سِپُون جِيئَن، آهِينِ اَبرَ آسِري؛
جِئَن ڪُنجُون سارِينِ روهَ کي، مُون تَنَّ اندرِ تِيئَن؛
هُتِ وَعدا وَڃَڻَ جا، هِتِ نـ پانيُم هِيئَن؛
ڪوٺِيُنِ وِهان ڪِيئَن، جي نَظَرَ بَندِياڻِي نـ هُئَان؟

١١

سِپَ سَمُندين سَپَجي، اَبرُ آساروسِ؛
پاڙو پِئي نـ پِرُڙي، مِٺو مُنهِن لَڳوسِ؛
ماٺِڪُ تي مِڙيوسِ، جِئَن تَنگُ ڪَڍِيائين تارِ ۾.

١٢

سِڪو سَپِ، سَرتِيُون! سِپُنِ مُلان سيرُ؛
پِيو مَتائي نيرُ، اُپِيون اَبرَ آسِري.

# داستان يارهون

١

مَلِيران مارُو، پَکي پيهِي آئِيو؛
وَريا واهارُو، هاٺُو سَپِ هِيٺا ٿِيا.

٢

پَهِي سُکَ پيرَنِ کِيهَ! ڪو نِينهَن نِياپو مارُئين؟
اَتِ اُڪَنڊِي آهِيان، تَنهِن آتَڻَ، تَنهِن ڏيهَ؛
سَنڊِي جا ساڙيهَ، کِهَ کَٿُوري پانئِيان.

٣

سَکَرِ سيئي ڏِينهَن، جي مُون گهارِيا بَندَ ۾؛
وَسايَمِ وَڏَ ڦُڙا، مَتي ماڙِيُنِ مِينهَن؛
واجهاٽِيَس وِصالَ کي، ٽِيَس تَهوارُون تِيئَن؛
نِيرُ مُنهِنجي نِينهَن، اُجاري اَچو ڪَيو.

٤

عُمَرَ! اَجُ گَڏِيامِ، ڏوٽِي اُنَهِين ڏيهَ جا؛
پارايا پِرِيَنِ جا، اُپِي اُن چِيامِ؛
لِهِي لوهَ پِيامِ، لُطفَ ساڻُ لَطِيفَ چئي.

# ابياتِ متفرقہ

١

جُ سي لوڙائُو تِيا، جنِين پِرِ رَهَنِّ؛
مارُو منجِھہ ٿَرَنِّ، رَهِي رَهَندا ڪيترو؟

٢

جُ سي لوڙائُو تِيا، جنِين سندِيءَ ڌِيرَ؛
مارُوئَڙا فقِيرَ، ڪَنهِن درِ ڏِيندا دانهَنڙِي؟

٣

مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، ڏوئِي مَرُ مَران!
پاڻِي واري پانهِنجو، وينديائِي وَران!
ٿورو منجِھہ ٿَران، هُندَ لَڳي لوئَڙيارِيين!

٤

ڪانڌُ نہ ڪَنديَسِ ڪو بِيو، ڪَتيروئِي خُوبُ؛
ميروئِي محبُوبُ، اَسان مارُو مَنَ ۾.

٥

مُنهُن مُنهِنجو سُومِرا! مَرُ ميروئِي هوءِ!
متان مارُو چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراڻِن ۾.

٦

جِتي ڪَرڙَ، ڪَنڊا ۽ ڪاهِيُون، پالَ، پَڪا ۽ پَڪّ؛
سَرَهِيُون سي سَرتِيُون، حاضُرُ پاسي حَقّ؛
مارُوئَڙِ سين ماڻِيان، شالَ مُنداڻِتي مَڪّ؛
ڪِنڍارِيان خَلَقّ، جا ٿَرَ جائِي ۾ ٿوُهَرين.

٧

جي هِتي هُئِي مارُئِي، تہ لَڌِيمِ ڪَرَ ڪيڏاسِ؛
ارداسِيمِ عُمَرَ کي، ويجهو ٿي وَٽانسِ؛
جي نہ ڇڏِيائِين ڪ جهَليائِين، تہ پنهنجو اَنگُ آڇِيانسِ؛
لاهي لوهَ لَطِيفُ چَئِي، هِتان هُندَ هلانسِ؛
موکي مَلِيرَ سامُهِين، وَٺِي پانهَن وَڃانسِ؛
رَهِبَرُ ٿِي ريڙهِيانسِ، سُنهاري ساٿيهَ ڏي.

٨

جِئَن ڳَنڍِيُون مَنجِهہ ڳَنڍِيرَ، تِئَن مُون مَن مارُوئَڙِ جُون؛
ڏِنيُون لَسَ لَطِيفُ چَئِي، هِنئَڙي کي هَمِيرَ؛
وَڃِي مَنجِهہ مَلِيرَ، سَڀ ڇوڙِينديَس سُومِرا!

٩

سُٺِي ساٿيهَ ڳالهَڙِي، لَهِي وِيا لوهَ؛
اَندرَ جا اَندوهَ، لَٿا ڏُکَ، سُکَ ٿِيا.

١٠

توکي توڙائِين لِکِي، عُمَرَ! اَچائِي؛
جنهن تو ساماڻِي، مامَ نہ ڀَڳي مارُئين.

١١

مَ ڪِي روءُ، مَ رَڙُ ڪِي، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ؛
تو تان بَندُ بِدا ٿِيو، ٻيڙِيُون نيئِي ٻارِ؛
پَهُچَندِينءَ پَنوَهارِ، سِگِهي سنگهارَنِ کي.

١٢

اَڄُ پڻ چِڪِيَم چاڪَ، وَنهِيَن ويڙِيچَنِ جا؛
سُورَنِ اچِي سُومِرا! اَندَرِ ڪي اوطاقَ؛
مارُوءَ جي فِراقَ، هَڏَ مُنهِنجا ڪَپِيا.

# سر ڪاموڏ

## داستان پهريون

۱

تُون سَمو، آءٌ گَندِري، مُون ۾ عَيبَن جُوءِ؛
پَسِي راڻِيُن رُوءِ، مَتان ماڳَرِ مَتِئِين!

۲

تُون سَمو آءٌ گَندِري، مُون ۾ عَيبَ اَپارَ؛
پَسِي لِيَّ لَغارَ، متان مَاڳَرِ مَتِئِين!

۳

تون تَماچِي تَڙَ ڌَڻِي، آءٌ مُهاڻِي مَيِ؛
مُون کي ڏُهاڳُ مَ ڏي، آءٌ جا نالي سُيَسِ تَنهنجي.

۴

تُون تَماچِي تَڙَ ڌَڻِي، آءٌ گَندِري غَرِيبَ؛
تو سين جامَ! قَرِيبَ، ڪِي ڏَنُ ڇَڏائي ڏيج مُون.

۵

ڪِڪيءَ هاڻِيُون ڪارِيُون، ڇِڇِيءَ هاڻا ڇَڄَ؛
پاندُ جنِين جي پاندَ سِين، لَڳو تِئِي لَڄَ؛
سَمو جامُ سُهَڄَ، اُيو ڪَري اُنِ سين.

٦

ڪارِيُون، ڪوجِهيون، ڪُوڙِيُون، مُورِ نہ موچارِيُون؛
وَٺِي ويٺِيُون واٽَ تي، ڪِڪيءَ جُون ڪارِيُون؛
اُنِينِ جُونِ آرِيُون، سمي ري ڪيرُ سهي!

٧

گَندُ جِنِ جيءَ گوڏِ ۾، پاپوڙا پوشاڪَ؛
اُنِينِ جِيءَ اوطاقَ، راچا رِيجهي آئِيو.

٨

ٿِيا تَماچِيءَ چامَ سينِ، مُهاڻا مَحرُومَ؛
نَنڍِيءَ وَڏِيءَ گَندرِيءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڌُومَ؛
جي ڪِنجُهرَ، جي رُومَ، سي سَڀِ اِنعامِي ٿِيا.

٩

نہ وَڏي، نہ وِڪِڻي، نہ ماري نہ ڏاري؛
ڪارو وِڏائِين ڪُوهَ ۾، نِرتُون نِهاري؛
سائِي پِرَ پاري، جا گَهرِ سَمي جي سَپَجي.

١٠

نہ وَڏي نہ وِڪِڻي، نہ ڪَٽي ۾ ڪاري؛
اُهِجَ، سُهِجَ ساهِمِيُون، ڏِرِيانِ نہ ڏاري؛
سائِي پِرَ پاري، جا گَهرِ سَمي جي سَپَجي.

١١

پاپوڙو پيشِ ڪيو، نَئون نُوريءَ نيئِي؛
حاضُرُ هُيُون هَڪِيُون، سَمِيُون سيپئِي؛
نَوازي نيئِي، گاڏِيءَ چاڙهِي گَندِري.

١٢

مُهاڻِيءَ جي مَنَ ۾، نہ گِيرَبُ نہ گاءُ؛
نيڻَنِ سين ناز ڪري، رِيجهايائِين راءُ؛
سَمو سَيِنِ مُلاءُ، هيرِيائِين حِرفَتَ سين.

١٣

نورِيءَ جي نِيازَ جو، عَجَبُ اَجَهلُ هوءِ؛
سَمو سِرُ سَيِنِ ۾، مي مُورچِيو سوءِ؛
اَچيو اُپِيَنِ پوءِ، حُجَتَ پِڳي راڻِيين.

١٤

هَتين پيرين آرِڪَٽين، مُنهن نہ مُهاڻِي؛
جِئَن سَگو وِچ سُرنڊَڙي، تِئَن راڻِيُنِ ۾ راڻِي؛
اَصُلُ هُئِي اُنَ کي، اَهُلَ چاماڻِي؛
سَمي سُڃاڻِي، بِيڙو بِڌُسِ بانهَنَ ۾.

١٥

تَهِڙو ڪِنجهُرَ ڪينَ بِيو، جَهڙي سُونهَن سَندِياسِ؛
مَڏَ، مِياڻِيُون، مَڪُڙا، مِڙِئِي مَعافُ تِياسِ؛
مورِچَلَ مَتانسِ، اُيو تَماچِيءَ تي هَٽِي.

ڪوءِ سَميُون ! پَنِ سُومِريُون ! جي اَچَنِ اُوچي ڳاتِ؛
وَرُ سي ڪِنجُهرَ چائِيُون، جِنِ تَماچِيءَ جي تاتِ؛
راڻِيُنِ مُلان راتِ، ماڻِڪُ مي پِرائِيو.

## وائي

هِيري هَٽُ وِڌائِين، ويهِي ساٿِينِ وِچ ۾.
نَوازِشِ نُوريءَ جي، آهي تَماچِيءَ تائِين.
گَندَگِيءَ گوشو ڪَيو، عَطُرَ اوتَ اوتِيائِين.
اَندا مَندا آئِيا، سَخا سَڏُ وِڌائين.
پَسو جُودُ جُوانَ جو، ڪو هَنڌُ ڪونہ مَتِيائِين.
قِيمَتَ ڪَميڻَنِ سين، جَهِڙِيءَ وَٽَ وَتِيائِين.
موتِي ميِّيءَ هَٽَ تي، ڪوڏِنِ جِئن ڪَڍِيائِين.
ماڻِڪَ مِياڻِنِ ۾، چِلُرَنِ جِئن چِتِيائِين.
ڏيئِي سونُ سُوال ۾، رُپي راندِ ڪَيائِين.
پاڻِيَڻَ آڻي پاڙَ سين، لَعلُون سَيِّي لُٽِيائِين.
فيروزا فَقِيرَنِ تان، گهوري سَيِّي گهورِيائِين.
اُتي عَبدُاللَّطِيفُ چئي، اُچِلي اَملَ ڏِنائِين.

## داستان ٻيو

١

سِرُ سَلابَتَ سُپِرينِ، مَرَڪَڙَ! تُون مَ مَريجِ؛
آهِيين ٿارُ اَڪِيُنِ جو، وَتان مُون مَ وَڃيجِ؛
تَماچِي تِڳيجِ، ڪو ڏِينهُن ڪِنجهُرَ ڪَنڌِيين.

٢

هيٺِ جَرُ مَٿي مَيرُ، پاسي ۾ وَٽراهَ؛
اَچِي وَڃي وِچَ ۾، تَماچِيءَ جي ساءَ؛
لَڳي اُترَ واءَ، ڪِنجهُرُ هِندورو ٿِئي.

٣

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَيرُ، پاسي پِرينِ سَندامِ؛
ڪوڙِيين ڪاڄَ سِڏامِ، اَڻَ سِڏو ڪونَ رهِيو.

۴

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَيرُ، ڪَنڌِيءَ ڪَوُنرَ تَرَنِّ؛
وَرِئي واهُوندَنِّ، ڪِنجهُرُ ڪَتُوري ٿِئي.

۵

سَمِيُون ڪَري سِينگارُ، راءُ رِيجهائِڻَ آئِيُون؛
جامَ هَٿَ ۾ جارُ، ڄَلي ڄُڀِيرِنِ وِچَ ۾.

٦

نُورِيءَ جي نَوازِيو، ٿِيو تَماچِي تي؛

گاڏِيءَ چاڙهيءَ گَندِري، ماڙهُو ڪَيو مي؛
ڪِنجُهرِ چُوندا ڪي، تـ سَچُ سَيائِي ڳالهَڙِي.

٧

چامان اڳي جي چائِيُون، تِنَ جي نِرتِ نُوريءَ ڪي ناهِ؛
نـ مَنهَن نـ مارِڪي، نـ وَجِنَ ڪنهن وهانءِ؛
سي ڪِنجُهرَ ڪَندِيُون ڪانهِ، جِنَ تَماچِي تَڪِيو.

٨

نـ ڪَنهن چائو چامَ کي، نَڪو چامَ وِياءُ؛
نَنڍِيءَ وَڏِي گَندِريءَ، سَپِنَ آهِ سِياءُ؛
”لَمۡ يلِدۡ وَلَمۡ يُولَدۡ“، اِيُ نِجابَتَ نِياءُ؛
ڪِبرُ ڪِبرِياءُ، تَختُ تَماچِي چامَ جو.

٩

پَکا پَکارِيو، چامُ تَماچِي آئِيو؛
گُوندَرَ لاهِيو، گَندِرِيُون ! آتَڻَ اُجارِيو؛
ڪِنجُهرُ قَرارِيو، سَمي سامَ بَخشِي.

١٠

ڪو جو ڪامَڻُ مَي، آهي اکَڙِيُنِ ۾؛
تَنُ تَماچِي چامَ جو، نايُون پايو ني؛
عِشقُ اِئَن ڪَري، جِئَن چارو چامَ ڪُلهي ڪَيو.

# سر گهاتو

## داستان پهريون

١

گهنگهِريا گهڻَ چاڻَ، موڙهِي مَتِ مَهائِيين؛
وِيا گَڏِجِي وِيرِ ۾، پِيا مُنهِن مَهراڻِ؛
اِڳيان پويان تاڻَ، وِيا ويچارَنِ وسري.

٢

ماڪَ پِچايَنِ مولهيا، مٿان راتِ پئِي؛
اولِيون اُجهَڻَ لِڳيون، وِيا وَنجهَه وَهِي؛
ڪَلاچِيان ڪَهِي، ڪَڏِهِن ڪونہ آئِيو.

٣

ڪو جو قَهَرُ ڪلاچ ۾، گهڙِي سو نِئِي؛
خَبَرَ ڪونہ ڏِئِي، رَچَ ڪُچاڙِي رَنڊِيا؟

٤

ڪالهہ ڪَلاچِيءَ وِيا، چِتِيُون ڪٽي چِڳِيرَ؛
پائِرَنِ پيرو نہ ڪَيو، اَدَنِ ڪِي اُويرَ؛
اهِڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَّ ورائي جهلِي.

٥

تَرِيُون پَسان نہ تارِ ۾، جهُڳا جاءِ نہ ڪَنِ؛
مادِرِ! ملاحَنِ، ماڳِ نہ ڍويا مَڪُڙا.

٦

ڏِهاڙِي ڏِٺَمِ ڪيتِرا، جنِين مارِيو موڪَ؛
گَهرَ ۾ گهاتُوئَڙَنِ جا، ٿا مارِينِمِ ٿوڪَ؛
لَڏي وِچان لوڪَ، اُونهي ويا اوهِري.

٧

اُپِي اوسِڙان اُسَ ۾، جَهليو ڪُنَّ ڪِنارَ؛
گهاتُو گَهرِ نہ آئِيا، وَڏي لِڳَيَنِ وارَ؛
هُيَسِ جنِين هارَ، سي موڙي چڙِهيا مَڪُڙا.

٨

جِتي گهورِيو گهاتوئِين، تِتي وارِيءَ ٻُڏَّ؛
سَهسين ساٿي مُڏَّ، سَرُ سُڪو، سُونگِي گيا.

٩

مُون اُڏارِيا مَچِڙا، اللهَ! گهاتُو آڻِ،
مِيان! مُدارَنِ سين، مونکي، قادرَ! وِجهُ مَ ڪاڻِ؛
هَٿَ مُنهِنجي هاڻِ، قَدُرُ لِڌو جِنِ ري.

١٠

اَئِين جا لُڏو لوڏَ، اِيَ پِرَ گهاتُوئَڙَنِ جي؛
ڪُنَّ ڪلاچِيءَ ڪوڏَ، سُڪِي نہ سُتا ڪَڏهِين.

١١

گهورينديِ گهورِ پيا، اَگهورِ گهورِيائُون؛
مَيڪَرُ مارِيائُون، مَلاحَنِ مُنهَن سَنرا.

١٢

جِئَن جهُڳا پائِيين جهولَ ۾، اِئَن نہ مَرَنِ مَڇَّ؛
سَٻَرَ دارِ سَمُندَ جا، هي رائُون رَڱِيُون رَڇَّ؛
هِي چارُون ۽ چَڇَّ، اجا اوڙاهُ آڳاهُون ٿِيو.

# سر سورٺ

## داستان پهريون

١

اَللهَ جي آسَ ڪري، هَليو هِيائِين؛
چارَڻُ ٻَڌا چَنگَ کي، جهُوڙا ۽ جهائِين؛
ڏولِي راءِ ڏياچَ جي، ڏُوران ڏِٺائِين؛
وَينتِي واحِدَ دَرِ، تَنهِن ويرَ ڪَيائِين؛
”سَپاجها سائِين! راءُ رِيجهائِين راڳَ سين“.

٢

”پَرديسان پنڌُ ڪَري، هلِي آيو هُون؛
اُونچو تون عرشَ تي، آن پورو متي پُون؛
ڪِيئَن تُسَندين تُون؟ هِيُ سِرَ سوالِي مَگَّڻو“.

٣

”پَرديسان پنڌُ ڪَري، سُٺَي آيُسِ شانُ؛
مَگّان ڪَهِڙي مَتِ سين؟ نِسورو نادانُ؛
سو ڪو ڏِيارِئِين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرَڪُ ڪَري“.

٤

”سَردِيءَ سالِمُ نہ رَهان، گَرمِيءَ تِيان گُدازُ؛
اَمَنُ ڏيجِ اَمانَ تون، سائِلُ هَٿي سازُ؛
رَبابِيءَ کي رازُ، خالِصُ ڏيجِ خَلِيلَ جو“.

٥

”تو دَرِ آيُسِ راڇِيا: جاجِڪُ وٺي جِيُّ؛
ڪَنان ’نارُّ حامِيَھ‘، ھاڻِ بَچائِج ھِيُّ؛
والي! ڏِياريئِي وِيُّ، جِتِ آھي ’جَنَّاتُ عَدُنِ‘“.

٦

”ڀِيا دَرَ ڏيئِي ڀَنَ ڪي، آيُسِ تُنھِنجي دَرِّ؛
سُونھارا سورَٺِ وَرَ! ڪا مُنھِنجِي ڪَرِّ؛
پِلا! پيري پِرَّ، پالھو پاندُ پينارَ جو“.

## داستان ٻيو

١

جاچڪُ جھونا ڳڙهَ ۾، ڪو عطائِي آيو؛
تَنهِن ڪامِلَ ڪَڍِي ڪِينرو، ويهِي وَڄايو؛
شَهرُ سَڄو ئِي سُرَ سين، تَندُنِ تپايو؛
دايُون دَرماندِيُون ٿِيُون، پايُنِ ٻاڏايو؛
چارَڻَ تي چايو، تہ ماري آهي مَڱڻو.

٢

نِرتي تَندُ نِيازَ سين، ٻُرائِي ٻيجَلَّ؛
راجا رَتولَنِ ۾، اونائِي اَمُلَّ؛
رازُ ڪَيائين راءَ سين، ڪَنهِن موچارِيءَ مَهَلَّ؛
"اَنَا اَحۡمَدُ بِلا مِيمِ"، سَينَ هَنئِي سائِلَّ؛
ڪَنهِن ڪَنهِن پَيئِي ڪَلَّ، تہ هَردوئِي هيڪُ ٿِيا.

٣

ڪِنين ڪِنين ماڙُهين، پيئِي ڪَلَ ڪائِي؛
رَسيا جي رَمُزَ کي، تن پارسِي پائِي؛
"اَلۡاِنۡسَانُ سِرِّيۡ وَ اَنَا سِرُّهٗ" ورتي اِيَ وائِي؛
راجا راڳائِي، هَردوئِي هيڪُ ٿِيا.

۴

سِرَ جِي هُئائِين هَليو، چارَڻُ چِتائيِ؛
سو مُوڙا جهَلي نـ مالَ جا، تو ماڻِڪَ موتائي؛
”تو دَرِ آيُسِ تي، جِئَن تو ناهِ نـ سِڪيو“.

۵

”جي مِيراثِي مَگّڻا، آءُ پُڻِ مَنجهان تَنِ؛
ڪِي ڪَهُ مُنهِنجي ڪَنِ، اِرُٺَ مَنجهاران اُنِ جي“.

٦

”ها جا ڳالِهه ڳَري، ڀِيجَليا! ڀُڏاءِ مُون؛
پيٺين جِئَن ڳرنارَ ۾، تَندُنِ تانُ ڪَري؛
ڪِ تو پَنڌُ پري، ڪِ مَگّ جهَلِيندين؟ مَگّڻا“!

٧

”مَگّ نـ جهَلِيان مُورَهِين، نـ مُون پَنڌُ پَري؛
ڳَڻِي آيُسِ ڳالَهڙِي، ڳُجهي تو ڳَري؛
سا سَمجِهج سورَٺِ وَرَ! وِيندُسِ کِينَ وَري؛
پَريان پيرَ ڀَري، تو لَءِ آيو آهِيان“.

٩

سِرُ مَگّي سِرُ گُهري، سِرَ رِءَ ٿِئي نـ صلاحَ؛
غَرِيبَنِئُون نـ گُذِري، تو ماري مِيرَ مَلاحَ؛
نـايو نَوابَنِ جا، سوريو ڪَڍي ساهَ؛
خالقُ سَنجِهه صُباحَ، ڪونـ چِڏيندو ڪِٿَهِين.

## داستان ٽيون

١

ڪِي جو بِيجَلَ ٻولِيو، پِنِيءَ ويهي پانَ؛
راجا رَتولَنِ ۾، سيباڻو سُلطانَ؛
”آءُ مڱڻهار مَڱڻا! مُقابِلِ مَيدانَ؛
گهوڙيانِ لَکَ، لَطِيفُ چئي، تُنهنجي قدمَنِ تان قُربانَ؛
مَٿو هِيءُ مِزمانَ! هَلِي آءُ تہ هِتِ ڏِيَنءِ“.

٢

”آءُ مڱڻهار مَڱڻا! چڙهي ۾ چَوڏولَ؛
توکي گهوڙي گهرائِيو، راجا مَنجهہ رَتولَ؛
بِيجَلَ! توسين ٻولَ، وِهاڻِيءَ وَڏَڻَ جي“.

٣

مَحَلِينَ آيو مَڱڻو، ڪَٽِي ساز سِري؛
لِڳِي تَندُ تُنبيرَ جي، پِيا ڪوڙ ڪِري؛
هَنڌينَ ماڳِينَ هُوءِ ٿِي، تُنهنجِي بِيجَلَ! دانهَن ٻُري؛
سِسِي تَنهِن سُلطانَ ڪان، اچِي گهوڙي گهُري؛
جهُونا ڳَڙهُ جهُري، پُوندي جهانءِ جَهروڪَ ۾.

٤

ڏاتارَ ۾ مَڱڻي، ڪونہ وسيلو وِچِ؛
سائِي تالَ تَندُنِ جي، سائِي چارَڻَ چِتِ؛
جي هِتي جي هُتِ، تہ ڳالهہ مِڙيائي هيڪِڙي.

۵

”جاجِڪَ! تو جُهارُ، ڏَهَ پيرا ڏِياڇُ ڇئي؛
جَنهِن ۾ مالُ نـ مِريءَ جيترو، تَنهِن تون طَمَعَدارُ؛
جي اچيئِي ڪَمِ ڪَپارُ، تـ وِيهَ پيرا وڏِي ڏِيَنءِ“.

٦

”ٻيلي! ٻِئِي پارَ، جان مُون نيڻ هَٽِي نِهارِيا؛
چوري رَڪِيَم چِتَ ۾، ڏِسِيُن جا ڏاتارَ؛
هِيُ سِرُ توهان ڏارَ، ٻِيجي ڪَنهِن نـ ٻولِيو“.

٧

”سو جِيُ، مَڱَڻهارَ! مَ هوءِ، جَنهِن تو مَٿي سِرَ سَٽو ڪَيو؛
جو مُون مُل مُور نـ سَپَجِي، تان جي سو گُهرِيوءِ؛
تان جُڳان جُڳِ ڏِنوءِ، ڏُنگو ڏاتارِن ڪي“.

٨

”مَٿو مَٿائِين گهورِيان، مَٿو تو مَٿاءِ؛
هَڏو هِيُ هَٿِ ڪَري، جاجِڪَ! وَهِلو جاءِ؛
تُون سين اَنيراءِ، جِمَ وا ڇا ۾ وِلَهو وَهِين“.

٩

”مَٿو مُور نـ پاڙِيان، تُنهنجي تَندُ تَنوارَ؛
سِرَ ۾ سَچَڻَ ناهِ ڪِي، موٽُ مَ، مَڱَڻهارَ!
ڪِينهي منجهه ڪَپارَ، لَڀِيندو تو لاهِيان“.

١٠

”سؤ سِرَنِ پائي، جي تَندُ بَرابَر توريان؛
اُتَلَ اوڏانهِين ٽِئي، جيڏانهن ٻيجَلَ ٻُرائي؛
سَڪِٽو هَڏُ آهي، سِرَ ۾ سَيجَڻُ ناهِ ڪِي“.

١١

”مَتي اُتي مُنهنجي، جي ڪوڙين هُوَنِ ڪَپارَ؛
تہ وارِيو وارِيو وَڍِيان، سِسِيءَ کي سَوَ وارَ؛
تہ پِڻُ تَندُ تَنوارَ، مُوهان مٿائُون، مَڱڻا“!

١٢

”جو تو ڏِيَڻُ، ڏِياچَ! لاهِيو اِي سِرُ سَيِڪو ڏي؛
ڪِي نانهِ جَهِڙو ڏي، جو سَندَ ٽِئي سُوالِيِن“.

١٣

پَسِي پاڻَ پُر ٿِيو، سندو جادِمَ جُودُ؛
مَڱَ وِهاڻِيءَ مڱڻا! مَتو هيرَ مَوجُودُ؛
بلَڪِ آهي بُودُ، ناڪَسِيءَ، نابُودُ ۾.

١٤

چارَڻَ چَنگُ ڪُلهي ڪَري، پيرَ پُري پاتا؛
صَدا جي سَيَّدُ چئي، وائِي ڪَيائِين واتا؛
تَنهِن تي راءِ راضِي ٿِيو، دِلِ وڌِيءَ داتا؛
مَرڪي مَرُ ماتا، رُوڙِي راءِ ڏياچَ جي.

## داستان چوٿون

١

رِءَ مَصلِحَتَ مَڱَڻا، قَصرِ ڪِينَ اَچَنِّ؛
نُورُ تَجَلَّو نُورَ سين، نِميو نيڻَ پَسَنِّ؛
خِيمي ۾ ڪَنگهارَ جي، چانڊُوٽا چِمڪَنِّ؛
لَڏائِين لَطِيفُ چئي، سَندا ڏاڻَ ڏِسَنِّ؛
تيلان مُلڪَ ڏَٽِينِّ، مَچِيو مَڱڻهارَ ڪي.

٢

”مَرُ تہ آئين، مَڱڻا! مامَ پَرُوڙِي مُون؛
جيڪا ڳاهَ ڳالهائِيين، سا سَڀِ سَمجهِي سُون؛
تَنهِن ۾ تُسِج تُون، جيڪِي پَوَيئِي پَٽَ ۾“.

٣

”چارَڻَ! تُنهنجي چَنگَ جو، عَجَبُ آهِم اِيُّ؛
هَٿِي آيو هَٿَن سين، جِئَرو رکِيو جِيُّ؛
راتِ مُنهنجو رِيُّ، ڪاتِيو تو ڪُماچَ سين“.

٤

”تانُ نہ آهي تَندُ جو، رُون رُون ڪري رازُ؛
هَٽَندَڙَ سَندا هَٿَڙا، سَڀِڪو چئي سازُ؛
سَٽَ ڏيئِي شَهِبازُ، ٿِيُ، تہ ٿوڪُ پِرائِين“.

٥

"تَندُ تُمارِيءَ تانُ، ڪَهِيو سو قَبُولُ پِيو؛
سِرُ تہ آهي سَٽَ ۾، پَرَ ٻِيو ڪِي مَڱِّج دانُ؛
خاڪِ، مِٽِي ڪا بانُ، ڪاٽِيا پوءِ ڪُجهُ نَهِين".

٦

"چارَڻَ! ٻولِج ڪِي ٻِيو، گُهرِيءُ سو گهورِيان؛
گَهرُ، سورَٺِ نہ پَڙّي، جان تَندُنِ بَرابَرِ تورِيان؛
ڳُجِهي آهِہ ڳالِهڙّي، آءُ اوري، تان اورِيان؛
ڪِہ ڪُلَهنِئُون ڪورِيان؟ ڪِہ، جاجِڪَ! جُسي سين ڏِيَنءِ؟"

٧

ٽيئِي پَرِچيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَٽارو، ڪندُ؛
"تَنهِن جهوئِي ناهِ ڪِي، جو تو، چارَڻَ! ڪَيو پَندُ؛
اِيُ شُڪرُ اَلُحَمدُ، جِئَن مَٽو گُهرِيوءِ مَڱّٽا"!

٨

ڪَنجهي ڪيرَتِ ڪِينَرو، واڄو وِلاتي؛
هَنئِي تَندُ حُضُورَ ۾، تَنهِن پارِسَ پيراتِي؛
ڏِسَنديئِي ڏِياچَ کي، ظاهِرُ ٽِيو ذاتِي؛
ڪَڍِي تَنهِن ڪاتِي، وِڌو ڪَرَٽُ ڪَپارَ ۾.

٩

گُلُ چِنو گرنارَ جو، پِتَڻِ ٿِيُون پِٽِينِ؛
سَهسين سورَٺِ جَهِڙِيُون، اُڀِيُون اوسارِينِ؛
چوٽا چارَڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سِينگاريو ڏِينِ؛
ناريُون ناڏَ ڪَرِينِ: ”راچا راتِ رَمَگيو“!

١٠

سورَٺِ مُئي، سُڪُ ٿِيو، خِيما هَنيا ڪَنگهارَ؛
ٿِيو راڳُ، رُوپُ سو، لِڳي تَنَدُ تَنوارَ؛
سو ڏِٽين پَٽين پارَ، پسو! راچا راضِي ٿِيو.

# سر ڪيڏارو

## داستان پهريون

١

ڏٺو مُحَرَّمُ ماهُ، سَنڪو شَهزادَنِ ٿيو؛
چاڙي هيڪ اَللهُ، پاڻَ وَڻندِيُون جو ڪَري.

٢

مُحَرَّمَ موٽِي آئيو، آئِيا تان نہ اِمامَ؛
مَدِيني جا ڄامَ مؤلا، مُون کي ميڙِئين !

٣

مِيرَ مَدِينئان نِڪري آئِيا نہ موٽِي؛
ڪارا رَڱج ڪَپڙا، اَدا نِيروٽِي !
آن تنين لَءِ لوٽِي، جي مِيرَ مُسافِرَ رانئِيا.

۴

سَختِي شَهادَتَ جِي، مِڙوئِي مَلا رُ؛
ذَرو ناهِ يَزِيدکي، اِي عِشَقَ جَوآثارُ؛
ڪُسَڻَ جو قَرارُ، اَصُلَ اِمامَنِ سين.

۵

سَختِي شَهادَتَ جِي، نِسورو ئِي نازُ؛
رِندَ پَرُوڙِينِ رازُ، قَضِيي ڪَربَلا جو.

## داستان ٻيو

١

چَندَ وِهاڻيءَ چِڙهيا، مَلَّهہ مَدِينِئان مِيرَ؛
اُنِ سين طَبلَ، باز، تَبَرُون، ڪُندَ، ڪَتارا، ڪِيرَ؛
عَليءَ[۴] پُٽَ اَمِيرَ، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

٢

ڪَربلا جي پِڙَ ۾، خِيما کوڙِيائُون؛
جهيڙو يَزيدَ سامُهون، جُنبِي جوڙِيائُون؛
مُنهُن نہ موڙِيائُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

٣

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، اَهلِ بَيُتَ آئيا؛
ماري مِصرِيُنِ سين، تن ڪافرَ ڪَنبايا؛
سَچُ ڪِہ بِيبِيءَ چايا، هَهڙا سُورِهَ سُپِرِين.

۴

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگُ جُوان؛
ڌَرتِي ڌُبِي، لَرزِي، ٿَرٿِليا آسمانَ؛
ڪَرَهِ هِئِي ڪَان، هو نَظارو نِينهَن جو.

٥

دوستَ ڪُهائي دادُلا، مُحِبَ مارائي؛
خاصَنِ خَلِيلَنِ کي، سَخِتيُون سَهائي؛
اَللهُ اَلصَّمَدُ بي نيازُ، سا ڪَري، جا چاهي؛
اِنَهِينِ مَنجِهہ آهي، ڪا اُونهي ڳالهہ اِسرارَ جي.

## داستان ٽيون

۱

ڏِٺو ڪالهَہ ڪَنهِين، جهُونجهارِڪو جهَڳِڙو؛
هاٿِيُنِ هَڏَ مُڇِايا، ريلو رَتَ نَئِينِ؛
پانئِنِ سا سَنئِينِ، جِئان جِيءُ جوکو ٿِئي.

۲

آيا، اُجارِين؛ تَنکَ، تَرارِيُون ٽِئُرا؛
سانگِيُون سائُنِ هَٿَ ۾، ڪُلَهنئُون نہ لاهِينِ؛
اُيا ئِي آهِينِ، مُهائِي مَرَڻَ تي.

۳

هٽَڻَ، هَڪلَڻُ، پِيلِي سارَڻُ؛ مانجِهيان اِيُ مَرَڪُ ؛
وِجهَنِ تان نہ فَرَقُ، رُڪَ وَهندِيءَ راندِ ۾.

۴

بَهادُرَ گَڏِيا بَهادُرين، کَڙِڳَ کِلُولِ ڪَنِّ؛
وِجهَنِ ڌَڙَ ڌَڙَنِ تي، هاڪارِينِ هٽَنِّ؛
ڪِرَنِ، ڪَندَ نَچَنِّ، رِڻُ گَجِيو، راڙو ٿِيو.

۵

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هِي هَٽَنِّ؛
سِرِنايُون ۽ سُندِڙا، پِنِين پارِ پُرَنِّ؛
گهوٽَنِ ۽ گهوڙَنِّ، رِڻَ ۾ لائُون لَڌِيُون.

٦

گھوڙَنِ ۽ گھوٽَنِ، جِئَڻَ ٽورا ڏِينھَڙا؛
ڪَڏَھِن مَنجِھہ ڪوٽَنِ، ڪَڏَھِن واھي رِڻَ جا.

٧

جِھمَندِيُون اَچَنِ، جھوليُون جُھونجھارَنِ جُون؛
پايو ٻُڪَ ٻُھارَ جا، اُنِ جُون وَھُون واڪا ڪَنِ؛
پِٽِينِ پارَ ڪَدَنِ؛ رِڻ گَجيو، راڙو ٿيو.

٩

”ڪانڌَ! ڪَلاريِن ڪَپڙِين، وَرَ! وِناھِيو آءُ؛
جِتِ سانگِيُنِ جِي سَٽَ وَھي، اُتِ وِڪَ وَڌنِدي پاءِ؛
نان تان پِؤ مَ پاءِ، جان جان نُوڙين نہ چَڙِھين“.

٩

’پِيگو‘ آئُون نہ چَوان؛ ’مارِيو‘، تہ وِسَھان؛
ڪانڌَ مُنھَنِ ۾ ڌَڪَڙا، سيڪِيندي سُونھان؛
تہ پڻ لَڄَ مَران، جي ھُوَنِس پُٺِ ۾.

١٠

مُنھَنَ مَٽاھان جن جا، سي پِٽِيو ڪَدَنِ پارَ؛
”جيڏِيُون! ھِنَ جُھنجھارَ، اُجاري سَڀِ اَچا ڪَيا“.

١١

مَرُ مَرِين، آئُون رُئَنءِ! موتِي آءُ مَ، ڪانڌَ!
ڪَچِنِ وَڏا پاند، جِئَڻَ ٽورا ڏِينھَنڙا.

## داستان چوٿون

١

ڪا جا ڏِري ڏُنگِري، ڪو جو وَريو واءُ؛
عَلِيءَ شير وياءُ، رِڻ ۾ پِيَنِ راتِڙِي.

٢

جهيڙو لاهِ، يَزِيدَ! عَلِيءَ جي اولادَ سين؛
سا نہ پَسَندين عِيدَ، جا هُوندِي مِيرَ حُسينَ سين.

٣

ڪُوفِيُنِ ڦَهرُڪَيو، ٿِيا جَماتِي يَزِيدَ سين؛
پَلِيتَنِ ڪي پِڙَ ۾، وَرنَهُ وَر پِيو؛
سَدِّرِ هونِ سِهو، شِيرُ شَهادَتَ رَسِيو.

٤

ڪُوفِيُنِ ڪاغَذُ لِکِيو، وِچِ وِجهِي اَللهُ؛
”اَسِين تابِعَ تُنهنجا، تُون اَسانجو شاهُ؛
هيڪَرَ هيڏي آءُ، تہ تَخَتُ تابِيني تُنهنجي“.

٥

ڪُوفِي ڪَربلا ۾، پاڻِي نہ پِيارِينِ؛
اُتي عَلِيءَ شاهَ ڪي، شَهزادا سارِينِ؛
نِڪِريو، نِهارِينِ؛ چِڙَهُ، مِيرَ مُحمَّدَ عَرَبِي!

٦

پِرهَ پَکِي آئِيو، ڪَربَلا مان ڪَهِي؛
روضي پاسِ رَسُولَ ﷺ جي، تَنهِن هلِي هاڪَ هَنئِي؛
”ڏِٺيَمِ رُڪَ رُئِي، چَڙهُ، مِيرَ مُحَمَّدَ ﷺ عَرَبِي“ !

## داستان پنجون

۱

حَسَنُ ناه حُسينَ وَٽِ، ٻيلِي نہ ٻاهُون؛
ساڙيه شَهزادَنِ جو، آهي اڳاهُون؛
يَزِيدَ! جُلاهُون، تيلان ڪَرئين تَڪِڙيُون؟

۲

ڪِلي ويرَ ڪَتَڪَ ۾، هَيءُ! جي حَسَنُ هو؛
پيڙو پيڙو پَنهنجي پاءُ سين، پَتَنگَ جِئَن پيو؛
آهي ڪيرُ ٻِيو، جو ڪَري هَلان مِيرَ حُسينَ تان؟

۳

ڪِلي ويرَ ڪَتَڪَ ۾، سائُو سَيِ نہ هُوَنِ؛
پِڙَ تي سيئِي پُوَنِ، موتَڻُ جنِين مِيهِٽو.

۴

ڪِلي ويرَ ڪَتَڪَ ۾، پاڪَر جو پائي؛
اَجا اُنَ ڪي جِئَڻَ جو، آسانگو آهي؛
سُورِهُ سو چائي، جو رُڳوئِي رِڻَ گِهڙي.

۵

سُورِهَ! مَرين سوڀَ ڪي، تہ دِلِ جا وَهمَ وسارِ؛
هَڻُ ڀالا، وِڙهُ ڀاڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ؛
مَٿان تيغَ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿِئين.

٦

حُرُّ هَلِي آئِيو، مانجھِي مَردانو؛
”آهِيان عاشِقُ آڳِ جو، پَتَنگُ، پَروانو؛
مانَ راضِي ٿِئي، رَسُولُ ﷺ رَبَّ جو، نَبِي تو نانو؛
هِيُ سِرُ سَمانو، گھوٽَ! مَٿان ئي گھورِيان“.

٧

هُئِي هِدايَتَ حُرَّ کي، اَزَلَ ۾ اَصُلا؛
چَڙهِي آئِيو جَنگِ تي، هلِي هُنَ پارا؛
اِيندي چَيائِين اِمامَ کي: ”گھورِيُسِ آن مَٿاءِ“؛
”لَا يُڪَلِّفُ اَللهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا“، جيڪا پُڄَندِيَمِ سا؛
گھوٽَ ٻـ لڳا گھاءَ، سر پڻ شيرُ شَهِيدُ ٿِيو.

٨

پاوَنگُ اُپِيو پِڙَ ۾، هَٽِي هَزارِي هولُ؛
جَوَهَرَ ۾ جَڙاءَ سِين، ڪامِلَ سِرَ ڪَنگولُ؛
رَتو رَتَ رَتولُ، مولِهيو مِيرَ حُسينَ جو.

٩

ڏاڙهِي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تـ ڏاڙهُونءَ گُلَ جِئَن؛
چوڏِهِينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، پِڙَ ۾ پا پِڙيَاس؛
مِيڙِي ۾ مُحَمَّدَ ﷺ جي، مَرُ مَرَڪي ماسِ؛
تَنهِنَ سُورِهَ کي شاباسِ، جو مَٿي پِڙَ پُرزا ٿِئي.

١١

ڪَڪِرا ڪَربَلا جا، مادرِ تي ميڙِياسِ؛
ڦَٽَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عَلِيءَ تي اُگِھياسِ؛
مِڙَئِي معافُ ڪَياسِ، خالقَ بَدِلي خُونَ جي.

## داستان ڇهون

١

ڪَؤنر، ڪِلي جا ڪوڏِيا ! جانڪِي تائِين جِي؛
مَٿان اَڙِنِ اُسِري، رُڪَ پِيالو پِيُ؛
ڳاهُ ڳِجهُنِ جو ٿِيُ، ويٺي جن وَرهَ ٿِيا.

٢

ڇَپَرِ جِئَن پَهُون، تِئَن رِڻُ ڳِجهُنِ رانِئيو؛
وَنِڪا وَنُڪَنِ گَڏِيا، بوڙِيو ڏِيَنِ ٻَهُون؛
مُهايَنِ وَهُون، نِيرُ مَهانگو ڪَندِيُون.

٣

ڪُوپا ڪِلي ڪوڏِيا، راوَتَ ڪِينَ رَهَنِّ؛
سائُنِ سِرَ فِدا ڪَيا، اَگِيان اِمامَنِّ؛
”يُجَاهِدُونَ فِى سَبِيۡلِ اللّٰهِ“، ڪَمُّ اِهو ئِي ڪَنِّ؛
حُورُون هارَ ٻڌَنِّ، سِهرا شَهِيدَنِ ڪي.

٤

جَنَّتَ سَندِيَنِ جُوءِ، فائِقَ هَليا فِردَوسَ ڏي؛
فانِي ٿِيا ’فى اَللّٰهَ‘ ۾، هُوءِ سين ٿِيا هُوءِ؛
رَبَّ ! ڏيکارِئين رُوءِ، اُنِين جي اِحَسانَ سين !

٥

حسَنَ، مِيرَ حُسينَ ڪي، رُنو ترِن تولَن؛
گَھرِ ماڙُھين، جھَنگِ مِرُوئين، اُپَنِ ۾ مَلَڪَنِ؛
پَکِيُنِ پاڻُ پَڇاڙِيو، تہ لَڏِيو ھوتَ وَڄنِ؛
الا! شَھزادَنِ، سوپُون ڏِئين، سَچا ڏَڻِي!

٦

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جو، جن نہ ھِنئَڙي جارُ؛
خالِقُ، رَبُّ جَبَّارَ، ڪِينَ مَرھِيندو تن کي.

# سر سارنگ

## داستان پهريون

١

آگَميو آهي، لَڳَهہ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
وُٺو مِينهُن وَڏَ ڦڙُو، ڪَڍو ٽَڙَ ڪاهي؛
ڇَنَ ڇَڏِي پَٽِ پَئو، سَمَرُ سَنباهي؛
وِهو مَ لاهي، آسِرو اَللهَ مان.

٢

آگَمَ ڪَيا اَللهَ، لَڳَہَ پَسُ! لَطِيفُ چئي؛
پَلَرَ جي پالُوٽَ سين، پَٽَنِ جهَلِيا پاهَ؛
واحِد وَڏائِي ڪَيا، مَتي گَسَنَ گاهَ؛
سانگِيُنَ وَريا ساهَ، اُتُنِ آبُ آگُوندِرو.

٣

آگَمَ اِيَ نہ اَنگَ، جَهِڙو پَسَڻُ پرينءَ جو؛
سيٽَنِ رِءَ سَيَّدُ چئي، رُوحَ نہ رُچَنِ رَنگَ؛
سَهَسين تِيا سارَنگَ، جاني آيو جُوءِ ۾.

٤

جانِي آيو جُوءِ ۾، تِيو قَلبَ قَرارُ؛
وَهِلو وِچائِين وِيو، ڪَري غَمُ گُذارُ؛
نِظارو نِروارُ، پِي پَسايو پانهِنجو.

٥

اَجُ پڻ اُترَ پارَ ڏي، تاڙي ڪِي تَنوارَ؛
ھارِيُنِ ھرَ سَنباھِيا، سَرَھا ٿِيا سَنگھارَ؛
اَجُ پڻ مُنھنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

٦

اَجُ پڻ اُترَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لَعلُ لِبيسَ؛
پِرِينِ جي پَرديسَ، مُون کي مِينھَن ميڙِيا.

٧

اَڄ پڻ اُميدُون، آگَم سَندِيُون اُپِيَ ۾؛
ساوَڻُ پَسِي، سَرَتِيُون ! سَچَڙُ سارِيو مُون؛
آئُون آسائِتي آھِيان، مانَ پِچائي پُون؛
گھَرِ تہ گھُرجِين تُون، مُندَ مڙيئِي مِينھَن جِي؛

٨

اُتران ٿي آئِيُون، ڪَري ھَڪَلَ ھُوءِ؛
پَري تَلَ ترائِيون، جوڙي ھلِيُون جُوءِ؛
پَسو جا پَتَنِ ۾، ڪَتُورِيءَ خوشِبُوءِ؛
اَچي رُوبرُوءِ، اُٿِيُون روضي تان رَسُولؐ جي.

٩

پِيَّ پَسايو پانھِنجو، نِظارو نا گاھَ؛
لَڳو ھَٿَ قَلُوبَ تان، ڏِي وِرُوھَڻَ واھَ؛
اُميدُون اَرواحَ، پِيَّ پَسندي پُنِيُون.

١٠

وَسَڻُ اَکَڙيُنِ جِئَن، جي ھُوند سِکَئِين، مِينھَن!
تہ ھُوندَ راتو ڏِينھَن، بسِ بُونديَنئُون نہ ھَرِين.

١١

گامَ گُنديءَ گَنجَ، اَبرَ ۾ اُھاءُ ڏيو؛
پَسي پِرَ پِرينُ جِي، ڏُور ڏِيا سَڀِ ڏَنجَ؛
شالَ وَسندَو سَنجَ، عاشقَ تي اوھِيڙا ھَري.

١٢

اَڱِڻِ تازِي، ڀِھَرِ ھُنڊِيُون، پَکا پَٽِ سُنھَنِ؛
سُرَھِي سيجَ، پاسي پِرينِ، مَرُ پِيا مِينھَن وَسَنِ؛
اَسان ۽ پِرِيَنِ، شالَ ھُوَنِ بَرابَر ڏِينِھَڙا.

١٣

بَرَ وَٺا، تَرَ وَٺا، وَٺِيُون تَرايُون؛
پِرِهَ جو پَٽَنِ تي، ھَنِ وِلوڙا وايُون؛
مَکَڻَ پَرِينِ ھَٿَڙا، سَنگھارِيُون سايُون؛
ساري ڏُھن سامُھِيُون، ٻولايُون، رانيُون؛
ٻانِهِيون ۽ ٻايُون، پَکي سُنھَنِ پانھنجي.

١۴

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وَٺوجيسَرُميرَ؛
آگَمَ ڪَري آئِيُون، پائِرِ پَري پِيرَ؛
لاٿائُون، لَطِيفُ چئي، وانڍِيُنِ مَٿان وِيرَ؛
سَرَها ڪَيائُون سِيرَ، سَرَهيُون سَنگهارِيُون ٿِيُون.

١۵

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وٺا، وَٺي ڪَڇَ ڪِنارَ؛
پونيارِڙيءَ پَٽَنِ تي، ڏِسُ! نايائُون نارَ؛
سَپاجهي سَتارَ، لاٿا ڏُرتَ ڏيهَ تان.

١٦

سارَنگَ! سارَ لَهيجِ، اَللهَ لَڳِ اُڃِيَنِ جي؛
پاڻِي پُوجَ پَٽَنِ ۾، اَرزان اَنَّ ڪَريجِ؛
وَطَنُ وَسائيجِ، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

١٧

سارَنگَ کي سارِينِ، ماڙهُو، مِرگهَ، مينهِيُون؛
آڙِيُون اَبَرَ آسِري، تاڙا تَنوارِينِ؛
سِپُون جي سَمُوندَ ۾، نَئِين سِجَ نِهارِينِ؛
پَلَرُ پِيارِينِ، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

## وائي

مُنهِنجي سَيَّدُ سارَ لَهندو، موُن کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
سَجدي پئي سُپرينءَ، زارِيوُن زورِ ڪَرِيندو؛
اُمَتَ ڪارَڻِ اَحمَدُ اُتِ، پِرمَلُ پاڪُ پِنَندو؛
صُورَ ڏَڪاءُ ڏِيندو، اَڪِيوُن سَپي سِجُ ڪَڍندو؛
ميڙُو ڏِيندو مومِنينِ، اُتِ مُحَمَّدؐ مِيرَ مَلَهندو؛
نفسَاً نفسِي سيَڪو ڪَري، داتا دَرِ ٻوڙَندو؛
مُهُتَ ڏِيندُسِ مَولو، اُتِ بَدِيوُن بَخشائِيندو.

# داستان ٻيو

١

سارَنگَ سائي سِٽَ، جَھِڙي لالِي لاڪَ جي؛
اِئَن سي اُڀُنِ اَنگِيا، جِئَن سي چُنيءَ چِٽَ؛
بِرسيو پاسي پِٽَ، پَرِيائين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

٢

پِري پِٽَ تي آئِيو، سارَنگُ سُھِجَ مَنجھان؛
ڪِڙيُون ڪَتَڙَ ھارَ جِئَن، وِچُون اُتَرَ واءِ؛
سُرَھا سَبِزا ٿِيا، دامَڻَ دِٻي ڪَيا؛
پَھِري پَٽَنِئَان، پَرِياِئين ڪُنَ ڪِراڙَ جا.

٣

پَرِياِئين ڪُنَ ڪِراڙَ جا، وُٺو وارِياسو؛
ڪُٽيتِيءَ ڪِنوَڻِ ڪَيو، چَڱو چؤماسو؛
ماڪاٽِيءَ تان موٽِيو، ڏيئِي پَٻَ پاسو؛
خالِقَ ڪَيو خاصو، چِيھو چُڪِيءَ ڪَنڌِيين.

٤

چِيھو چُڪِيءَ ڪُنڌِيين، ڪَيائِين ڳَڙنگَ تي ڳُلَ؛
ھَڏاڪُٽيان ھَليو، پَرِي تَرايُون تَلَ؛
آندائِين آبَ اُڇلَ، مَٿي باغَ بَھارَ ٿِي.

٥

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَلَ ڪَڍِيا بُرجَنِ سين؛
سازَ، سارَنگِيُون، سُرَندا، وَڄائي ٻَرُ چَنگَ؛
صُراحِيُون سارَنگَ، پِلِتِيُون راتِ پَڏامَ تي.

٦

مِينهان ۽ نِينهان، ٻَئي اَڪَرَ هيڪِڙي؛
جي وَسَڻَ جا ويسَ ڪَري، تہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪِيهان؛
بادَلُ ٿي بِيهان، جي آگَمَ اَچَڻَ جا ڪَرِين.

۷

ڪُٽِڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جھُڙُ پَسِيو جِھڄِنِ؛
وَرَ رِءَ وانڍِيُنِ اَڏِيا، پَڪا سي مَ پُسَنِ؛
اُتَرُ باهي اُنِ جا، تہ ڪَنهن کي ڪارُون ڪَنِ؛
وارِثُ وَري تَنِ، اَچي شالَ اولو ڪَري.

٨

ڪُٽِڪَنِ ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جھُڙُ پَسِيو جھُٽِڪَنِ؛
سُٽِيو رَڙِ رَعِدَ جي، ڪَلِيُون ٿِيُون ڪَنبُنِ؛
ڪَلِيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ، ويچارِيُون وَرَنِ ري.

## داستان ٽيون

١

ڳَنيرَ ڳَتِ سِڪَنِ، چِلَڻَ جي چاھَ پَئي؛
ھِندوا حَيرَتَ ۾ پيا، لالِي ڪَي لَبَنِ؛
چِمڪَنِ چوڏَس چَندَ جِئَن، وِڄڙِيُون وَھسَنِ؛
لوچَنِ تا، لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لاءِ پِرينَ؛
ڪَيسرَ قِريبَنِ، سَنباھي ساڻُ ڪَنيا.

٢

مندَ ٿي مَندَلَ مَندِيا، ڪَي اوھِيڙَنِ اوڪَ؛
چاچِرَ ٿِي چَنَنِ ۾، مينھِيُون چَرَنِ موڪَ؛
سَرَھِيون ٿِيُون سَنگھارِيُون، پُويو پائَنِ طَوقَ؛
ميھا، چِيڙَ، ڦَنگِيُون، جِتِ ٿِيَنِ سَيِيئي ٿوڪَ؛
لاھِئين مَتان لوڪَ، ڏولائي جا ڏِينھَڙا.

٣

مُندَ ٿي مَندَلَ مَندِيا، تاڙي ڪَي تَنوارَ؛
ھارِيُنِ ھَرَ سَنباھِيا، سَرَھا ٿِيا سَنگھارَ؛
اَڄُ مُنھِنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

٤

مُحِبَّ مُنھِنجا سُپرِين ! آڻيئِي اَللهُ؛
توکي سارِيو ساھُ، اُڪَنڊِيو آھُون ڪَري.

٥

آگَمَ ھيو اَچَنِ، سَچَڻَ سانوَڻَ مِينهَن جِئَن؛
پاسي تِنِ وَسَنِ، جي سَڀِ ڇَماندَرُ سِڪِيا.

٦

اُوچَڻَ گهُرِجي آجِڪو، جهُوپو سَهي نہ سِيُ؛
سُٽائِج سُوَڙَ کي، حالُ مُنهنِجو هِيُ؛
اَگَهڻَ آيو تِيُ، تہ ڍولِيا! ھَنهن ڏَنگِي تِيان.

٧

ھانڊَ! تُنهنجي پانڊَ ري، سَنجهي سيءَ مَران؛
ھامِلَ! ھَپاهُنَ ۾، پيئِي ٺارَ ٺَران؛
تارِيءَ تو تَران، جِئَن وَرُ وِهاٽِيءَ وارِئين.

٨

ھانڊَ! تُنهنجي پانڊَ ري، سيءَ مَران سَڀِ راتِ؛
ھامِلَ! ھَپاهُنِ ۾، جهَپِ نہ اچي جهاتِ؛
اَچِين جي پرِياتِ، تہ آئُون سِيُّ نہ سارِيان.

## داستان چوٿون

١

سَچَڻ سانوَڻ مِينهَن جِئَن، جهُڙِڪَنِ پاسي جهوڪَ؛
ڏِيندا پاهُ پِٽَنِ کي، مَنجهان مِينهَن موڪَ؛
لَسَ پِيارِينِ لوڪَ، آگَمَ ڪَيو اَکِيُنِ سين.

٢

واهُندان وِچُون ٿِيُون، ڪِڙِيُون ڏَنهن کَنِياتَ؛
ڪُنڊِيُون ڪاهي گَسِ ڪَريو، وَچُون ڪَريو واٽَ؛
سَنگهارَنِ سُکُ ٿِيو، لَٿِي اَجُ اُساٽَ؛
جهُڙُ ڦُڙُ ڏِيئي جهاتَ، پُسائِينديُون پٽيُون.

٣

سَچو صافُ نہ اُپِري، سَرِلي وِچان سِجُ؛
مُنهَن چِڙهيو ماڙهن کي، ڏِئي وِڏايُون وِجُ؛
هِنئَڙا! کَپُ مَ کِجُ، سِگها مِلَندءِ سُپِرين.

٤

ڍَٽِ ڍِري پَٽِ پيئِيُون، ٿِيا وَلهارَنِ وِيَ؛
سِجُ، چَندُ نہ پاڙِيان، سيڻَن جي شَبِيهَ؛
جي جانِي اَندِرِ جِيءَ، سي پِرين پيهي گهَرِ آئِيا.

٥

ڍَڳـِ ڍِري پَٽـِ پيئِيُون، وِڄُنِ ڪَيا ٽَرَمَ؛
واحِدَ وَڏائِي ڪَيا، ڪُنڍِنِ ساڻُ ڪَرَمَ؛
سَنگھارَنِ شَرمَ، رَکـِيُ مُنهنجا سُپِرين!

٦

موتِي مانداڻِ جِي، واري ڪَيائِين وارَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، چَوَڏِس ۾ چَوڌارِ،
ڪي اُتِي ويئِيُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَٽِيُون مَغرَبَ پارَ؛
ڪي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرقَندِيُنِ سارَ؛
ڪي رَمِي ويئِيُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندَارَ؛
ڪي دهلِيءَ، ڪي دَکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ؛
ڪَنهِين جُنبِي جيسَلمِيرَ تان، ڏنا بيڪانِير بَڪارَ؛
ڪَنهِين پُڄُ پِڄائِيو، ڪَنهِين ڍَٽـَ مَٿي ڍارَ؛
ڪَنهِين اَچِي اَمرَ ڪوٽـَ تان، وَسايا وَلَهارَ؛
سانئِيمَ! سَدائِين ڪَرِين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ؛
دوسَ! مِٺا دِلدارَ، عالَمُ سَڀِ آبادِ ڪَرِين.

٧

موتِي مانداڻِ جِي، جُڙِي ڪَيائِين جوڙَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڀَهِ ڀَهِ ڀَڏائُون ڀوڙَ؛
اَنَنِ جا عالَمَ ۾، لَکين ڦِيا ڪوڙَ؛
سارَنگَ لاٿي سوڙَ، ساندَهِ سُڪائو ٿِيو.

٨

حُڪُمُ ٿِيو بادلَ کي، تـ سارَنگَ ساڻَ ڪَڄَنِ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، تَهَ تَهَ مِينهَن ٿِمَنِ؛
جِنِ مَهانگو لَهِي ميڙيو، سي تا هَٽَۓ هٽَنِ؛
پَنجَنِ مَنجهان پَندِرهَن ٿِيا، اِئَن تا وَرق وَرَنِ؛
ڏُڪارِيا ڏيهَ منا، شالَ مُوذي سَپِجُ مَرَنِ؛
وَري وَڏي وَسَ جُون، ڪَيُون ڳالِهيُون ڳَنوارَنِ؛
سَيَّدُ چوي سَيِنِ، آهِ توهِ ٿنُهنجِي آسِرو.

٩

اَندَرِ جهُڙُ جهُورِ وَهي، پَهَرِ ڪَڪَرُ نـ ڪوءِ؛
وَسائِيندي وِڄُڙي، حُبَّ جنِين کي هوءِ؛
لالَنُ جنِين لوءِ، تن اوڪاٽِين نـ اَکيُون.

١٠

آگَمِجي آئِيُون، اُتَران ڪَري اُورِ؛
جي پِرين هُئَڙا ڏُورِ، سي مُون کي مِينهَن ميڙيا.

وائي

آئِي مُندَ مَلارَ، آئون کُهِنبا ڪَندِيَس ڪَپِڙا؛
وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا، اَجُ مُنهنجي يارَ؛
لارَ لائِيندي وَڄُڙا، پِنَڙَسِ پَنيا وارَ؛
پَکي آءُ پِرِين تُون، لَهُ مُنهنجِي سَيَّدُ! سارَ.

# سر آسا

## داستان پهريون

١

لوچان تِي لاحدَ ۾، هادِيءَ لَهان نہ حَدُّ؛
سُپيرِيان جي سُونهَن جو، نَڪو قَدُ نہ مَدُّ؛
هِتِ سِڪَڻُ بي عَدَدُّ، هُتِ پِرينءَ پَروا ناهِ ڪو.

٢

”آئُون“ سين اُنَ پارِ، ڪَڏهن تان ڪونہ پِيو؛
”اِنَّ اللّٰهَ وِترٌ يُحِبُّ الْوِتْر“، نيئِي ٻِيائِي ٻارِ؛
هيڪڙائِيءَ وَٽِ هارِ، هَنجُون جي هُئَڻَ جُون.

٣

ٻَنِ ! ٻِيائِي، سُپِرين ! پاٽان مُون ڪي پَلِ؛
”آئُون“ اوريان جهلِ، توکي رَسي ”تو“ ڏَٽِي.

٤

هُو پِڻُ ڪونهي هِنَ ري، هِيُ نہ هُنَهان ڌارَ؛
”اَلْاِنْسَانُ سِرِّيُ وَ اَنَا سِرُّہٗ“، پَروڙِج پَچارَ؛
ڪَندا وِيا تَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اَهڙِي.

٥

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نِمازَ؛
سَڀِ وِڃائي سازَ، تِهَان پوءِ تَڪبِيرَ چئُو.

٦

جان جان پَسِين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ؛
وِڃائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَئُو.

٧

نابُودِيءَ نيئِي، عَبُدَ کي اَعلیٰ ڪَيو؛
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ پِڻُ سيئِي؛
ڪَبِي اِتِ ڪيهي؟ ڳالِهه پِريان جي ڳُجَهه جِي.

٨

جن وِڃايو وُجُود کي، سي فانِي ٿِيا ”فِي اللّٰهَ“ ۾؛
نَ تِنِ قِيامُ نَ قُعُودُ ۾، نَ ڪو ڪَنِ سُجُودُ؛
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان گَڏِيا بُودُ کي.

# داستان ٻيو

١

اُپِرَنْدي ئِي سِڄ، پِرين جي نـ پَسَندِيُون؛
ڪَڍِي ٻيئِي ڏِڄ، اَکِڙيُون کـانگَنِ کي.

٢

نيرانا ئِي نيڻَ، نيئِي آڇِ پِرِيُنِ کي؛
سَتَرِ کاڏا کيڻَ، جـِ ڏِٺو مُنهُن مَحُبُوبَ جو.

٣

تِنِ نيڻَنِ کـي نيرانِ، جِنِ ساجُهرُ سيڻَ سانيِيتِيا؛
جِيءَ، جُسي ۽ جانِ، ڪـَرَ حُضُوري حَجُّ ڪـيو.

٤

اَکِيُون عَلَي الصَّباح، دوستُ ديکَڻَ آئِيُون؛
اُپِيندِيُون اَرداسَ ۾، ٻِي نـ کـَندِيُون کـاءِ؛
رَچَنديُون رِءَ پاهَ، پِرِچَنديُون پِرِينءَ سين.

٥

وَسَنِ ۽ وَهسَنِ، ڏيهاڙِي ڏِسَڻَ لَءِ؛
ڏِسِي ڏِسِي آئِيُون، توءِ تَلاشُون کـَنِ؛
ڍاپِيو نـ ڍاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرِينءَ جي.

٦

اَڪَڙيُون اَڪَڙيُنِ تي، ڏَمَرَ ڏوسَ ڪَرِينِ؛
جيلانهَ سِڪَڻُ سِڪِيُون، تيلانهَ دَعوىٰ مَنجِهہ دَڙِينِ؛
ڪِلَنِ ۽ ڪَرِينِ، رُسَنِ پِرّچَنِ پاڻَ ۾.

٧

اَڪِيُنِ ڪي آئُون، جان ڪِي جهُلُون پائِيان؛
لوڪُ لَتاڙي نِنڊَ ۾، ساڃَنُ سوتائُون؛
مُون ڪي مارِيائُون، پاڻَ پَرچِي آئِيُون.

٨

اَڪِيُنِ پَنهَنجِي مَتِ، پاڻَ سين پاٿَهِين ڪَئِي؛
اُتي وَڃِي لِڳِيُون، جِتي جانِ ڪَپَتِ؛
نَ ڪا ڳالِهہ نہ ڳَتِ، جِيَّ ڏِني رِءَ نہ جُڙي.

٩

اَڪَڙيُنِ آرو، مُونهان پُڇِي نہ ڪَيو؛
اُتي وَڃِي اَڙيُون، جِتي چَوَڻَ نہ چارو؛
هِينئَڙو ويچارو، واتُون جهَلِيو وِجهُلي.

١٠

اَڪِ اُلِتِي ڏارِ، وَنءُ اُلِتو عامَ سين؛
جي لَهِوارو لوڪُ وَهي، تُون اُوچو وَهُ اوپارِ؛
مَنجهان نُوچَ نِهارِ، پُرُ پُنِيرو پِرِينءَ ڏي.

١١

تان جي ٿِيَنِ سامُھان، پُٽِيرا سُونھَنِ؛
سَنئُون وَرائي سُپِرِين، مُنھُن جي مانڍي ڪَنِ؛
رَڳُون سَڀِ رَچَنِ، تَنَ ۾ تازائِي ٿِئي.

١٢

اَڪِيُون سي ئِي ڏارِ، جِنِ سان پَسِين پِرِينءَ کي؛
ٻِئي ڏانھن ڪِيمَ نِھارِ، گھَٽو رِيسارا سُپِرِين.

## داستان ٽيون

١

ديکُ مَ تُون سين تَنِ، هِـي جي مَجازِياٽِيُون مُنهَن ۾؛
ڪِينَ نـ سُڃاتو سُپِرين، نِهاري نيٽَنِ؛
پِرين سي پَسَنِ، ٻَئِي جنِين ٻُوتِيُون.

٢

مَجازِي مَ مَتِ ڪَرِ، پَنِيِيُون اِئَن نـ پيرِ؛
پُڄِي تِئين تـ پيرِ، هارِي! حَقِيقِيءَ جي.

٣

سَنِئين سُونهائي سَيَڪا، ڪا مُون مُنجهائي؛
طَلَبَ ۽ تَحُصِيلَ، اوِريان ئِي آهـي؛
مان تَنُ تِتِ لائي، جِتِ آهِ نـ ناهِ ڪا.

٤

جِتِ آهِ نـ ناهِ ڪا، اِيُ خاڪِيءَ جو خِيالُ؛
جانِبَ جو جَمالُ، پَسَٽان ئِي پَرِي ٿِيو.

٥

جان تَنُ ڪَيوءِ نـ تِيئَن، سوئيِريان ئِي سَنِهڙو؛
پِرين پائِيندا ڪِيئَن، توکي اَکَڙِيُنِ ۾؟

٦

اَکِيُنِ ۾ ٿِي ويهُ، تـ آئُون واري ڍَڪِيان؛
توکي ڏِسي نـ ڏيهُ، آئُون نـ پَسان ڪِي ٻِيو.

٧

ڪَرَ ڪي ڪَپُرُ ڪاءِ، نانگُ مَٽِيارو نِڪِرِي؛
اُپو جو اوناءِ، سُرِ پُرِ سَندِي سَچَٽِين.

٨

سَچَڻَ سَنئِيُون ڪَنِ، لوهان ليڪي وِنگِيُون؛
سَندِي سُپِرِينَ، پَرِ پَرُوڙَڻُ ڏاڪڙو.

٩

حوصِلو حَيرَتَ ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ؛
جو حُسُنَ سَندو حَقُّ، سو ڪُورُ پَرُوڙِي ڪِينَ ڪِي!

١٠

حوصِلو حَيرَتَ ۾، وَڃي ٿِيو ويڇُون؛
مُحَبَتَ جُون ميڇُون، ڪُورُ پَرُوڙِي ڪِينَ ڪِي.

١١

مُئي هاٿِيءَ تي مامِرو، اَچي ڪَيو اَنڌَنِ؛
مَنارِّيِنَ هَٿَنِ سين، اَڪِئين ڪِينَ پَسَنِ؛
”فِي الُحَقِيُقَتَ“ فِيل کي، سَچا سُڃاڻَنِ؛
سَندِي سَرُدارَنِ، بَصِيرَتَ بِينا ڪَري.

وائي

مُنهَن مَنجِهہ خَلِيلُ، اَندِر آذَرُ آهِئين.
سَڏَ مَ ڪَر صِحَّتَ جِي، اَجا تُون عَلِيلُ؛
نالو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُّ جَلِيلُ؛
مُنهَن ۾ مُسَلمانُ تُون، قَلْبُ تان قَلِيلُ؛
والِيءَ جي وِصالَ ۾، دوئِي ناهِ دَلِيلُ؛
اَلا! عَبْدُاللَّطِيفُ چَئي، سَچو رَڪائِجُ سِيلُ.

وائي

مَؤتَ مُندَ نہ آهي، تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا.
”عَجِّلُوا بِالتَّوبَةِ قَبْلَ الْمَوْتِ،“ ويهُ تُون ويرَمَ لائي؛
پِريان ڪارَڻِ پاڻَ کي، سِگهو ويهُ سَنباهي؛
اَجَلُ اَسارَنِ کي، ڪامَ وَٽِي ٿو ڪاهي؛
وِڏائِين وَيَڻَ لَءِ، ڳَنُ ڪُهاڙِيءَ پاهي؛
عِمارَتُون اَنڌَنِ جُون، ڍاهِيو ٿو ڍاهي؛
نِبا گهوٽَ گهَرَنِ ڏي، ڪَنهن وَڏِيءَ ويرَ وَناهي؛
اُتي، عَبْدُاللَّطِيفُ چَئي، بِنا ڪَفَنَ پَراهي.

## داستان چوٿون

١

مَحرُومَ تِي مَري وِيا، ماهِرَ تِي نـ مُئا؛
چِڙِيءَ جيئَن چُهنجَ هَٽِي، لَڏِيائُون لُئا؛
حُبابَ ئِي هُئا، اِنهِيءَ وادِيءَ وِچ ۾.

٢

اَسِين سِڪُون جن کي، اَسِين پُڻِ سيئِي؛
”لَمُ يَلِدُ وَلَمُ يُوۡلَدُ“، وَنءُ اوڏانهين پيهِي؛
تِهان مَنجهيئِي، پارِکَ! پَرکِج حَقَ کي.

٣

ڏِسَڻُ ڏِسِين جي، تـ هَمهَ کي حَقُّ چَئِين؛
شارِڪَ! شَڪُ مَ ني، اَنڌا! اِنهِيءَ ڳالهِ ۾.

٤

آڏو جو اِثباتِ کي، سو شِرڪُ لاهي شَڪُ؛
هُئِي جنهن ۾ حَقُّ، تنهن نَفِيءَ جِهو ناهِ ڪو.

٥

اِنَ پَر نـ اِيمانُ، جِئَن ڪَلِمي گو ڪوتائِيين؛
دَغا تُنهِنجي دِلِ ۾، شِرُڪ ۽ شَيطانُ؛
مُنهَن ۾ مُسَلمانُ، اَندِرَ آذَرُ آهِئين.

٦

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافرُ مَ ڪوٺاءِ؛
هِندُو هَڏِ نـ آهِئين، جَڙِيو تو نـ جُڳاءِ؛
تِلُڪُ تِنين کي لاءِ، سَچا جي شِرُڪَ سين.

٧

مُنهُن تـ آهيرِيان ئِي اَجِرو، قَلُبَ ۾ ڪارو؛
پَهَران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ ۾ هَچارو؛
اِنَ پَر ويچارو، ويجهو ناهِ وصالَ سين.

٨

تُون ڪا ڪانِي پاءِ، وَنِ ۾ وِصالَ جِي؛
دُوبِينائِي دُورِ ڪَري، مَعُرِفَتَ مَلهاءِ؛
سُپيرِيان جِي سُونهَن ۾، رُخنو ڪونَ رِهاءِ؛
اَڪِ اَشَهَد چاءِ، تـ مُسَلمانِي ماڻِئين.

٩

سُرمُون سِياهيءَ جو، رَنِ کي رِهاءِ؛
ڪانِي ڪارائِيءَ جي، مُڙسُ تي مَ پاءِ؛
اَکِيُنِ ۾ اَتِڪاءِ، لالائِي لالَن جي.

١٠

سُرمون سُرخِيءَ جو، جَڏهن پاتو جن؛
تَڏهن ڏِٺِي تن، رَوُنَق ريتي جَهِڙِي.

١١

سُرمون سُفيدِيءَ جو، جَڏهن وِڌو جن؛
تَڏهن ڏِٺي تن، اَچائِي عالَمَ ۾.

١٢

مُون تان لِڪائِي گَهٽو، روئَڻَ ڪِي روشَنُ؛
رَسِيو ريزالَن ڪي، مَنجهان زَردِيءَ ظَنُ؛
ويرِي مُون وَرَنُ، ڳالِهہ ڪَيائِين ڳُجهَہ جِي.

١٣

لَڪين سَئِين مَهَراڻَ، آتِي سَڀِ اُڌَمِيا؛
سَڙان مَنجهِين مانَ، پِهَرِ ٻاقَي نہ نِڪري.

١٤

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ کي، سُٽِي ڪَرِ سَنيالَ؛
وِچان جو وِصالَ، سو تان هُئَڻُ هِنَ جو.

١٥

”پاڻُ“ پَردو پاڻَ کي، طالِبَ! سُٽِج تُون؛
نَڪا هان نہ هُون، پَردا سَڀِ پاسي ٿِيا.

١٦

”مُون“ ”مُونهِين ۾ سَپَجي، مُون کي ”مُون“ ”جڳاءِ؛
مُونهين جي ساجاءِ، مُونهين مَنجهان ”مُون“ ”ٿِئي؛
اُنَهِين اِئن جڳاءِ، آن کي اِئن نہ چوَٽو.

١٧

گُندِي نِينھُنَ نہ سَپَجي، تُھَ نہ پَچِي ماھُ؛
ڪَچِيءَ پَرِ ڪِئاءُ، تِئي سَماجوڳُ سَچَٽِين؟

١٨

نَظَرُ نِزدِيڪونِ، سَھِي نہ سَگھانَ ساعَتَ سِيئَنِ؛
پَسَڻُ پَري سَندونِ، آئُونَ نالي ڳِيڙِي نِجھُرانَ.

١٩

مُونَ کي مُونَ پِرِيَنِ، ٻَڌِي وِڌو ٻارِ ۾؛
اُيا اِيئَنَ چَوَنِ، مَچُڻ پاندُ پُسائِيينَ.

٢٠

پِيو جو پاتارِ، سو ڪِئَنَ پُسَڻَ ڪانَ پالِھو رَھي؟
سالِڪَ! مُونَ سيڪارِ، ڪو پَھُ اِنَھِينَ پاندَ جو.

٢١

ڪَرِ طَرِيقَتَ تَڪِيو، شَرِيعَتَ سُڃاڻُ؛
ھِنئُونَ حَقِيقَتَ ھيرِ تُونَ، ماڳُ مَعرِفَتَ چاڻُ؛
ھوءِ ثابُوتِيءَ ساڻُ، تہ پُسٽانَ پالِھو رَھِينَ.

٢٢

ڪُوڙِي ڪِجِ مَ ڪَڌَھِينَ، قِڪِي يانئِجِ قانگَ؛
ساري سَناسِيُنِ جِئَنَ، لائِقَ! رَکِجِ لانگَ؛
تہ چارَئِي چِنُيءَ پاندَ، اوسا ڳِنھِي اُڪَرِين.

٢٣

سُتوئِي سيجَ گھرِين، جفا ڏِئين نہ جانِ؛
صُلِحَ رِيءَ سيٽانِ، مَتان نُونڌين نہ چڙهِين.

٢۴

صُلِحُ جِنِ سَجَڻَ سين، سيجَ ماڻِيندا سي؛
”اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَکَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ“، اِنَ پَر اُيا جي؛
نيئِي نُونڌين تي، ڏِکي چِتي چاڙهِيا.

٢۵

جي ٿِيا حَلُّ حَبِيبَ سين، سُمهڻُ تن ثَوابُ؛
نيڻَ هيرائي نِنڊَ سين، خوش ڪَيائُون خوابُ؛
اوسِيڙو عَذابُ، دِليان تَنِين دُورِ ٿِيو.

٢٦

تَنُ تَسبِيحَ، مَنُ مَڻِيو، دِلِ دَنبُورو جَنِ؛
تَندُون جي طَلَبَ جُون، وَحدَتَ سِرِ وَجَنِ؛
”وَحۡدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ“، اِهو راڳُ رَڳُنِ؛
سي سُتائِي جاڳَنِ، نِنڊَ عِبادَتَ اُنِ جي.

## وائي

ڪِي اُنهين مَنجهه آهي، هُو جي جهُونا پَسجَنِ جهُوپِڙا.

اِنَ دَرِ سيئِي اَگِهيا، جن کي ڪونَ چِتائي؛

ڏاريان پانئِنِ ڏارِيو، پاڻُ پِريان سين ڪائي؛

”اِنَّ اَوْلِيَائِيْ تَحْتَ قَبَائِيْ“، پَنهنجا پاڻَ پَهرائي؛

”لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ“، پَرَ کي ڪِينَ پَسائي؛

پَنهنجِي چَڏِي پَتَ ۾، رِڙِهه اُنِين جي رائي؛

خِدمَتَ ڪَرِ خَلْقَ سين، پاندُ پَڄِي ۾ پائي؛

اَديُون! عَبْدُاللَّطِيفُ چَئي، اِتاهين ڪِي آهي.

# سر رپ

## داستان پھريون

١

ڳُوندَرَ ڪَيو غرَقُ، ماءُ! مُنهِنجو چِندڙُو؛
ڏُکوِيُنِ مرَڪُ، مَتي سَڳَرَ پَنڌڙَو.

٢

ڳُوندَرَ ڳَڏِياسِ، صِحَتَ نِيڙَيَمِ سَڄَڻين؛
مادَرِ! مارِياسِ، ڦوڙائي پِرينءَ جي.

٣

ڳُوندَرَ هَڻَ نـَ پيرَ، وِرهُ مَنجِهينِ وَهَٽو؛
ڪڙِهِ ۾ قطارُون ڪَري، سُورَنِ لايا سيرَ؛
مُون جِئَن ڳهاري ڪيرَ، هيڪِلي رِءِ سَڄَڻين؟

٤

اُتي جِئَن مورَنِ، اوڀرَ وَلَهارَنِ ۾؛
سا پِرَ ڳُوندَرَ ڪَنِ، جـُ ڦوڙائو سَڄَڻين.

٥

ڳَرَنِ ۾ ڳِرَهيج، روئي ڪَجِ مَ پَڌرا؛
تان سُوراٽي سَهيجِ، جان لا هِيندَڙُ ڪو لَهِين.

٦

ڳُرَ ۾، ڳُجهو روءُ، پَڌَرِ وجهُہ مَ پِرينءَ ري؛
سُورَنِ سُيَرُ هوءُ، هِنئَڙا ! ڪُمَ ڪَنَنِ جِئَن.

٧

جاءِ نہ سَچو ڏِينهُن، هِنئَڙو اوتي وَڳَ جِئَن؛
مُون پِريان سين نِينهُن، چِنَڻَ ڪارَڻِ نہ ڪَيو.

٨

پَلَ پَلَ ۾ پَلِيانسِ، پَلُ نہ رَهي پِرينءَ ري؛
جِئَن جهوريءَ ڪان جَهلِيانسِ، جِهچِيو تِئَن جهوريءَ پَوي.

٩

ڪَڪَرَ مَنجِهہ ڪَپارَ، جهُڙُ نيٽَنئُون نہ لَهي؛
اَجُ مُنهنجي چِتَ ۾، اُتا پِرين اَپارَ؛
آءُ سَچِڻ ! لَهُ سارَ، وِرهَ ويڙهِي آهِيان.

١٠

مُون مَنجهيئي مِينهُن ڪوهُ ڪَرِينديَسِ ڪَڪَرين؟
سَرَلو سارو ڏِينهُن، مُون پِريان جو نہ لَهي.

١١

جُ سي سَنِيرِ جَنِ، سَ تَنين سين اوِريان؛
لُنؤ لُنؤ هيٺِ وَجَنِ، رَڳُون رَبابَنِ جِئَن.

١٢

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، ويٺين واڳِيو نہ رَهي؛
رَئيءَ لَتِجي نِتُ، هِنئَڙو واتَ وِرکَ جئَن.

١٣

چوري چوري چِتُ، جان نَئينءَ وِهاٽِيءَ نِکِران؛
نِينهُن گُهرائي نِتُ، پِريان سَندي پيرَ ۾.

١٤

چيتاِريان چِٽُکَن، وِساِريان نہ وِسِري؛
ويرو تارَ ڏُکَنِ، سَڄَڻَ پِگي هَڏَ جِئَن.

١٥

چيتاري چَونَدِياسِ، ڳاِلهيُون سَيوئي سَڄَٽين؛
جُ مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ سَڀِ وَڃَنِم وِسِري.

# داستان ٻيو

١

سَڄَڻَ سان نہ پيئَڻ، ڳُجهہ ڳَرهِيان ڪِنِ سين؛
ڳالِهيُون اِنهيءَ ريئَڻ، سَلا ٻَڌي موريُون.

٢

ڳالِهيُون پيئَڻ وَرَنِ ۾، وَڏي وَڻَ ٽيُون؛
پَرَ سين مُون نہ ڪَيُون، گوشي پِرين نہ ڳَڌِيا.

٣

گَونِي ۾ گُونِي، پِرين پَتائين گَجَ جِئَنِ؛
جي مَنَ مجُوني، سي ڪِئَنِ وَڃَنِ وِسرِي؟

٤

اَندَر اَندَريُون، جِئَن سي وانجهيءَ لَٺِ ۾؛
مُون تَنَ تيترِيُون، تہ "ڪِئَن مِلبو سَڄَڻين؟"

٥

جِئَن سي کُوهِيءَ نارَ، وَهَنِ واريءَ ڳاڏُئان؛
هِنئَڙو پِريان ڌارَ، نِبيريانسِ نہ نِبري.

٦

سَبَرُ سِيُّ پيو، نہ مُون سَوَڙِ، نہ گَبرو؛
نہ مُون ڪانڌُ، نہ قُوتُ ڪي، جوبَنُ وَهِي وِيو؛
تنِين حالُ ڪِهو، نِڌَرَ جنِين نِجُهرا؟

٧

اُتَرُ اوتُون ڏي، نـ مُون سَوَڙ نـ گَبرو؛
سِيُّ سارِينديُون سي، جنِين نِڏَر نـجُهرا؟

٨

اُتَرُ ڏِني اوتَ، نـ مُون سَوَڙ، نـ گَبرو؛
چارَئي چُنِيءَ پوتَ، مُون ريڙهِيندي راتِ گَئِي.

٩

نِينهُن نهائِينءَ جان، ڏَکِيو کوهُ نـ ڏکِئين؟
جرَ جيري جِڏي، تـ کِئن پچَندا ٿانءَ؟
سَندي کُنياران، کَنِ کَريجا ڳالهِڙي.

١٠

نِينهُن نِهائِينءَ جِئَن، ڏَکِيو کوهُ نـ ڏَکِئين؟
جرَ جيري جِڏي، تـ رَچَ پچَندا کِئَن؟
تُون پڻ کَريج تِئَن، جِئَن کنيارَکَرن کَمَ سين.

١١

نهائِينءَ کان نِينهُن، سِکُ مُنهِنجا سُپِرين!
سَڙي سارو ڏِينهُن، پَهَرِ باقَ نـ نِکري.

١٢

نيڻَ نِهائِين جان، سُتي لوکَ ڏَکِيان؛
اُجهامِيو پَران، توکي سارِيو سُپِرين!

١٣

ڪي جو ڪُنيارَنِ، مِٽيءَ پائي مَنِيو؛
تَنهن مان تِرَ جيترِي، جي پَئي خَبَرَ ڪرَنِ؛
هِي تان هُوندَ مرَنِ، هنِ اگَڙِ اوراتو ٿِئي!

# سر ڪاهوڙي

## داستان پهريون

١

ڪاهوڙِيُنِ خَفِّيءَ سين، سوجهي لَڌو سُبُحانُ؛
عاشِقَ اَهڙي اَڪَرين، لَنگِهيا لا مَڪانُ؛
هُوءِ ۾ گَڏِجي هُوءِ ٿِيا، بابُو جي بِريانُ؛
سَيوئِي سُبُحانُ، آيو نَظَرُ اُنَنِ جي.

٢

مُون سي ڏِٺا، ماءِ! جنِين ڏِٺو پِرينءَ کي؛
رَهِي اَچِجي رَاتوڙِي ، تن جُنگَنِ سَندِيءَ جاءِ؛
تنِين جِي ساجاءِ، تُرهو ٿِئي تارِ ۾.

٣

ويئُون پَبِ پَئِي، ڪيرُون ڪاهوڙِيُنِ جُون؛
آئُون تن ڏوٿِيُنِ جو، پُڄان پيرُ، پَهِي!
رُجِنِ راتِ رَهِي، ڏُونگَر جَنِين ڏورِيا.

٤

تُون هَڏِ ڪُهاڙِيا، سَنجهي سَعيو نہ ڪَرين؟
سَوارا سَندَ ڪَٽِي، ڪاهوڙِي وِيا؛
آٿِيندين ڪِيا، ڏُٿُ ڏوراٽي ڏيهَ جو؟

٥

ڏوٽِي سا ڏورين، جا جُوءِ سُئِي، نہ ڀُڏِي؛
پاسا مَٽي پاهَٽين، ڪاهوڙي ڪوڙِين؛
وِچا اُتِ ووڙِين، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

٦

پَڪُلِيا پُوٽَن، ڏَڙَ ڪي گَڏِيو ڏوڙِ ۾؛
ڳالِهيُون، ڳَهِلي لوڪَ سين، پَڌرِ پَئِي نہ ڪَن؛
ڪا مُلِ آهي تَن، مُون پِريان جي ڳالَهڙي.

٧

تان وَنئُن ويهِي آءُ، اگَڻ ڪاهوڙِيُن جي؛
جوشَ ڏِنائُون جِيءَ کي، لِڪائي لوڪاءُ؛
ڏوٽِيُن ڪنهن ڏُڪاءُ، سُمهِي سُک نہ ماڻيو.

٨

ڏُڌُ نہ ڪُتو ڏوٽِيين، جيڪِي ڏُڌُ ڪَرين؛
اُهِيا ٽِيُون عالَمَ جُون، اوريائِين آٽِين؛
تِهان پوءِ ڏسِين، پِريان سَندِي ڳالهِڙي.

٩

جي ڪو ڏُڌُ ڪَري، تہ ڏُونگَرَ ڏورَڻُ ڏاڪِڙو؛
ڇِپَرُ ڪِينَ ڏِئي، سُوڪِڙِيُون سُتَن کي!

١٠

مُون ڪاهوڙي لَڪيا، گھرين نہ گھارِينِ؛
واحِدَ لَڳِي وِلُهُنِ ۾، رويو جرُ هارِينِ؛
گُوندِرَ گُذارِينِ، جہ ڏوتِي ڏُٺَ گَڏُ ٿِيا.

١١

ڪاهوڙِيُنِ ڪَٽِي، ساجُهرُ ٻِڏا سَندِرا؛
ڏورِيندي ۾ ڏُونگرين، هَيائُون پاڻُ پَٽِي؛
ڏَڪَنِ ڏِيلُ هَٽِي، ڇيھُ لَڌائُون ڇِپَرين.

١٢

ڪَٽَنِ نہ هَيڪانَ، پَنڌَ پَراهين هَلِيا؛
ڏوتِيرا هَنهن ڏُٺَ ڪي، جُنبِيا ڏَنهُن جابانَ؛
ڪاهوڙِيُنِ اُهِيانَ، اَنگ نہ سَچِي اِگِڙي.

١٣

سُڪا مُنهَن سَندِنِ، پيرين پُراٽا ڪيتِڙا؛
سا جُوءِ ڏوري آئِيا، سُونهان جِتِ مُنجَهن؛
ڳُجها ڳُجھيُون ڪَنِ، تِهان پَراهين پَنڌَ جُون.

١٤

سُڪا سَندَ ڪَڇُنِ ۾، ڪَرڪَٽا پيرين؛
تِمَندي نيٽين، آن ڪي ڪاهوڙِي گَڏِيا؟

## داستان ٻيو

١

پِيوجن پَرو، گَنجي ڏُونگَر گامَ جو؛
چِڏي ڪيتُ ڪَرو، لوچي لاهوتِي ٿِيا.

٢

پيئِي جن پَرڪَ، گَنجي ڏُونگَر گامَ جي؛
واري سَڀُ وَرقَ، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

٣

پيئِي جنِين باسَ، گَنجي ڏُونگَر گامَ جِي؛
چِڏي سَڀِ لِباسَ، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

٤

ڪَهِڙو اَٿيئِي ڪامُ، گَنجي ڏُونگَر گامَ ۾؟
پَسِي تنهن پاهڻَ کي، اَچي نہ آرامُ؛
مَتان ڏُونگَرَ ڏورِئين، اُجِهين ڪُھُ عَوامُ؟
هَرا ڪَري حَرام، ڪامُ تہ ڪاهوڙِي ٿِئين.

٥

ڏيُھ ڏيهائِي ناهِ، جِتي پيرُ نہ پَڪِيان؛
تِتي ڪاهوڙِيان، وَرَ ڏيئِي وَڻَ چُونڊِيا.

٦

جِتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، تِتِ تِمڪي باهِڙِي؛
ٻِيو ٻارِيندو ڪيرُ، ڪاهوڙِڪِيءَ ڪيرَ ري؟

## داستان ٽيون

١

اَچي پِيا آتڻ ۾، واٽَ وِڃائِي جَن؛
اُوءِ بصِيرَ بَرَّنِ ۾، اَنڌا ٿِيو اُپَنِ؛
ڪَنَنِ آڏِيُون تاڙِيُون، گُنگَن جِئَن گُهمَنِ؛
فِراقِيءَ فرمان جو، آهي ٻَرُ ٻوڙَنِ؛
لَنگها ٿِيا لاهُوتَ ڪي، سُتا پِيا سِڪَنِ؛
ڪَپَتِ ڪاهوڙِيَنِ، آهَ اُٿِئي پئي نہ لَهي.

٢

ڏِسي ڏوري ڏُونگَرين، واٽَ وِڃائِي جَن؛
ڪُرَندان ڪي پَرُوڙِيو، رَندُ سي نہ رِڙهَنِ؛
ٻيئِي دارَ دِيُون ڪَيو، پيرَتِ تان نہ پُڇَنِ؛
ڏُوڙِپِريان لَءِ ڏارِ ڪَيو، ويچارا وِڄهَنِ؛
خَبَرَ ڪاهوڙِيَنِ، آهي لِڪَ لاهُوتَ جي.

٣

ڪُپيريءَ ۾ پيرُ، ڪَنهِين پاتو پيريين؛
جِيان مُنجهڙَ ماڙُهئين، سَچَڙَ تِيان ئي سيرُ؛
اُنَ پُون سَندو پيرُ، ڪوڙَنِ مَنجهان ڪو لَهي.

٤

سُونهَپَ ۾ سَپَ گهٽا، مُنجَهڙُ ماڪِي هوءِ؛
پَرو تَنهِين پوءِ، جو اُجهي پوءِ اُنِ تان.

٥

ڏوري ڏوري ڏيهَ، ماءِ! کاهوڙِي آئِيا؛
مَيَنِ پيرين کيهَ، ڪُهُ چاٽان ڪَنهن پارَ جِي.

٦

جَهنگَلِ هَلِيا، سي نہ ڀُلِيا، راهَ هَلِيا ڦُرجَنِ؛
اَوجَهڙِ سي نہ پَوَنِ، ڀيئِي جنِين ڇَڏِيُون.

٧

جَهنگَلُ آهيڙِيُنِ کي، پَنَڌُ ڪَيو رُوندو؛
نہ ڪُتا، نہ ڪوڙِڪُون، چَڙهِيو اُپو چُوندو؛
هَڏهِين نہ هُوندو، اِنهان پوءِ عالَمَ ۾.

٨

وَرُ سا سُڃِي ويڙه، جنهن ۾ سَڄَڻُ هيڪڙو؛
سو ماڳُ ئِي ڦيرِ، جِتي ڪوڙِ ڪُماڙُهئين.

٩

ڪارِي راتِ، اَچو ڏِينهُن، اِيُّ صِفتان نُور؛
جِتي پِرِينءَ حضُورُ، تِتي رَنگُ نہ رُوپُ ڪر.

١٠

ڏُونگَرين ڏِسِجَنِ، اَجُ پِڻُ رُيُون اُنِ جُون؛
ڏوتِيَڙا ڏُٺَہ کي، آراڙان اَچِنِ؛
خِيما کاهوڙِيَنِ، اَجُ نہ اُنهِين پيٽِيين.

١١

ڪاھوڙِي ڪَرا، سُوڌِي خَبَرَ پَڇِيا؛
سوجھي جن ڪَيا مَٿي اڱَڻِ آھِرا.

# سر بروو سنڌي

## داستان پهريون

١

چا کي وَڃيو چو، ٻيلي ٽٽئين ٻيَنِ جو؟
وَٺُ ڪَنجَڪَ ڪَريمَ جِي، جَڳَ جو والِي جو؛
سَؤِکو هُوندو سو، جنهن جو عِشُقُ اَللهَ سين.

٢

جِئَن ڪا ڪانِي ڪانهَن، لُسَندي لاتِيون ڪَري؛
اَچِي پَئي اوچِتِي، دَردَ پِريان جِي دانهَن؛
ويچَ ! ڏَنيِئين ڪُهُ ٻانهَن؟ سُورَهِنئين کي سامُهان.

٣

ڏَرَتِي دُونهَ جِئَن، سرَ پَر سُپيرِيُن ڏي؛
لِڳو آهِ، لَطِيفُ چئي، تَنُ پِريان ڏي تِئَن؛
حاصُلُ تِئي هِئَن، قَرينو قَريبَ جو.

٤

لِڳيءَ جو، لَطِيفُ چَئي، نڪو قال نه قِيلُ؛
لِکئي لامُون کوڙيُون، نيٽين وَهي نِيرُ؛
هِنئَڙا ! تِيُ سُڌِيرُ، ڪالهه قَرِيبَن لَڌيو.

٥

ڪي اوڏائِي ڏُورِ، ڪي ڏُورِ بہ اوڏا سُپِرين؛
ڪي سَنيِپرجَنِ نہ ڪَڏَهِين، ڪي نہ وِسرَنِ مُورِ؛
جِئَنِ مينهِن ڪُنڊِيءَ پُورِ، تِئَن دوستَ وَراڪو دِلِ سين.

٦

ڪوٺي ڪُتائُون، اَجُ پڻ اَکَڙيُن سين؛
ماسُ وِراهي هَليا، ڪَرنگَلُ چِڏِيائُون؛
”وَتَوَاصَوُا بِالْحَقِّ وَتَوَاصَوُا بِالصَّبْرِ“ اِئين اُتائُون؛
مُئِي مارِيائُون، ڪِلِي گهائِيو سَڄَڻين.

٧

ماڙهُو گهُرنِ مالُ، آئُون سَيِ ڏِينهَن گهران سُپِرين؛
دُنيا تَنهن دوستَ تان، فِدا ڪَريان فِي الحالُ؛
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پِسَڻُ تان پَري ٿِيو.

٨

ڪَڏَهِن طاقِيُون ڏِينِ، ڪَڏَهِن ڪُلَنِ دَرَ دوستَنِ جا؛
ڪَڏَهِن اَچان، اَچَڻُ نہ لَهان، ڪَڏَهِن ڪوٺِيو نِينِ؛
ڪَڏَهِن سِڪان سَڏَ ڪي، ڪَڏَهِن ڳُجهاندَرَ ڳَرهِين؛
اَهڙائِي آهِينِ، صاحِبَ مُنهنجا سُپِرين.

٩

صُورَتَ گهڻو سُهِڻا، تاڻا سَندَنِ تُوهَ؛
ريلو ڏِئي رُوحَ، جو ڪائي، سو ڪامِي مَري.

# داستان ٻيو

١

جانِبَ ! تُون جيڏو، آھِين شانَ شَعُورَ سين؛
مُون تي ڪَر، مُنھنجا پِرين ! توهُ تُسِي تيڏو؛
اِيُ ڪامِلَ ! ڪَمُ ڪيڏو؟ جِئَن نَوازِينم نِگاهَ سين.

٢

جانِبَ مُنھنجي جِيءَ ۾، تُنھنجي طَمَعَ پوءِ؛
وَٺُ ڪاتِي، وَڍِ آنگُڙا، اَدَبُ ڪَر مَ ڪوءِ؛
ڀانيان ڀالُ سَندوءِ، جي ساڄَنَ ! سَنئون نِھارِئين.

٣

جانِبَ ! اِيئَن نـ جڳُاءِ، جِيئَن مارِيو، موٽِيو نـ پڇِين؛
رَتيءَ رَتُ نـ سِنجُري، سِڪَ تُنھنجي ساءِ؛
اَسان تو ئِي لاءِ، پَر ۾ پُوچائُون ڪَيُون.

٤

جَڏھِن پَوي يادِ، صُحُبَتَ سُپيرِيُن جي؛
فَرِيادُون فَريادِ، ناگَهَ وَجَن نِڳِيو.

٥

ڪَڙو مَنجِھ ڪَڙي، جِيئَن لُهارَ لَپيٽِيو؛
مُنھِنجو جِيُ جَڙي، سُپيرِيان سوگھو ڪَيو.

٦

نازَ مَنجهاران نِڪرِي، جَڏهِن پرين ڪَرِي ٿو پَنڌُ؛
پُون پڻ "بِسمِ الله" چِئِي، راهَ چمُي تِي رَندُ؛
اُپِيُون گهٽي ادَبَ سين، حُورُون حَيُرتَ هَنڌُ؛
سائِينءَ جو سَوگَندُ، ساڃَنُ سَيَنِئان سُهٽو.

٧

فاني نِي فانِي، دُنيا دَمُ نہ هيڪِڙو؛
لَتِي لوڙهُ لَتُن سين، جوڙِيندَءِ، جانِي!
ڪوڏِر ۽ ڪانِي، آهي سِرِ سَيَڪَنهِين.

٨

اَڄُ پِڻُ اَنگِيمِ انگَ، هتان حَبيبَنِ جي؛
جا پَر سَوُنتِيءَ سَنگَ، سا پَر سُورَنِ سان ٿِئِي.

٩

اَڄُ پڻُ جُڙِيمِ جوڙَ، دوستُ پيهي دَرِ آئِيو؛
سُکَن اَچِي ڏُکَن کي، مُحُڪَمُ ڏِني موڙَ؛
جا پَر کَتِيءَ کوڙَ، سا پَرِ سُورَنِ سان ٿِئِي.

## داستان ٽيون

١

عِشقُ اَهڙي ذاتِ، جو مانجهي مُنجهائي مَيَنِ کي؛
ڏينهان ڏورڻُ ڏونگرين، روئَڻُ سَچِيائِي راتِ؛
اُتي ويٺي تاتِ، مِيانِ! مَحُبُوبَنِ جِي.

٢

يارُ سَڏائي سَيُڪو، جاني زِبانِي؛
آهي آسانِي، ڪَمَ پِئي ٿِي ڪَلَ پَوي.

٣

آدِمِيُنِ اِخلاصُ، مَٽائي ماٺو ڪَيو؛
هاڻِ ڪائي سَيُڪو، سَندو ماڙُهُوءَ ماسُ؛
دِلبَرَ! هِنَ دُنيا ۾، وَڃِي رَهندو واسُ؛
پِئي سَيِ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَدِلِ هُوندو هيڪِڙو.

٤

شُڪُرُ گَڏِياسُون، سِپِرِين! جِئَري، جانِي يارَ!
ويٺي جن جي وَٽِ ۾، ڪوڙين ٿِيا قرارَ؛
ڏَٺِيمَ! ڪَرِ مَ ڏار، پاڙو تَن پِرِيُنِ ڪان.

٥

ڪوڙي، ڪَڻُ مَ سُپِرِين! ڪَنيئِي تان ڪوڙِ؛
عادَتَ جا اَڪِيُن جِي، سا نيئِي نِباهِج توڙِ؛
مُون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ، تُون پاڻُ سُڃاڻِج، سُپِرِين!

٦

ڪِئان سِڪئين سُپِرين، ڪاسائِڪِي ڪارِ؟

تِکِي ڪاتِي هَٿِ ڪَري، مُنِيءَ سين مَ مارِ؛

چوري چاڪَ نِهارِ، سورَنِ سانگهيڙا ڪَيا.

# سر رامڪلي

## داستان پھريون

١

نُوري ۽ ناري، جوڳيڙا جَھانَ ۾؛
ٻَري جن ٻاري، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

٢

جوڳيڙا جَھانَ ۾، ھُئا مَنجِھ حَمامَ؛
آرامان اَرَڳُ ٿِيا، اوڏا نہ آرامَ؛
ڪَيائون قِيامَ، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

٣

وارو ! ويراڳِيُنِ ڪي، ويلَ مَ وِساريجِ؛
قَدَمُ ڪاپِڙِيُنِ جا، لِيلائي لَھيجِ؛
پِيرَتَ پَسِيو پَٽَ جي، وَڃَڻَ ڪي وِجيجِ؛
راتو ڏِينھَن رِڙھيجِ، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

٤

واچَٽَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏي وَٽُ؛
سونُ سَيوئِي سِڱِيُون، پَسِي ڪِينَ مَ ڪَٽُ؛
ويساھي ويلَ ڪَنھين، پُورَبِ ويندو پَٽُ؛
ھَلُ ! ڪَنيائُون ھَٽُ، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

٥

واڄَٽَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏو مالُ؛
مَقالان مَھَندِ ٿِيا، ڪونھي وَٽِنِ قالُ؛
حاصُلُ جنِين حالُ، آءٌ نہ جِئندِي اُنِ ري.

٦

جان ڪِي مُون ڪي ني، پَکِّھہ پائي پاڻَ ڏي؛
پَہَ پَرُوڙِيَمِ پَٽَ جا، مَنجھان ڪِينرَ ڪي؛
ھاٽي جي ھِنئي، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

٧

سَتُرُ سِڱِڙِيُنِ سين، لَحظي لاٽائُون؛
ڪِينرَ ڪُٽِي آھِيان، اُنِھن جي آئُون؛
مُون کي مارِيائُون، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

٨

ميڙيو ياڻُ پَريون ڪَيو، جوڳِي جَلائِينِ؛
سامِي سِڱِڙِيُنِ سين، خودِيءَ کي کائِينِ؛
ھُو جي تارِ تَڳائِينِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

٩

پَسِيو آسَڻَ اُنِ جا، اُدُوھا اَچَنِ؛
ڪِينرَ ڪاپَڙِيُنِ جا، صُبحَ تان نہ سُڄَنِ؛
جي رائي منجھ رَھَنِ، آءٌ نہ جِئَندِي اُنِ ري.

١٠

آسَڻَ وَٽِ آهُون ڪَريان، وَسِ نـ مُنهِنجي واٽُ؛
لِڱُمِ لاهُوتِيُنِ جو، ڪِينرَ مَنجهان ڪاٽُ؛
هَلَڻَ ڪي هَيهاتُ! آءُ نـ جِئَندِي اُنِ ري.

١١

وَتِنِ ويٺِي آهِيان، ڏِسيو ڪِينَ ڏِسانِ؛
جَنهِن جِهوئِي ناهِ ڪِي، سا ڪا سُونهَن سَندِيانِ؛
پَسيو ڪِينَ پَسانِ، آءُ نـ جِئَندِي اُنِ ري.

١٢

بابُو بِيڪارِي ٿِيا، اَڄُ نـ آسَڻَ وَٽِ؛
خودِي ڪانئِي هَليا، پِيرُ نـ لائي پَٽِ؛
"هَيءِ! هَيءِ!" جنِين هَٽِ، آءُ نـ جِئَندِي اُنِ ري.

١٣

بابُو بِيڪارِي ٿِيا، پَچِي چَڏِيائُون پاڻُ؛
نِسورُوئِي نِينهَن جو، نانگَنِ وَٽِ نِڌاڻُ؛
سِرڪَندُ جَنِين ساڻُ، آءُ نـ جِئَندِي اُنِ ري.

١٤

نانگا نانِيءَ هَليا، هِنگِلاجان هَلِي،
ديکِي تن دُوارِڪا، مَهيسِيُنِ مَلهِي؛
آڱَهُ جن عَلِي، آءُ نـ جِئَندِي اُنِ ري.

١٥

پاٺَهين ويـتا پاڻَ سين، پَر ۾ پَرياٽِينِ؛
سامِي سَفرِ هَلِيا، آسَڻُ اُجهائِينِ؛
رُخِصَتَ رُئارِينِ، آءٌ نہ جِيئَندِي اُنِ ري.

١٦

جُزو وِچايو جوڳِئين، ڪُلَّ سين آهينِ ڪَمُ؛
آسَڻُ جِنِ عَدَمُ، آءٌ نہ جِيئَندِي اُنِ ري.

وائي

سَندَڙيانِ سِگَڙي، ڳالهہ ڳُجهَڙي، مُونِ مارِيندي ڪَڌِهين.
جا وَچائِينِ جتَڙا، نہ تَنهِن نڙَ جَهِڙي؛
مُرلِيءَ کي جَنهِن ماتِ ڪَيو، نہ تَنهِن تَلِ تُنبَڙي؛
تارِيو جَنهِن توڌِيءَ کي، نہ سو گهندُ نہ گِهندَڙي؛
ڏارِيو جَنهِن ڏِياچَ کي، تَندُئان تَنهن تِکَڙي؛
نہ سِري، نہ سِندُ ڪا، نڪا هِندُ هَهِڙي؛
مِتائِيان مِتِي گهٽو، چَوندا جن چِکَڙي؛
وَنئُن اونائِي اُنَ کي، ويهُ مَ، کَڻُ وِکَڙي؛
بيخودِ بابُو سِي ٿِيا، پرُندي جن پُڌَڙي؛
جا ساراهيلَ سُبحانُ جِي، تَنهِن واکاڻُ ڪَهِڙي؟
سَهَسين سُرودَنِ کي، پاٽان پوءِ وِجهَندَڙي؛
گهانـدارَ مِرُون موهِيا، هِيءَ ماڙُهو مُهَندَڙي؛
اَديونِ ! عَبُدُاللَّطِيفُ چئي، هِيءَ مُئا جِيارِيندَڙي.

## داستان ٻيو

١

ڪَيَمِ ڪاپَڙِيُنِ جي، پَھرين ڏِينھن پَرُوڙَ؛
سَگها ساعَتَ نہ ھڪڙي، چارئي پَھرَ چُورَ؛
سدائين سيَّدُ چئي، ھونِ سناسي ۾ سُورَ؛
جوڳي ساڻَ ضَرُورَ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

٢

ويھي ويراڳِيُنِ جو ٻِئي ڏِينھن ٻُڌِم حالَ؛
اُنِ جا ڏاڳا ڏُوڙِ پَڪُلِيا، جاڳوتا زَوالَ؛
تن چاڙِي چِتائُون چِڏِيُون، چوتا چِڳِيءَ چالِ؛
ويچارا وُجودَ جِي، ڪَنھن سان ڪَنِ نہ ڳالِ؛
نانگا ٿِيا نِھالُ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

٣

ٽِئين ڏينھن ٽِمڪائينِ، دُونھِيُون دائِرَنِ ۾؛
ميِڙيو ڪَڙِجَ ڪاٿِيُون، جوڳِي جَلائِينِ؛
سَنڌِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون، آديسِيُنِ آھِينِ،
ڳُجهہ نہ ڳالهائِينِ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

۴

چوٿين ڏِينهن چَوگانَ ۾، ڪَنهن جَنهن پَه پِيا؛
وَهَمَ پِريان جي وَڊِيا، تن ۾ ڪُوڙَ ڪِها؟
اندَرِ آديسِيُنِ ڪي، اَچَنِ جوشَ جِها؛
سامِي سونُ ٿِيا، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

۵

ڪَنهن جَنهن پُورَ پَڄائِيا، پَنجين ڏِينهن پَئِي؛
اَندَرِ آديسِيُنِ ڪي، سُورَنِ شاخَ ڪَئِي؛
مُحَبَتَ جي ميدان ۾، لاشَڪُ پِيا لَهِي؛
تن ڪي ساري راتِ، سيَّدُ چئي، گُوندَرَ ساڙُ گَئِي؛
ڪَريو سيڻَ سهي، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

٦

پِيا ڪَنهِن پَرياڻَ ۾، ڇَهين ڏِينهن ڇَٽِي؛
اَندَرِ آديسِيُن ڪي، ڏُريان ئِي ڏٽِي؛
ٻَرِي ٻاجهارا ڪَيا، ڪانئِي خاڪَ ڪٽِي؛
پِنيو پَنجَ ڪَٽِي، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

٧

سَتين ڏِينهن، سَيَّدُ چئي، ڏاچا ڏوتائُون؛
اُڀِي اَلَکَ سامهُون، پانهُون پَڏائون؛
وَڏِيءَ ڪَنهن وِلاتِ جا، اُهُجَ آندائُون؛
رُوحُ پَنهنجو رامَ سين، پَر ۾ پُوتائُون؛
ڪَٽِيو ڪِدائُون، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.

٨

اَٺين ڏِينهن، اُڀِي وِيا، جوڳِي جاءِ بَجاءِ؛
سا پَر سامِي سکيا، جا پَر جوڳِي جُڳاءِ؛
ويروتارَ وُجودَ ۾، اُنِ کي رامُ رَهيوئِي آهِ؛
ڪَنهن جَنهن ڪمائِي لاءِ، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.

٩

نائين ڏِينهن نيٽانِ، اوجاڳِي اُجارِيا؛
سَباجهي باجهَ ڪَئِي، سُڃاڻي سيٽانِ؛
جِتي نَظَرُ ناٿَ جو، اُتي اوتارانِ؛
اِهي اُهُياٽانِ، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.

١٠

ڏَهين ڏِينهن ڏِکَ ڏِيا، پِرينءَ پاڀوهِيا، پَسُ؛
وَرقَ جي وِصالَ جا، سي واري ڪيائُون وَسُ؛
لَڏائُون، لَطِيفُ چئي، سَندو گُروءَ گَسُ؛
جوڳِيُنِ ڪَٽِيو جَسُ، لِڪا پُٽَن لوڪَ ۾.

١١

وَريو ويراڳِيُنِ جو، ڪارِهين ڏِينهن ڪَرَمُ؛
جوڳِيُنِ جاتائُون پُنِيُون، هَلِي وِيا حَرَمُ؛
دائِمُ جهَلِيو دَمُ، لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

١٢

مَنَ مُرادون پُنِيُون، پارِهين ڏِينهن پَئِي؛
جوڳِي اِنَ جاتا ڪي، تي سِڪِيا سَيِيئِي؛
سَمانا سيئِي، جي گُرَ گَڏِجي آئِيا.

## داستان ٽيون

١

سَدائِين سَفَرَ ۾، رَمَڻ مٿي راهَ؛
پُرَبِ پُورَبَ پَنڌَ ڏي، مَنجِهه موالِي ماهَ؛
جِنِ اَلَڪَ سين آگاهَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تِنِ جا.

٢

نِڪِرُ ناهِ ڪُلهي ڪَري، هو مَ هُوندَنِ جِيئَنِ؛
لاهُوتِي، لَطِيفُ چئي، هُونِ نہ آديسِي اِيئَنِ؛
سي ڪاپِڙي ڪِيئَنِ، جي ڌارين تَعَلُقُ تِرَ جيتِرو؟

٣

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپِڙي، ڪَنوٽِيا ڪَنَ چِيرَ؛
سَدا وِهَنِ سامُهان، عاشِقَ اُتَرَ هِيرَ؛
تَسا ڏِيئِي تَنَ کي، ساڙِيائُون سَرِيرَ؛
جي فَنا ٿِيا فقِيرَ، هَلو! تَڪِيا پَسُون تِنِ جا.

٤

سامِي ڪامِي پرينءَ لَءِ، ڪُسِي ٿِيا ڪَبابُ؛
جَهِڙو ڏِسَن ڏوهَ کي، تَهِڙو تِنِ ثَوابُ؛
اوتِين اِرتي گاڏُئون، مَنجهان اڪِيُنِ آبُ؛
سَندو ذاتِ جوابُ، تُون ڪِئَن پُڇِين تِنِ کي؟

٥

سامِيُنِ سِڳَّ ڪُلَهَنِ تي، سَنڱُ مِڙوئِي سُورُ؛
ڪَهَندا وِيا ڪابُلَ ڏي، ڪو جو پيرَّنِ پُورُ؛
مَڙهِيءَ جو مَذڪُورُ، ڪالَھ ڪَندا وِيا ڪاپڙِي.

٦

سامِي! مَڙهِي سَندِياءِ، سامُهِين مون سيلَھ تِي؛
سا تان ڪُھُ اَڏياءِ، جان نانگا وَڃِين نِڪِرِي؟

## داستان چوٿون

١

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڱَ سَيِيئي ڇِنُ؛
وڃِي دَرِ دوسَتَنِ جي، نانگا ! ڪِيمَ نِنُ؛
پَٽِ ٽِنِين جي پِنُ، جِنِ ٻُجِهي نہ ٻُجهيو.

٢

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ سَڱَ سَيِيئِي ٽوڙِ؛
جي ڇاوا نہ ڇاپَندا، جِيُّ ٽنِين سي جوڙِ؛
تہ ٽُون پَهُچِين ٽوڙِ، مُحَبَّتَ جي مَيدانَ ۾.

٣

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ مَنُ پُوري، منجهہ مارِ؛
دائِمُ دُونهِين دِلِ ۾، مَنَ سين مالِها وارِ؛
سَهُ سَيَڪا آرِ، آگي جي اَدَبَ سين.

٤

جي پانئِين جوڳِي ٿِيان، تہ ڪِين پيالو پِيُّ؛
ناهِ نِهاري هَٿِ ڪَري، "آءُ" سين اُتِ نہ پِيُّ؛
تہ سَندو وَحُدَتَ وِيُّ، طالِبَ ! ٽوڙان مائـِئين.

٥

جي پانئِين جوڳي ٿِيان، تہ مُنهَن ۾ مُندا پاءِ؛
ڪَنين ڪِينَ وِچائِيو، جِنِ ۾ ڪوڙين ڪَڪَرِ وڌاءِ؛
ڇَڏِ چادرَ، ڀَڏُ چَمِڙا، جُتِي تو نہ جُڳاءِ؛
تہ سامِيڙا ! سَندِياءِ، گُرَ وَٽِ گِلا نہ ٿِئي.

٦

جوڳِيُنِ جوڳُ جُڳاءِ، جوڳُ پِڙُ سُونهي جوڳِيين؛
جوڳِيُنِ سَندِي جانِ ۾، گُجھہ گُجھاندرُ آهِ؛
هاءِ! مُونهِين ڪي واءِ! جا آءٌ جوڳُ نہ سِکي.

٧

جوڳَ نہ جوڳو تُون، ڪَرين پَچارُون جوڳَ جُون؛
هِڪِڙو پَندُ پِريُنِ جو، ٻِي تُنهنجِي پُون؛
سامِي سيٽَنِ ڏُون، رُئَندا ئِي رَتُ وِيا.

٨

جوڳِي هُونِ نہ جِئَرا، پائي جوڳُ مَ جِيُّ؛
هارِيا ! هِنِ ڪَنَنِ سين، سُڻُ سَنِيهو اِيُّ:
”وِچائي وُجُودَ کي، پاڻان پاسي ٿِيُّ“؛
هَڏهِين ڪونهي هِيُّ، اَسارا ! ”آءٌ“ چَوِين !

٩

جان ڪي جوڳِي تِيُّ، نا تہ نِرجا ! وَنئُن نِڪِري؛
ڪوهُ تو ڪَنَ ڪَپائِين، جان نہ سَهِين سِيُّ؟
پَجُ ! پَراهُون تِيُّ، مَتان پِيا لَڄائِيين.

١٠

جوڳِي تِيَنِ نہ يارَ، ڪَنهِين سين قَرِيبُ تِي؛
مان مُلاقِي اُنِ سين، جَنِ پُورَبَ جي پَچارَ؛
اَٺَئِي پَهَرَ اُنِ جِي،آهِ نانِيءَ ڏانهَن نِهارَ؛
لائِي وِيا لَطِيفُ چئِي، اَندَرَ مَنجهه اَپارَ؛
سامِيُنِ ساڻُ، سَتارَ ! لاهُوتِي لالُ تِيان.

١١

گولا جي گِراهَ جا، جُوٺا سي جوڳِي؛
قِٽَلَ سي قوڳِي، جِنِ شِڪَمَ سانِديا.

١٢

ڪَنَ ڪورائي، ڪاپِڙِي، جِندا ! تِيُّ مَ جوءِ؛
سِرَ سِپاهِيُنِ وِڪيا، سو ڪِ نہ، سامِي ! سوءِ؛
جيڪِي پُڇِين، پُڇُ سو، گُنگا نِيَنِ نہ گوءِ؛
وَڃُ لاهُوتِي لوءِ، عِجزَ ڪي آجو ڪَري.

١٣

نِسوروئِي نِينهَن جو دِلِ ۾ دُود دُکاءِ؛
آٽي آڳِ عِشقَ جِي، ٻاري جانِ جَلاءِ؛
جِندا ! اِيئَن جِڳاءِ، جِئَن آتَشان آبُ تِئي.

١۴

هُو جي ڪَنَ ڪَپارَ جا، سُوڌو سو نہ سُٽِينِ؛
اَندَرِ جي آهِينِ، سُڻُ سَنِيهو اُنِ سين.

## داستان پنجون

١

مُونا طُور سِينا، سَندا سَنياسِيُنِ؛
پُورَبِ ڪَنيو نہ پاڻَ سين، بُودُ بيراڳِيُنِ؛
رِدا آهي رازَ جِي، اَوچِتُ آديسِيُنِ؛
قُربُ ڪاپڙِيُنِ، نَهَن چوٽِيءَ سِيئَن ڏِٺيو.

٢

مُونا جن مِحرابُ، جُسو جامِعَ تِن جو؛
قِبلِي نُماءُ قَلْبُ ڪري، تَنَ کي ڪَيائُون طَوافُ؛
تَحْقِيقَ جِي تَڪبِيرَ چئِي، جِسمان ڪَيائون جوابُ؛
تِن ڪَهِڙو ڏوهُ حِسابُ، جن هِنئَڙي هادِي حَلُ ٿِيو.

٣

مُنهُن مِحرابُ پِرينءَ جو، جامِعَ سَيِءَ جَهانُ؛
فَرَهِيءَ تان فُرقان جِي، ڪاتِيائون قُرآنُ؛
اُڏامِي اُتِ وِيو، عَقُلُ ۽ عِرفانُ؛
سَيوئِي سُبحانُ، ڪاڏي وڃِي نِيتِيان.

٤

مَنجهہ مُحَبَتَ مَچُ، ٻهَر ڏُوڌا ڏوڙ سين؛
ڇَڏِيائُون ڇِرَ لَهِي، ڪُوڙُ، ڪُلڪُڻُ، ڪَچُ؛
اَوِڳُڻَ اوڏا نہ ٿِيا، ڳُڻُ ڪَيائُون ڳَچُ؛
جِئَن سَڙَنِ، تِئَن سَچُ، جِئَن سَڙَنِ، تِئَن سَنَرا.

٥

ڪيهي ڪامَ ڪاپڙِي، ٿا اَهڙِي رَوَشِ رَوَنِ؟
نڪا دِلِ دوزَخَ ڏي، نڪِي بِهشتَ گهُرَنِ؛
نَڪو ڪَمُ ڪُفارَ سين، نَڪا مُسلمانِي مَنِ؛
اُيا اِيئَن چوَنِ، تہ پرين ڪَجو پانهِنجو.

٦

نا اُميدي آجِڪو، اَوچَڙُ آديسِيَنِ؛
سَدا سُکِ وَسَنِ، طالبَ اوءِ تقدِير جا.

٧

نا اُميدي آجِڪو، اَوچَڙُ آديسِيُنِ؛
ڪَڏِهين تازِيءَ پُٺِ تي، ڪَڏِهين هيٺ هلَنِ؛
سامِيڙا سَمُوندَ ۾، تنبي جِئَن ترَنِ؛
جي واڳوءَ واتِ وِجَنِ، تہ ڪُسَنِ، ڪُڇَنِ ڪِينَ ڪِي.

٨

لالَ ڪي لالُ ٿِيا، لالُ لَنگِهيو جَنِ؛
عَدَمَ جي اوڙاهَ تي، ڪَيا آسَڻُ آدوتِيَنِ؛
گَردانِيو گُنگَنِ، گِردابَ کي گِيانَ سين.

٩

وِلهُون، ويلا، واءَ، جوڳِيُنِ جهَلِيا جانِ ۾؛
اَجهو رِءَ اَللهُ، ڪونهي ڪاپڙِيُنِ جو.

١٠

نا مُرادِي نِڄهُرو، عَدَمُ اوتارونِ؛
رَضا راڄُ سَندونِ، مُورُ نہ مَڱَڻِ ڪِي پِيو.

# داستان ڇهون

١

ڪَنهِن جنهِن ڪُتا ڪاتَ، جِئَن سامِي مُورُ نہ سَنرا؛
ڏِينهان ڏکِي ڏِيلَ ۾، سُورُ سَچائِي راتِ؛
سَندي جوڳِيان ذاتِ، جِيجان! هوءِ جَڏائِڙي.

٢

رُوح ۾ رَهِيُنِ رامُ، پَهرِ پولِينِ ڪِي پيو؛
پِيالو پُرُ ڪري، جوپَ پِيتائُون جامُ؛
تِهان پوءِ تَمامُ، تن تَڪيا تاڪي چَڏيا.

٣

مَتّا مُوءِ تِيانِ، سَدا سُوئِيتا ڪاپڙِي؛
ڪوني ڪَنهِن نہ پُڇِيا، ڪي اَندَرِ اَندوهِيانِ؛
جيڪا چَمارانِ، سا مَنجِه گُوندَرَ گُذرِي.

٤

ويٺي جَنهِين وَرهَ تِيا، مَتّي سين ميري؛
اَکِيون جَنهِن جُون اَلَکَ ڏي، پُون ڏي نہ پيري؛
ڪاراٽِيان ڪَڪا تِيا، چِراتِيا چيري؛
لُڙِڪَ لال لَطِيفُ چئي، ڪنبي ۽ ڪيري؛
نِينهُن نہ نِبيري، سُورَ چَرندي سَنَرو.

٥

نانگَنِ ڪِينَ نَمايو، ناٿُ نَمايو نِينهَنَ؛
مَڙهِنِ اُتا مِينهَنَ، جوڳِيان سَندِيءَ ذاتِ ڪي.

٦

نَڪِي نَمَنِ ناٿَ ڪي، ناٿُ نـہ نَمائِينِ؛
جاتا ڪَنِ نـہ جوڳَ ڪي، جوڳُ نـہ جُهارِينِ؛
آديسِي آٿِينِ، اُهيائِيُون اَلماسَ جُون.

٧

هَرَ هَرَ ڪَنِ اُميسَ، ڏُونِ ڏِهاڙِي ڏوتِيا؛
جنِ نـہ مارِي ميسَ، ناٿُ نـہ نَمي تن ڪي.

٨

گُهندِنِ پاسي گُهنڊَ، گَڏُ گُڏارِينِ گودڙِيا؛
پَليتِيءَ ڪانِ پانهِنجا، پاڪُ رَکِيائون پِنڊَ؛
نانگا ڪَنِ نـہ نِنڊَ، وَجَنِ رُوندا رامَ ڏي.

٩

تَهڙا ڪَڙَجَ ڪَڪِرا، جَهڙا جائُنِ قُلَ؛
تِنِ سامِيُنِ جي سڌ مَران، جِن جي گودڙِيُنِ ۾ گُلَ؛
اندَرِ مُلان مُلَ، پِهَرِ ڪوجها ڪاپڙِي.

١١

يادِ ڪُرُو ڪَنِ گودڙِيا، پَرِ بازارِ بِيٺا؛
پَڙهَنِ سُورَ سُبحانَ جِي، پِيَنِ تَنهِن پِيٺا؛
جيلانَ مُنهَن مِيٺا، تيلانَ نَشا چاڙِهيائُون نِينهَن جا.

# داستان ستون

١

قُوتَ ڪَڙايا ڪاپَڙي، طعامَ نہ طاماعُو؛
سَيِنَ هَنياءُون سُڄَ ۾، پَهرَ نہ پيناءُو؛
اَوسَرَ آسائُو، اُتِي گُوندَرَ گَڏِيا.

٢

پِنَنِ ڪِينَ پَٽُ ڪَٽِي، گُهرَنِ ڪِينَ گَهران؛
مَهيسِي مخلوقَ جي، اُپِيَنِ دُور دَران؛
پُڇَنِ ڪوهُ شَرعان، جہُ اَندرِ عَدالَتَ اُنِ جي؟

٣

پِنَنِ جو پَٽُ ڪَٽِي، سو جي سُڃاڻَنِ؛
تہ بَرَ ۾ بِيکَ لَهَنِ، پَهرَ نہ پِنَنِ ڪاپَڙي.

٤

اَسُڪَ جِن اَويرَ، سي سانجهيءَ رَهَنِ سُمهِي؛
لاهُوتِي لَطِيفُ چئي، آڏي ڏينَ اُليرَ؛
سُتو لوڪُ پَسي پِيا، سامي متِي سَيرَ؛
ڪيڏانهُن ڪندا پيرَ؟ مِڙوئي متو ٿيو.

٥

وِچِينءَ ويتا رَهَنِ، سانجِهيءَ رَهَنِ سُمهِي؛
بُکَ مَرندي بِکِيا، ڪَنهِن ڪان ڪَينَ گهُرَنِ؛
پيٽَ نہ ھيرِيائُون پانھِنجا، چوري ساڻُ چَسَنِ؛
ڦَڪِي فقِيرَنِ، ماڳيان پِنِي ماٺِ جِي.

٦

ڪَشي ساڻُ ڪَشَنِ، ڏِيلَ ڪَيائون ڏُبِرا؛
پيٽَ نہ ھيرِيائُون پانھِنجا، چوري ساڻُ چَسَنِ؛
اهِڙيءَ راهَ رَسَنِ، ڪاپِڙي ڪابُولَ ڪي.

٧

آديسِي آديسُ، هِتان ڪَري هَلِيا؛
ڪاپَڙِيُنِ قَلْبَ ۾، ڪَيو ڏُوراٽو ڏيسُ؛
ويراڳِي نئون ويسُ، راوَلَ يڪي رَميا.

٨

آديسِيُنِ اَدَبُ، آهي اَکَڙِيُنِ ۾؛
تَنِ جو حَسَبُ نَسَبُ ناهِ ڪي، نہ اَما نہ اَبُ؛
سامِيُنِ کي سَيين پرين، رُوحَ ۾ رَهيو ربُ؛
رِءَ لانگوٽِيءَ لَبُ، پاڇِي ڪَنِ نہ پاڙَ سين.

٩

لُنگُ ھَڏيائون لانگَ، موتِي ھَنِ نہ مَسَحُو؛
جا اِسلامان اَڳي ھُئِي، سا سُئائُون ٻانگَ؛
سامِي چَڏي سانگَ، گَڏِيا گورَکناٿَ کي.

١٠

پُوڇا ھارِ مَ پاڻَ کي، کوءِ راوَلَ! ٻَنِ رُجاتُ؛
لِباسانِ لَطِيفُ چئي، پَلِ ويراڳِي! واتُ؛
مَنُ ماري ھرِ ماتُ، تہ تِيرٿَ پَسِين تَھِيو.

١١

پُوڇا ھارِ مَ پاڻَ کي، جوڳِي! رَکِج جوڳُ؛
خَلِقَ خادِمُ جِئَن ھَرين، اِيُ راوَلَ! وڏو روڳُ؛
ڀِڳَنِ ھونهي ڀوڳُ، نانگا وَڃَنِ نِڳِّيا.

## داستان اٺون

١

رَهيا اَڌيئي راتِ، صُبُحَ ويندءِ صابري؛
لُنءَ لُنءَ منجهہ، لَطيفُ چئي، ڪَر تنين جي تاتِ؛
سَندي جوڳيانِ ذاتِ، ٻِئي ڀيري مَس مِڙي.

٢

تان ڪِي ساٽَنِ اور، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾؛
ڏَه ڏَه ڀيرا ڏِينهَن ۾، پاڻُ مَٽائُنِ گهورِ؛
وِيا جي هِنگلور، تہ ڪَرَمِ مِلَندءِ ڪاپڙي.

٣

تان ڪِي وَتَنِ ويهُ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾؛
سامِي سَفَرِ هَلِيا، ڏُور چِتائي ڏيهُ؛
چِڏي سُکُ ساڙيهُ، مٿي گَنگا گجِيا.

٤

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، جاڳَرُ جوڳِيڙَنِ جو؛
ساري سَناسِيُنِ کي، رُئَندين تان رو؛
پَسُ! پارِيان تو، لاهُوتي لڏي وِيا.

٥

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارِينِ؛
آديسِي اُتِي وِيا، مَڙهِيُون مُون مارِينِ؛
جي جِيَّ کي جِيارِينِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

٦

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، سنڌي جوڳِيُنِ جوڙَ؛
ساري سَناسِيُنِ کي، ڪامِي تِيَسِ ڪوڙَ؛
مَنَ جَنِينَ سِينَ موڙَ، سي لاهُوتِي لڏي وِيا.

٧

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، ڪَرِڳَلِ ڪِينَ رُوئَنِ؛
نہ اُهي آديسِي اَسُڪا، جَنِ سِينَ مَڙهِيُون سُونهَنِ؛
مَڙُهُ پُورِيائُون ماڻِ تي، واڄَٽَ ڪِينَ وَڄَنِ؛
وِيا نانگا سي نِڪِري، پِهَرَ نہ پُورِبِيَنِ؛
سارِيو سَناسِيُنِ کي، اولاڪا اَچِنِ؛
لاڃَئُون لاهُوتِيَنِ، جوڙِي ڏِنيُون جِيَّ کي.

٨

اَجُ نہ اوطاقُنِ ۾، دُونهِينِ، ڏُنڏُ، نہ لاٽَ؛
وِيا ويراڳِي، نِڪِري، چِتَ چَڪائي چاٽَ؛
آءُ مارِيَسِ تَنهِينِ ماٽَ، جِيجان! جوڳِيڙَنِ جي.

٩

جِياسُون جوڙَ ٽِي، جوڳِيءَ لاٽو جارُ؛
سندو پُورَبَ پارُ، آچِياٸِين اَندَن کي.

١٠

ھيءَ! جي ھُئا ھِتِ، تہ مَتِن ھُوندَ حَقُّ ٿِيو؛
مَٽِيُون، مُورَتَ، مَتِ، مانَ وِسرِيُون ڪِي لَهان.

# داستان نائون

١

بُکَ وِڏائُون بُکِريين، جوڳِي کَندا جُڃَ؛
طَلَبَ نَ رَکَنِ طعامَ جِي، اوتِيو پِيَنِ اُڃَ؛
لاھُوتِيُنِ، لَطِيفُ چئي، مَنُ ماري کيو مُڃَ؛
سامِي جهاڳِي سُڃَ، وَسَنئُن کي ويجها ٿِيا.

٢

نَ گِندا نَ گَبَرِي، نَ لانگوٽِي لِڪَ؛
جيڏَنهِن پَرِينِ وِکَ، تيڏَنهِن صاحِبُ سامهُون.

٣

کپي کاچوٽِي، نانگَنِ بَڌِي نِينهَن جِي؛
جَهِڙا آيا جَڳَ ۾، تَهِڙا وِيا موٽِي؛
اُنِينَ جِي چوٽِي، پُورَبِ ٿِيندِي پَڌِرِي.

٤

جِئَن ٿا پُڇَنِ اَنَّ کي، تِئَن جي پُڇَنِ پَنڌُ؛
تَ رِڙهِي لَڏائُون رَندُ، لَٿِيَنِ لُڪَ لَطِيفُ چَئَي.

٥

جا بَرادَ بُتَنِ جِي، سا اُڃَ بُکَ آديسيَنِ؛
روزا رِندَ رَکنِ، عيدَ نَ اوڏا کاپَڙِي.

٦

جَنهن سَناسِيءَ سانڊِيو، گَنڊي ۾ گِراھُ؛
اُنهِيءَ ڪان اللهُ، اَجا اَڳاھُون ٿِيو.

٧

ويٺو پُڇِين پرُ، ڪَر ڪا هِنئارَ هلَڻَ جي؛
اَڄُ، آديسِي ! مرُ، صُباحَ مَرَندو سَيُڪو.

٨

پِرينديئِي پير ٿِيا، ڇڏي گَنجو گامُ؛
گُروءَ سندي گَسَ ۾، جِنِ ڪَيا تَنَ تَمامُ؛
ويهِي ڪَيو نـ وِچَ ۾، تِنِ آديسِيُنِ آرامُ؛
رَهَ ۾ گَڏِيُنِ رامُ، پَنڌان ڇُٽا ڪاپِڙي.

٩

اَڪِيُون، آلو ماھُ، سدا سَناسِيُنِ جُون؛
واري نيڻَ نِنباھُ، جاڳي جهَلِيا جوڳِئِين.

١٠

اجا سي آهِينِ، جي سَزاوارَ سِڱِيُنِ جا؛
ويٺا وَڃائِينِ، جي سَناسِي ! سُٺِئِين.

١١

مَرَڻُ مُسَلَّمُ جِنِ، واحِدُ تِنِ نـ وسري؛
مٿي سِگَرُ ڪاپِڙي، ڪا نانگا نِندَ نـ ڪَنِ؛
نيڻَ سدائِين تِنِ، اوجاڳَنِ اُجارِيا.

١٢

ڏورڻُ گَھٽو ڏاڪِڙو، ڏورِج مَ رِءَ ڏِئي؛
تان تان ھوئِج حُجري، جان سين يارُ جِئي؛
جڏِهِن پاسي پاڻَ ٿِئي، تَڏهِن ڇَڏِج تَڪِيو.

١٣

ڏورِ مَ ڏِئان ڏارَ، ڏورَڻُ گَھٽو ڏاڪِڙو؛
ڪوڙين لَکَ هَزارَ، اِنَ اُونداهِيءَ اَندا ڪَيا.

١٤

تو جو ڏِئو پانئِيو، سا سُورَجَ سُهائي؛
اَندَرِ اُونداهِي، جي راتِ وِهامِي ڏينهُن ٿِيو.

١٥

ناٿُ جَنهِين نِنڌِ، تِتِ نَ نهارِيو جوڳِئين؛
ڪي ڪُويساهِيا ڪاپِڙي، پُريا پَراهين پَنڌِ؛
هُو هِنَهِين هَنڌِ، تي هُنهَئِين وِيا هِنگِلاجَ ڏي.

١٦

ناٿُ جَنهِين نِنڌِ، تِتِ پِڻُ نِهاريو جوڳِئين؛
سي سُويساهِيا ڪاپِڙي، پُريا پَراهين پَنڌِ،
هُو هُئو هِنَ هَنڌِ، هُنِ هِنگِلاجان هَتِ ڪيو.

١٧

گُذَرَ گَئِي گُذِرانُ، ڪِينَ قَبُولِجِ ڪاپِڙِي؛
عَلِيءَ جو مَيدانُ، سَڪَرُ سَناسِيُنِ کي.

١٨

هُو جي ٿِيا هَرِڪيسَ، تِنِ لِڳِي ڪينَ لِباسَ سين؛
وَتَنِ وِلَهي ويسَ، لاهُوتِي لَطِيفُ چئي.

١٩

ٻَڪَ اُنِين جي ٻِڪِيا، ڏُوڙِ اُنِين جو ڏُوپُ؛
ڪَيائُون سو ئِي رُوپُ، جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

٢٠

سِڱِيُون، سيلِيُون، گَبَرِيُون! ٿيئِي ٿولَ ٿِڳو؛
پَتُ هَٿِي پَتَ سين، پيري تِنِ پِڳو؛
لاهُوتُ جِنِ لِڳو، سي مِڙهيان مُورُ نـ نِڱِيا.

٢١

ڪوءِ گودڙَ! ٻِنِ گَبَرِيُون! نيئِي ڪِدائُون ڪانءِ؛
جيڏانهِين جوڳِ ويو، نيڻَ تيڏانهين نانءِ؛
پُٽو اِيئَن يانءِ، تـ سِڱِيون شُومَتَ هَتَ جُون.

٢٢

جا گُرَ ڏِني گودِڙِي، سا مُون کي ٿِي مَرَڪُ؛
چيلا! ماري چَرَخُ، اودي ويهُ اَدَبَ سين.

٢٣

جا گُرَ ڏِنِي گودِڙِي، سا ٽِئي لاھِيندي لَڄَ؛
سندا تنھن سُھَڄَ، چيلو چوندو ڪيتِرا؟

٢٤

جا گُرَ ڏني گودِڙِي، سا مُون گَھٽِي سُھاءِ؛
نيئِي رَساٽِي ماءِ، اوڍِئين جي اَدَبَ سين.

٢٥

اَندَر رِلا رِليُون، ٻَھَر پِتولا؛
اِنَ پَر ڪاپَڙِي، گَڏَهَ جا گولا.

٢٦

ٻَھَر رِلا رِليُون، اندَر پِتولا؛
اِنَ پَر ڪاپَڙِي، خدا جا گولا.

٢٧

گُلَ گُلَ پَسِي گودِڙيا، گھٽا مَ پانئيج؛
سوئِي سُڃاڻيج، ھِيُ ھُوَ آھي ھيڪِڙو.

٢٨

پَٽَ ڇَڏِيائون پَٽَ ۾، ڏَندَ ڇَڏِيائُون ڏِسُ!
آلائِشان اَڳي ٽِيا، موٽِي ٽِيَنِ نه مِسُ؛
ھِيَ ڇَڏِيائُون حِسُ، وَڃِي ڪالَھ ڪُلُ ٽِيا.

# سر کاپائتي

## داستان پهريون

١

توٽي تُون ڪاتارِ، جِمَ هيڪِلي پيرِئين؛
ڏِٺي ڪا ڏُئارِ، صَرافَ اِنَهِين سُٺَي ۾.

٢

جان ڪَتِين تان ڪِتُ، هِيءَ هَڏِ وهاڻِي؛
ڪاپائِتِي سَيَڪا، ڪِتي سيباڻِي؛
ڇاتو جِن ڇاتِي، تِنِ هَٿان پِهي نـ ڇِڏِي.

٣

هيءَ هَڏِ وهاڻي، جان ڪَتِين تان ڪِتُ؛
ڪو پنَهِنجي عِيدَ کي، پيري ڪَج پِرَتُ؛
مَتان روئِين رَتُ، صُباحَ وِچِ سَرتِيين.

٤

ڪَتَڻَ جي ڪانـ ڪَرِين، سُتي ساهِين هَڏُ؛
صُباحَ ايندءِ اوچِتو، عيدَ اُگهاڙِن گَڏُ؛
جِتِ سَرتِيون ڪَندءِ سَڏُ، اُتِ سِڪَندِينءَ سينگارَ کي.

٥

اَجُ پِڻ اُجهَڻَ کي مَرين، نَڪِي ڪِتُءِ ڪالَ؛
پوري! توسين پالَ، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيترا؟

٦

اَجُ پڻ اُجهَڻَ کي مَرين، نَکِي ڪِتۓ ڪالَ؛
مونا اُتِي اُکِڙيا، اَرتےَ ڍَرکِي مالَ؛
هَيءِ! تنِينِ جي حالَ، جن ڪاپي منجهان ڪِينَ ڪيو.

٧

سي تو ويهي وِڃائيا، جي ڪَتَڻَ سندا ڏينهَن؛
اَرتےَ اوڏِي نہ تِئين، پوري! پوري سِيئَن؛
ڪَنڌُ ڪَٽنديِنءَ ڪِيئَن، اَگِڙِ عجِيبَنِ جي؟

٨

سونَ سارِيڪا هَتَڙا، ڪوهُ نہ ڪَتِين رَڌِ؟
ويهِي ڪُنڊَ، ڪاپو ڪَرِ، گُهتُون گوهِيُون ڇڏِ؛
تہ صَرافاٽي سَڏِ، مَرَکِيو هُوندَ مَتائِيين.

٩

پِگو ئِي پيرِ، جانسين رَتو راسِ تِئي؛
بُرِيءَ بيڪارِيءَ سين، هارِي! پاڻُ مَ هيرِ؛
ڪِتےُ ڪَتِينديُون ڪيرِ، نَئين سين نہ چاٽِجي؟

١٠

پيرِئين ۽ پانئيين، اِئَن وِڏُوٽو ڪانڌُ؛
ويٽِي اورِ اَرتےَ سين، پِڃِيءَ پايو پاندُ؛
تہ تُنهِنجو ئي وِٽواندُ، ڪِتو وِتو نہ تِئي.

١١

چائُتِ پائي چِتَ ۾، سَنهو ڪَتيو جَنِ؛
تِنِ جو صَرافَنِ، دُکو داخِلِ نہ ڪَيو.

١٢

مُحَبَتَ پائي مَنَ ۾، رَنديا روڙِيا جَنِ؛
تِنِ جو صَرافَنِ، اَڻَ توريو ئِي اَگھائِيو.

١٣

ڪو جو وَهُ ڪاپائِتيَنِ، ڪنبَنِ ۽ ڪَتَنِ؛
ڪارَڻِ سُودَ سَوارِيُون، آتَڻَ مَنجھ اَچَنِ؛
اُنِ جيءَ سُونهَنَ، سَيَّدُ چئي، صَرافے ئي سِڪَنِ؛
اَگھيا سُٽَ سَندَنِ، پائي ترازِيءَ نہ توريا.

١٤

سُٽُ اُنينِ جو سَڦرو، جي پَرِ ۾ پِيائِينِ؛
آوازُ اَرٽَ جو، ساهُ نہ سُڻائِينِ؛
لِڪايو، لَطِيفُ چئي، ڪَنبِيو ڪَتائِينِ؛
جي ماٽِڪَ موتائِينِ، توءِ مُلهَ مَهانگو اُنِ جو.

١٥

ڪي اوبِينِ عَرَبَ ۾، ڪي ڪابُلَ مَنجھ ڪَتَنِ؛
سُٽُ اُنِ جو سَڦرو، مَتِيو ماٽِڪَنِ؛
قادرَ ڪِيمَ ڪَدَنِ، ٽيلهي ٽُلهي وارِيُون.

١٦

پيرِئين، ۽ پانـئِـيـن، پانـئِڻُ پَـجي چِڏِ؛
کِتو وِتو پورِهيو، هوڏَ وِجَهنديءَ هَڏِ؛
هِتي ڏيڊو مَتِ ڏڏِ! جتي ڏَکِن ڏهَسئي وارِيُون.

١٧

اولياڻِيانِ اَرٽَ، کيڏانهن کَتَڻَ واريون؟
پَهيُون متي پَٽَ، لِڙجَنِ لاکِيڙَنِ جوُن.

١٨

کَتي کَتي کالَهه، اَجُ نـ آتَڻِ آئِيُون؛
اَرَٽُ اُکلي مالَهه، پُوري ويئِيون نِجُهرا.

١٩

نـ سي وَؤڻَ وَٽَنِ ۾، نـ سي کاتارِيُون؛
پَسِيو بازارِيُون، هِنئَڙو مون لُوڻُ ٿِئي.

٢٠

تاچِي توريائُون، عَيبَ نِکتا اِڳيان؛
کوٽي کاپائِتِيُنِ کي، پَر ۾ پُڇِيائُون؛
اَگَلَڙي آءٌ، مُون کان پِڙا پَڳا نـ ٿِيا.

وائي

ڪا هِنئين سين لاءِ پوري! ڪا هِنئين سين لاءِ.
تُنبائي تاڪِيدَ سين، جِنِ پيچايو پاءُ؛
لَسي تَندُ، لَطِيفُ چئي، هَلي تِنِ هَتّاءُ؛
پَهيُون تُنهِنجُون جِهِرڪَنِ جهورِيُون، پيُون اُڏّايُون واءِ؛
اَرَٽَ پاسي اوجِهرين، توکي سُمَهَڻَ آيو ساءُ؛
آڌيءَ، عَبْدُاللَّطِيفُ چئي، رِوئِي رِيجهائِجِ راءُ.

# سر پورب

## داستان پهريون

١

ڪري، ڪانگَ ! ڪُرنِشُون، پيرين پِرينءَ پَئيِج؛
آءُ جو ڏِيَنئِي سَنِيهو، وِچ مَ وساريِج؛
اَللهَ لَڳِ، لَطِيفُ چئي، ڳُجهو ڳالِهائيِج؛
چُئان تِئَن چئيِج، تہ ڪِنياتا ! خوشِ ٿِئين.

٢

آءُ اُڏامِي، ڪانگڙا ! پارانِيانِ پَچارِ؛
ويهِي هِتِ وِصالَ جو، تان ڪو تِرُ تَنوارِ؛
جي ڏِسَڻَ ۾ ڏيسارِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

٣

پارانِيانِ پَچارِ، مٿي لامَ لَطِيفُ چئي؛
ڦيِرِ مَ فَضِيلَتِ تُون، جا ڪُرَاوَان جي ڪارِ؛
جي ڏِٺي ۾ ڏيٺارِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

٤

وَهِلو وَرُ، وَريا پِرين، آءُ ڪانگا ! لَنئُن لاتِ؛
وِيا جي قَلاتِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

۵

ڪانگلَ ! سي ئِي ڪوٺِ، پِرين جي پَرڏيهِ وِيا؛
جنِين رِءَ جَهانَ ۾، اَڪَرَّيُنِ اَروٺِ؛
اللهَ لِڳِ، لَطِيفُ چئِي، ڪَج ڳارا چو ڳوٺِ؛
جي ڏَمِريا ڪَنهِن ڏوٺِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرين.

٦

پِرين جي پَرديسَ ۾، تِنِ جي ڪانگا ! ڪَج خَبَرَ؛
تہ سَڀِ مَڙهايان سونَ سين، پکِي ! تُنهِنجا پَرَ؛
گُهمِي مَٿان گهرَ، ڏِج پارانيا پِرينءَ کي.

٧

ڪڍِي، ڪانگا ! تو ڏِيانِ، هِنئُون ساڻُ هَٿَنِ؛
وَڃي ڪاءِ وِلاتَ ۾، اِڳيان عَجِيبَنِ؛
پِرين مانَ چَوَنِ، تہ هِئَنِ قُربانُ ڪيرُ ٿِئي !

٨

ڪانگلَ قَرِيبَنِ جا ! اچِي وائِيءَ وَڻُ؛
تو ۾ بُوءِ بَهارَ جِي، مُشڪَ ڪَتورِيءَ مَڻُ؛
اچِي عَجِيبَنِ جو، اورانِگهج اڱَڻُ؛
تو کي پَسِي تَڻُ، سُورَنِئان صافُ ٿِئي.

٩

آنڊِيُون ڪانگَ قَرِيبَ جُون، اَڄُ واڏايُون واهَ؛
مَنَ مُرادُون پُنِيُون، ٽِيون سَرَهائِيُون ساهَ؛
آندا پِرِين اللهَ، سَڄَ مُنهِنجا سابِ پِيا.

١٠

ڪانگَلَ! تُنهِنجي چانگَ، جَڏو جِيُ جِياريو؛
مٿان لامُنِ لَٿَ ڏِيو، ٻولِئين سِرِ ٻيلانگَ؛
اُڏِرُ مٿان ڦانگَ، تہ گَهِر آوَنِ سُپِرِين.

١١

ڪانگَلَ! نيئِي ڪانگِ، مُنهِنجي ڏي مَحِبُوبَ کي؛
”لالَنَ! لايَئِي ڏِينهَڙا، ڪَنهِن سِٽاٽي سانگِ؛
اَوان رِءَ اڙانگِ، ويٺِي وِرهَ وَسائِيان“.

١٢

رِءَ پِرِيان پَرديسَ ۾، وِرهَ وَڌِي ڪِي وَسَ؛
اَڪِيُون پارِ پِرِيُنِ جي، ٽِيُون گامَ نِهارِينِ گَسَ؛
ڏِيندا پانڌِي ڏَسَ، ڪِينءَ جُون آٽي خَبَرُون.

١٣

زاغَ! تُنهِنجي ذاتِ جو، ٿورو مَٿي مُون؛
اُڏامِج، عَبْدُاللّطِيفُ چئي، صُبحَ سيٽَنِ ڏُون؛
ڪَج وينتِيُون وتَرِيُون، پاجهائِج پَهُون؛
تہ ”لالَنَ! ڪونَ لَهُون، جِهو تو جَهانَ ۾“.

١۴

قَرِيبَنِ جو ڪانگڙو، مٿي تارَ تِلي؛
ڪَٽِيو ڪِنياتو خَبَرُون، ڪِيرُون ڏِيو ڪِلي؛
لائِي جَنهِن لالَنَ سان، مُنهِنجي باتِ بِلي؛
سو وَرُ چَشِمَنِ سان چِلي، جو دَربارِ دوسَ جو.

# داستان ٻيو

١

تَن اَکِيُنِ اُتان سُکَ، کِلنديِ کَٽَنِ جي؛
پِريُنِ پاپوھَڙَ سان، ڏُورِ ھَيا سَيِ ڏُکَ؛
ماڙُھنِ ليکي ٻُکَ، سامِي سُورَ سَنَا ھَيا.

٢

سامي چاٸِيين، سُکُ طَلبِٸين، سِکِٸين نہ، سامِي!
اَچا اورِٸين پَنڌَ ۾، ويٺين وِسامِي؛
گُرَ کي تُون نہ گَڏِٸين، چاٸِيين اِنعامِي؛
دائِمُ مُدامِي، پورو رَھِج پِرينءَ سين.

٣

پُورَبِيا پُوري وِيا، آسَڙَ آڌِيءَ راتِ؛
سُيَمِ نہ سَنياسِيُنِ جُون، پَچارُون پِرياتِ؛
ھا جا جوڳِيءَ ذاتِ، مِٺَ نہ معذُورَنِ جا.

۴

مٿي راہَ رَوان ٿِيا، پُورَبِ پُورِياٸُون؛
ھي گَھرُ گھورِياٸُون، آڳانڍِياٸُون اڳِيان.

٥

پُورَبَ پُورَبَ تَبِ ڪَرُون، جَبَ هِنئَڙي آوَنِ پُورَ؛
سِڪَندي ڪي سَچَّٽين، نِڪُون لايُون نُورَ؛
مارِيَسِ تَنهِن سُورَ، جِئَن ساڃَنُ سُڃي، نہ مِلي.

# سر ڪارايل

## داستان پهريون

١

”وَحْدَهٗ“ وائِي، چِڙهندي چِيائِين؛
سو لُڙُ لَنگهيائِين، جِتي پارَڪَ پکِيان.

٢

پکَهن سين پاڻُ هَٽِي، اُڏاڻو آڪاسِ؛
جِتي پرِين سَنداسِ، سو سُر مَٽي هَنجَڙو.

٣

اڪڙيُون اوڙاهَ ۾، اُيو تَڪي تارِ؛
پِٽُون جي پاتارِ، هَنجُ تنِين جو هيرَئُون.

٤

وَڃِين نہ پيهِي، پِٽُن لَءِ پاتارَ ۾؟
ڪنڌِيءَ ۾ ڪيهِي، هاجَ تُنهنِجي هَنجَڙا.

٥

تِيو حُضُوري هاڻِ، سوجها پِيَسِ سَرَ جي؛
ڪَنڌي لَڌِي ڪاڻِ، پکِيَڙي پاتارَ ۾.

٦

اڇو پاڙِي لُڙُ تِيو، ڪالُوريو ڪَنگَنِ؛
اِيندي لَڄَ مَرَنِ، تَنهِن سَرَ مٿي هَنجَڙا.

٧

هَنجَنِ سين هيڪارَ، جي ڳَڻَ ڪري نِهارِئين؛
ٻِگَهنِ ساڻ ٻِيهارَ، ٻيلهَ نہ ٻِڌين ڪَڌهِين.

٨

آءُ اُڏامي هَنجَڙا ! سَرَ ۾ سارِينئِي؛
مَتان مارِينئِي، پاڙِهيري پَهُ ڪَري.

٩

ڪَؤنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پِؤنر پِري آڪاسِ؛
ٻِنين سَندي ڳالهڙي، رازِقَ آندِي راسِ؛
تَنهِنَ عِشقَ کي شاباسِ، جَنهِنَ مُحبَتي ميڙيا.

١٠

ڪَؤنر پاڙُون پاتارَ ۾، پِؤنرُ پِري ۾ سُجَ؛
ٻِنِين سَندِي ڳالهڙي، عِشق اِيُّ اُهجَ؛
توءِ نہ لَهينِ اُجَ، جي پِيو پِيَنِ پاڻَ ۾.

١١

جيهَرَ لوڪُ جهَپَ ڪري، اوهيرَ اُڏامَنِ؛
پِتُون جي پاتارَ جا، چِيتارِيو چُٽَنِ؛
ڪوهُ ڪَندا کي تَنِ، پاڙِهيڙي پَهُ ڪَري؟

١٢

وِيا مورَ مَرِي، هَنجُ نہ رَهِيو هيڪِڙو؛
وَطَنُ ڏِيو وَرِي، ڪُوڙَنِ ڪانِيرَنِ جو.

## داستان ٻيو

١

سو پَکي سو پِڇرو، سو سَرُ سوئِي هَنجُ؛
پيهِي جان پَرُوڙِيو، مون پانهِنجو مَنجُهہ؛
ڏِيلَ جَنهِن جو ڏَنجُهہ، سو مارِي ٿو مَنجِهہ ڦِري.

٢

سَنها پانءِ مَ سَپ، وياءَ واسِينگَنِ جا؛
جَنِين جي جهَڙَپَ، هاٿِي هَنڌان ئِي نہ چُري.

٣

آسَڻَ جن اَريجَ ۾، اُوءِ ڪَپِرَ وہَ ڪَري؛
تِن جا مُنهَن مَلَڪَنِ جهِڙا، تِڪو نان نہ ٽَري؛
جي اُنهِين ساڻُ اَڙي، تہ ڪانهي جاءِ جَريءَ جي.

٤

آسَڻَ جن اَريجَ ۾، تن جي وِہُ جو وَرَنُ ٻِيو؛
تن جو ڪَنڌو ئِي ڪَمُ ڪَري، جي مَٿِسِ پيرُ پِيو؛
پُرِينَنِئان آهي پَڌِرو، تن نانگَنِ جو نِهو؛
ڪِلي ويلَ ڪِهو، جو سامُهون ٿِئي سَپَنِ کي؟

٥

ڪَنهِن ڪَنهِن ڪاريءَ ذاتِ کي، مورَ بہ مَٽائِين؛
جي چِٽُرا چِکِيا ڪَري، تہ وَڳَ وَرائي ڏِينِ؛
ساٿَ سَمُورا نِينِ، جي مَٽين پانئي موٽِيا.

٦

پَهرِين ڪاري نانگَ جِي، ڪو چِرڪِيَلُ چيزَ ڪَري؛
هي هَٽي ڏَنگَ ڏَسائِيو، تہ ويجهو تان نہ وَري؛
جيڪي تَپِ مَري، جيڪي سِڪي صِحَتَ کي.

٧

کَپُرَ! گارو ڙِيُنِ سين، وڏو وِڏُءِ ويرُ؛
نانگَ! نہ ويندين نِڪِري، تو ڏَر مَتي پيرُ؛
هِيُ تنِين جو ٻيرُ، جن جهونا ڳَڙُهہ جَلائِيو.

# سر پرڀاتي

## داستان پهريون

١

اِيُّ نہ ڀانئِ ڀيرُ، جِئَن ڪينرُ ڪِيرِيءَ ڌَنگِيو؛
سُونهاري صُبُوحَ سين، وِجهي ويٺين ويرُ؛
توکي چَوَندو ڪيرُ، ڪِيرَتَ ڏاران مَڱَڻو؟

٢

سُتو ڪِئَن نِنڊُون ڪَرِين، رو وِهاڻيءَ روءِ؛
سُيان ساڙُ سندوءِ، پِيو هُوندو پَتَ ۾.

٣

سيرانديءَ ساڙُ ڪيو، سُمهِين ساري راتِ؛
جاجِڪاڻي ذاتِ، اِيَ هوءِ اڱَهِين؟

٤

جنِين سُکُ ناهِ ڪو، چارَڻ سي چَئِجَنِ؛
رُجُنِ راهَ پُڇَنِ، متي ڪُلَهنِ ڪِينرا.

٥

مُوڙهو ڀُڻين مَڱَڻا! ڪيڏانهن هُئين ڪالَ؟
لَنگها! چِڏِ، لَطِيفُ چئي، اُجهَڻَ جا اَفعالَ؛
سَپِرِ دَرِ سُوالَ، ڪَرِ تہ قيمتَ آڻِئين.

٦

چارڻُ لَڳو، پَندُ گهٽو، ڪِي چوٽاٽِيءَ چَئيجِ؛
هِتِ ڪِي هلائيجِ، اُتي آءٌ نـ اچٽو.

٧

جيڪِي ڏَڏَنِ ڏي، ڳُجهيان ئِي ڳُجَهہ ۾؛
سي جي سُٽَنِ ڪَڏهِينِ، ڪِرتِ وارا ڪي؛
تـ ساز مِڙوئي سي، هُوندَ پِٽون ڪَنِ پَلَڪَ ۾.

٨

اُتِ ڪِرتِ وارا ڪيترا، ڪِرتِ ڪَبو ڪوهُ؟
جيڪِي بَندو ڪَمُ ڪري، سو مِڙوئِي ڏوهُ؛
تون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِينِ تـ سونُ ٿِيان.

٩

اُٿِيو اَپوجهاءُ، سَپَڙَ جو سَڏُ ٿِيو؛
جِئَنِ اَئِين ڪِيرَتَ ڪَتُّ نـ سِکيا، تِئَنِ پاٽا رِيڏو راءُ؛
مڱو مون مُلاءُ، آءٌ اَوهان جو آهِيان.

١٠

ڏاتِ نـ آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي؛
آريُون اَپوجهَنِ جون، سَپَڙُ چامُ سَهي؛
جو راءَ وَتِ راتِ رهي، تَنهن جُکِي تان نـ ٿئي.

١١

ڏَڏُ ٿِي ڏانُ ڳُهريج تُون، ڇِڏِ وڃا وِڃائي؛
سَپَڙَ راتِ سَنباهِيا، تازِي تو لائي؛
جو ڇاڻي نـ ڀِڳائي، تَنهِن سين ٻيلي ڏَٽِيءَ ٻاجهَ ڪِي.

١٢

پِيو ليٽِين لُٽَ، سَچِيُون راتِيُون سُمهِين؛
اُٿِي آڏِيءَ نـ ڪَرئين، سَپَڙَ ساڻُ سَهَٽَ؛
رُونجهي راتِ اُپَٽِيا، پيٽِنيئُون پاٽَيٽَ؛
ميڙِي تِئان مَٽَ، چُوندي پِريا چارَٽين.

١٣

ڏاتارَ ڏُکَ ڪَيا، پاٽا مَتي مَڱَٽين؛
”مُون درَ ڇِڏِيو، مَڱَٽا! مَڱِين ڪوهُ ٻِيا؟
تَڏِهن تو پِيا، وِچان وِلَها ڏِينهَڙا“.

١۴

مَڱُ تَنهِين کان، مَڱَٽا! جو ڏِيهاڙي تو ڏِئي،
ڪُوڙا درَ دُنيا جا، جاجِڪَ! مَڱِين جي؛
سُيان توهِين کي، موتي ڏِيندا مُنهَن ۾.

١٥

ڪَڙَهَ اِڱيان ڪَپُ، ڏِهاڙِي ڏاتارَ جي؛
لَنگها ! لاهِ مَ لِڪَ سِيئَن، مَتان چانئُـِـ چَپُ؛
مَگَّـٽهارَنِ مَپُ، ڪونهي ٻِيو ڪِيرَتَ ري.

١٦

سَپَڙُ ساهُ پَساهِ، جاچِڪَ ! جِمَ وِسارِئين؛
ريهي رُپي سَندِيُون، تَندُون تُنبي ڪي پاءِ؛
لَنگها ! تون لِيلاءِ، اِڱيان وڃِي اُنَ جي.

١٧

تُون سَپَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون صاحِبُ، آءٌ سَڱُ؛
پُڇِي تُنهِنجو پڳُ، ڪُلهي پاتُم ڪِينَرو.

١٨

تُون سَپَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تُون ڏاتارُ، آءٌ ڏوهُ؛
تُون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَڃِين تـ سونُ ٿِيان.

١٩

اُڀِريو تارو، اُٿِي وَرَ وِهاڳُ ڏي؛
سَپَڙُ رِيسارو، چِتـِ پِرَڪي چارَٽين.

# سر ڏهر

## داستان پهريون

١

ڪَرِ ڪي ڳالهِڙيُون، ڪَنڌا ! ڍور ڏَٺِيُنِ جُون؛
ڪِئَن سي راتِڙيُون، ڪَنهِن پَر ڏِينهَن گُذارِئين ؟

٢

جانِ تو هُئَڙو سُورُ، ڪَنڌا ! ڍور ڏَٺِيُنِ جو؛
متي لامُنِ پُورُ، موريءَ مَچِرَ نہ ڪَرِئين.

٣

ڪَنڌا ! تُون ڪيڏو، جَڏهِنِ پَريو ڍورُ وَهي ؟
جَسودَنِ جيڏو، تو ڪو گَڏِيو پَهيَڙو ؟

٤

سَچُ ڪِ سُڪو ڍورُ، ڪَنڌِيءَ اَڪَ قُلارِيا؛
جُنگِنِ چَڏِيو زورُ، سَرُ سُڪو، سُونگي گَيا.

٥

سُڪِي ڍورُ ڍَيُون ٿِيو، ڪَنڌِيءَ ڏِنو ڪائو؛
سو پاٽي پَتِيهَلَ ۾، اِڳيون نہ آيو؛
ماڙُهِنِ ميڙائو، ڪَنهِين ڪَنهِين پيٽِئين.

٦

ڍورُ نہ اڳينءَ ڍارَ، مهندِ مَلاحَنِ لَکيو؛
موڙي چوڙيا مَڪُڙا، پَسي پاڻيءَ پارَ؛
جَسودَنِ جيها يارَ، پِيڙا وِيرَ وماسَ ۾.

٧

جان واهڙُ ۾ وَهُ، تان تون، مَڇَ! نہ موتِئين؛
ڪائي ۾ ڪوهہ ڪَرئين، پوءِ موٽَڻَ جو پَهُ؟
سِرَ مَتي تُون سَهُ، مَهِميزُون مَلاحَنِ جُون.

٨

جان جَرُ هُئڙو جالَ، تان تُون، مَڇَ! نہ موتِئين؛
پَوَندِيَءِ اَج ڪِ ڪالَ، سانيويُون سانگِنِ جُون.

٩

جان جَرُ هُئڙو سِيرَ، تان تُون، مَڇَ! نہ موتِئين؛
آڏا اَڏي ڪِيرَ، گهتَ بہ جَهلِيَءِ گهاتُئين.

١٠

مَتو آهين مَڇَ! تُلهو تو تُونا هَٽِين؛
جا تو ڏِٺي اَڄَ، تَنهن پاڻِيءَ پُنا ڏِينهَنڙا.

١١

ڪُندي ڪَلِيُن وِچَ ۾، جَڏهِن هَنيائُون؛
موتِ نہ ماريائُون، ڏورِ ڏئي وِيا ڏُکَ جي.

## وائي

لاڙَءِ جا وَڻُنَ کي، سا کانڌَ! مُنهِنجي کورا.
ماءُ! مارِيندَمِ کَڏهِين، هِنَ پِرينءَ جي هورا؛
اَچَنِ پِرين پَبَکِيا، کَرَ ٻاٻِيهو جِئن مورا؛
سيٽين سِرکَندُ سَپَجي، ٻِيو عَطُرَ پِرين اَتورا؛
چَپَرُ کَٿُوري ٿِيو، ٻِي تازِي ڦُلَنِ ڦورا؛
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ کي، سانوَل ميڙِ سَنيُوڙا.

## داستان ڇھون

١

مَديني جا مِيرَ! سُڻُ مُنھِنجا سَڏَڙا؛
سَرَڻِ تُنھِنجي سِيرَ، تُون پارِ لَنگھائِيين پيَرَا.

٢

ڏَٿِي! سو وارِئين وا ءُ، جو ميڙائو سَڄَڻين؛
وَھِيءَ واتَ مَتاءُ، ھِنئَڙي آسرَ مَ لَھي.

٣

نيڻَ جي نِھارِينِ، سي اَڄُ نہ اوتِي آئِيا؛
ھَنجُون نہ ھارِينِ، پاڻِي پُنھُونءَ چامَ ري.

٤

نيڻَ نِھاري مُنھِنجا، روئِي ٿِيا رَتُ؛
پُنھُونءَ ھوءِ پَھَتُ، تہ پاري نِيَنِ پاڻَ سين.

٥

اَڄُ اَگَڻُ ڪيٽانِ، آسرَ لِڳي سوريانِ؛
ڏُونگرِ ڏِينھَن لِڳانِ، مانَ وَرڪَنِ سُپِرِين.

٦

اَللّٰهَ جِئَنِ نالوءِ، تِئَنِ مُون وَڏو آسرو؛
خالِقَ! تُنھِنجي ڪاندِ جو، پَرو پاندُ نہ ڪوءِ؛
نالو، ربَّ! سَندوءِ، رَھِيو آھِہ رُوحَ ۾.

٧

صاحِبَ ! تُنهِنجي صاحِبي، عَجَبُ ڏِٺي سُون؛
پَنَ پوڙين پاتالَ ۾، پَهَڻَ تارين تُون؛
جيڪَرَ اچين مُون، تہ ميرِيائِي مانُ لَهان.

٨

جيڏو تنهِنجو نانءُ، پاڄهہ بہ اوڏِيائي مَڱانءِ؛
رِءَ ٽَنيين، رِءَ ٽُوٽِيين، تُون چِپَرُ، تُون چانءَ؛
ڪُڇاڙو ڪَهانءِ؟ توکي مَعلُومُ سَيَڪا.

٩

سَتَرُ ڪرِ سَتّارَ ! آءُ اُگهاڙِي آهِيان؛
ڍَڪِئين ڍَڪَڻهارَ ! ڏيئِي پاندُ پَناهَ جو.

وائي

مُون کي نِندَ نہ نيٽين نيٽين، ڪالهُون پوءِ لَڪَن ۾.
موٽُ تُون آيلَ ! مُنهِنجي ماءُ ! تان تو ڏُکُ نہ ڪَيٽين ڪيٽين؛
هُوءِ نہ نينِہِ پاڻَ سين، جا ويندِڙِي سَيٽين سَيٽين؛
ڪالهُوٽِيان اَڄُ گَهٽِي، جهورِڙِي جَهيٽين جَهيٽين.
پِيُون سَيُ واڳُيون وَرَنِ سين، آءُ جا واڱِڙِي وَيٽين وَيٽين.
هِنئَڙو ڏاڙهُونءَ گُلَ جِئَن، روئي رَتِڙو نَيٽين نَيٽين.
اَلا ! عَبُدَاللَّطِيفُ چئي، مُحِبَّ اسان تُون مَيڙين مَيڙين.

## داستان ٽيون

١

ڪَرِ ڪو ڀيرو ڪانڌَ! مُون نِماڻِيءَ جي نِجهري؛
پِرين! تُنهِنجي پاندَ، ڍولا! ڍَڪِي آهيان.

٢

جِئَن تون قائِمُ، ڪانڌ! تِئَن آءٌ وَرَ! وِلَهي نہ ٿِيان؛
پَڪي چِڃان پاندَ، ڳَنڍُ نہ ڇاڙي ڪو ٻِيو.

٣

ڪانڌَ ٻِيُنِ ڪيتِرا، مُون وَرُ وِڏي ڪاندِ؛
پاٽا ڍَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوهُ اَکِيُنِ سين.

٤

وَرَ سين وِجهيو ڪاڻِ، ڪَرَ سين ڪِلَڻ پائِيين؛
ڀوري! مُنڌَ اَڄاڻِ، ڪَڻَ ڇَڏِيو تُهَ ميڙِئين.

٥

سُتا! اُٿِي جاڳُ، نِنڊَ نہ ڪَجي ايتِرِي؛
سُلطانِي سُهاڳُ، نِنڊُنِ ڪندي نہ ٿِئي.

٦

ڪِي سُمهُ، ڪِي جاڳُ، نِنڊَ نہ ڪَجي ايتِرِي؛
اِيُ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساٽيهُ ڀانئِيو.

٧

جاڳَڻَ مَنجهان جَسُ، آهي اَدا ! جن کي؛
لاهي جو، لَطِيفُ چئي، مَٿان قَلْبَ کَسُ؛
وَرنهَ ! کَجان وَسُ، صُبُحَ ساڻ، سَيَّدَ چئي.

٨

هِي تان ٿورَڙِيُون، جي تُون، پورا ! پَسِي پُلِئين؛
راتِيُون ٻِيُون گهَٽِيُون، جي تو اِينديُون هيکِلي.

٩

سُمَهَٽان ساڙو، جيڏِيُون ! جيڏو ئِي ٿِيو؛
پِرين سين پاڙو، مُنهِنجو نِندَ نِبيرِيو.

١٠

پِرَهَ ڦُٽِي، راتِ گَئِي، جهيٽا ٿيا نَکَٽَ؛
هارِي ! وِيَءَ وَٽَ، گَهٽا هَٽنديِنءَ هَٽَڙا.

١١

پيئِي جا پِرِياتِ، سا ماکَ مَ پَسو ماڙُهئا !
روئِي چِڙُي راتِ، ڏسي ڏُکوينِ کي.

١٢

ڀولُ مَ کٽي ٻانهَنِڙي، پِرِهَ مَ کَٽي پاندُ؛
آءُ پَنهِنجو کاندُ، لوکان لِکي رائِيان.

ڦِريا پَسِي ڦِيڻُ، ڪَرِيَنِ ڪِيرُ نہ چَڪِيو؛
دُنِيا ڇارَڻِ ڏِينُ، وِجائِي وِلَها ٽِيا.

## داستان چوٿون

١

روهِ راماڻا ڪَنِ، اَجُ پڻ هَلَڻَ هارِيُون؛
ڪَرڳَلُ ڪُونجَڙِيَن، رائي ۾ راتِ ڪَيو.

٢

وَڳَرُ اُڪِيري سَرُ سارِيو، سُورَ چَري؛
جهُري جِهڄندي ڏِئي، سَنِيها ڪي سَڄَڻين.

٣

وَڳَرُ وِساري، ويٺينءَ ڪِئن ماٺِ ڪَري؟
ڪِ تو نہ ماري، رُڻُ جهُڻُ سَندِي سَڄَڻين؟

٤

وَڳَرَ وِيا وَهِي، ڪالهَ تُنهِنجا ڪُونجَڙِي!
ڪَندِينءَ ڪوهُ رهِي، سَر ۾ سُپيرِيُن ري؟

٥

وَڳَرَ ڪَيو وَتَنِ، پِرتِ نہ چِنَنَ پاڻَ ۾؛
پَسو پَڪِيَڙَنِ، ماڙُهنِئان ميٺُ گهَڻو.

٦

مَ لنئُن ڪُونجِي! ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هِنئين چاڪَ؛
ڦَتِيُون جي فِراقَ، سي گهِرِ گهارِينديُون ڪيتِرو؟

٧

ڪُونجَڙِيءَ ڪالهَ لَنئِي، سَڄَڻَ وِڏَمِ چِتِ؛
آءٌ جِنين رِءَ هِتِ، گَهنگهَرَ گهارِيان ڏِينهَڙا.

٨

اُتَرَ ڏي آلاپَ، ڪالَهُونڪَرَ ڪُونجَ ڪَري؛
پِرين پَسِي مَنجِهه خوابَ، وِهاڻِيءَ وايُون ڪَري.

٩

ڪُونجُون ٽِيُون ڪُٽِڪَنِا، جيڪُسِ هَلَڻَ هارِيُون؛
ٻَچا پوءِ اَٽَنِ، وَڃَنِ واندا ڪَندِيُون.

١٠

آيُون ڏورَ ڏِري، اصُلَ سَندي آسِري؛
کَنيَڙَ يُونءِ کَرِي، پاٽان پَير ڏُکويا پَکَٽِين.

١١

ڪُونجَ نہ لَکِيو ٻاڻُ، مارِيءَ سَندي مَنَ ۾؛
اوچِتي پَرياڻَ، وَڳَرَ هَٽِي ويڇُون ڪَيا.

١٢

ڪُونجَ! نہ پَسِين ڪَکَ، ڏَٻُ جَنهِن سين ڏِٻيو؛
مارِيءَ ماري لَکَ، وَڳَرَ هَٽِي ويڇُون ڪَيا.

١٣

مارِي ! مَرِين شالَ ! ڏَٻَ وَڃَنئِي ڏِٻيُون؛
جِئَن تو اَچِي ڪالَ، وِڌو وِچُ وِرهَن ڪي.

١٤

ڪَيرَ ڪَرِيندِي رِيسَ، آيِلِ ! سَنگهارَنِ سين؛
جنِين جي خَمِيسَ، وارِيُون واري چِڏِيُون.

١٥

جِيَنِ سي سَنگهارَ، اَجهي جنِين گهارِيان؛
مانَ لَهَنِئُون سارَ، وِچِ ولَهين ڏِينهَڙين.

١٦

جي پانئِين وَسَ چَران، تہ سَنگهارَنِ سين لَڏِ؛
تہ هاجي سَندِي هَڏِ، ڪُوڪَ نہ سُٽِين ڪَڏَهِين.

١٧

مَنڊِيُون مَٿِ گُڙَنِ، جهوڪَ بہ سُونهَنِ پَهِيَڙا؛
سَندِي سَنگهارَنِ، جُوءِ جِئاري جَڏَڙين.

١٨

جاڳو، جاڙيجا ! سما سُڪ مَ سُمهَو؛
پَسو، آن پاريا، لاکو تو لوڙيُون ڪَري.

١٩

تاتُونِ ڪِينِ پلاڻَ، سَدا هٿَن ڪَرِڪرا؛
لاکي لوڙائِنُ جا، اَهڙا ئِي اُهيڃاڻَ؛
ڏيئِي تَنگِنِ تاڻَ، کُوکَ کارِيندا کيچڙي.

٢٠

ريٻارِڻ! رِيجهاءِ، لاکو لُولاتِيُنِ سين؛
سائُو مانَ سَندِياءِ، ٿَٺُ مَتائي ٿاڪُرُو.

٢١

لاکا لَکَ سُڄَنِ، ڦُلاڻِيءَ پيرُ پِيو؛
جَنهن پِرَ راڻا، راڃِيا، ڪوٽَنِ مَنجهه کُنبَنِ؛
جَنهِن جو جاڙيجَنِ، سُتي سَنچو نہ لَهي.

٢٢

لاکو لِکِيءَ تي چڙهي، لِکِي لاکي هيٺِ؛
سونهرايُون سِرِ کَيو، پيڙي پَڏي بيٺِ؛
کَندو ڏَمَرَ ڏيٺِ، صُباحَ ساڻُ سَيَ کَنهِين.

# سر بلاول

## داستان پهريون

١

وِسَهُ اِنَهين ويڙَ کي، جِئَن دَعوَتَ ڪِي داتا؛
مَضُمَضَهُ واتا، وِجهُ تہ ڏيئِي واتَ ۾.

٢

پيُ مَ طَهُورا، وانءُ اورانگهي اورِيان؛
وِچان جي وِصالَ کي، سي سَيِ اُجُورا؛
حاصُلُ حُضُورا، سَمي جي سَيِ تِئي.

٣

سَما ! تو سِرَ چَتُ، ناتَ پاڳارا پُرسَ پِيا؛
گِهَڙَ ! تُنهِنجي گَيِڙي، اچي جالَ جَگتُ؛
جِنِ جيها ئِي پَتُ، تِن تيها ئِي بِکِيا.

٤

سمو تِنِ سَڏَ ڪري، جِنِ تي وڏو ويرُ؛
اُتي تہ آجِي تِيان، پائي پاکوڙي پيرُ؛
تو رِءَ پِيو ڪيرُ، سَرَٽِيُن جا سوتا سَهي.

٥

سَرَڻيُنِ جا سوٽا سَھي، وَسِيلو وِلَھَنِ؛
لُڏي ڪِينَ لَطِيفُ چئي، اِڳيان لالُ لَڪَنِ؛
جِتِ ڪوڙين ڪِينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پاپوھي پِڌرو.

٦

تَڙ تَڙ ڪيمَ تَرَسُ، سَرُ نِهارِج سَيَرو؛
ڏِيندُءِ لَڪَ، لَطِيفُ چَئي، راڄَ راھُوءَ جي رَسُ؛
وِلَھا جنھن وَنھِيا ڪَيا، پاڳَ تَنھِنجي پَسُ؛
ڪوڙين لاھي ڪَسُ، جي ڳالھائي ڳاٽَ ڪٽي.

٧

علاؤالدِّينُ آئِيو، ڪَٽِي چِلِ چڱيرُ؛
ڪَنھِين ڪِينَ ھِمَٿِيو، ڪانَ جَھلِيندو ڪيرُ؟
سُومِرِينِ سامَ ڪَنئِي، اَبڙي ڪَيو اُٺَ پيرُ؛
ھو مُھانئِينِ مِيرُ، پر مَستُوراتِنِ مارِيو.

٨

سَرَڻِيُنِ جي سُڪَ لَءِ، سامَ ڪَنئِي سَردارَ؛
جي آيُونِ اَبڙي جي آڌارَ، سي سُونگ نہ ڏِينديُون سُومِرِيُون.

۹

ٻِيَنِ مِڙَنِي ڏِنيُون، ڏِئي نہ ڏُونگَرَ راءُ؛
اَڻَ ڏِٺيُنِ آڏو ڦِري، ڏِٺِيُون ڏِئي ڪِئاءُ؛
لوِريُون لَڪَ مَٿاءُ، اُنَ مَٿيري موٽائِيُون.

۱۰

اَبڙو اَڳاهَنِ ۾، پَرَ جَهلو پارِي؛
سَمي سُوالِيُنِ کي، ويلهَ وسارِي؛
مَنَهَنَ مُنِي جَکرو، طامائُنِ تارِي؛
پُڇِي سي پارِي، جي عاجِزَ اَجورَنِ ۾.

۱۱

ابڙو اَڳاهَنِ ۾، سَيَرُ جِئَن ٻيلي؛
سي پَٽَ ڪَنهِن نہ پُورِيا، جي ٿو پَڙُ پيلي؛
سَڄَڻَ سانوَڻَ مِينهَنءَ جِئَن، رُڃُون ٿو ريلي؛
اَڇَنِ جي ويلي، تِنِ بورَ بَخشي پِٽَ ڏَٺِي.

۱۲

اَبڙو وَڏَ وَڙو، سُوَڙو، سَمو، سُونهَن سَيَنِ؛
تَنهِن دَرِ سَيِ اَچَنِ، ڪَنڌُ نہ ڪَڍي ڪَڇَ ڏَٺِي.

# داستان ٻيو

١

جَڪِرو جوڙي، پاڻَ ڏَٽِيءَ پيدا ڪَيو؛
ڪيھَرَ جِئَن ڪَرُ ڪٽي، مُڇُون مَلُھ موڙي؛
سَمُونڊَ جِئَن سِيرَ ڪَيو، تو ٻارِ جِئَن ٻوڙي؛
گھوٽُ چَڙھِيو گھوڙي، پيچِيُنِ لائي پيچِرا.

٢

جَڪِرو جَسَ ڪَرو، ٻِيا سَڀِ اَنِيرا؛
جِيائِين جُڙِيو جَڪِرو، تِيائِين نـ ٻِيا؛
مِتِي تَنهِن ماڳا، اَصُلُ هُئِي ايتِرِي.

٣

ڏِٺي جادَمَ جَڪِري، چِتِ نـ ٻِيا چَڙهَنِ؛
تـ ڪـي ڪُوهَ ڪَڇَنِ، جـُ سَرُ لَيي سَيَرو؟

٤

هَتان جادَمَ جَڪِري، وِتِي وِچ مَ ٻوءِ؛
ٻِي ٻِي سو ٻُرَ تِيو، جو حاتِمَ پاسي هوءِ؛
ڪَيفَ ڏاران ڪوءِ، جِئي ڪو مَ جهانَ ۾.

٥

هَتان جادَمَ جَڪِري، وِتِي ٻوءِ مَ وِچُ؛
”اچو! آيا نِچُ!“ سَمِي وائِي واتَ ۾.

٦

جَڪِري جِھو جُوانُ، ڏِسان ڪونَ ڏيھَ ۾؛
مُھَڙُ مِڙَني مُرسَلِين، سَرسُ سَندسِ شانُ؛
”فَڪَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنىٰ“، اِيُ مُيسَرُ تِيُسِ مَڪانُ؛
اِيُ آگي جو اِحُسانُ، جَنھِن ھادِي ميڙِيُم ھَھڙو.

## داستان ٽيون

١

ڪوهُ نہ جُهَارِئين جڪِرو، جنهن ڏيهہَ ڏيا ڏيئي؟
جي لُڏِيا ٽِي لِينگهُن ۾، شالُن ۾ سيئِي؛
سَمي سَيِيئِي، طاماعُو تارِ ڪيا.

٢

اَلا! جُنگـَ جِيَن، جنِين اَجهي گهارِيان؛
شالَ مَ سُڪـي ويئَرِي، جِئان پِيَّ پِيَن؛
مَرَڪَڻَ! اَڪَڙِيَن، تو ڏِني مُون سُڪُ ٽِئي.

٣

اِيندي لَٽِي اُجَ، پيرَ پيرِيندي ٿَريا؛
مَنجِهه ويئَرِيءَ سُجَ، ڪَرَ لڏِي رِڻُ اُڪارِيين.

٤

تُون اوڍَرُ، تُون اوڍَڪو، تُون اجهو، تُون اڳُ؛
هِتِ پِڻُ تُنهِنجو تَڪِيو، مَهَندِ پِڻُ تُونهِين ماڳُ؛
سي لورِيُون ڏِيَن نہ لاڳُ، جي اَجهي آيُون اَبڙِي.

٥

پَسَنديئِي پُر ٽِيا، جڪِرو ئي جاجِڪَ؛
ٽِئان ڏِني مَڱٽِي، طَهُورا جي ٽِڪَ؛
سَمي پِڳِيَن سِڪَ، واصِلُ ٽِيا وِصالَ ۾.

٦

جي اُڏَمِيو اَڄُ، تہ وَسندو سونَ سَنگُ؛
جالَ ڏِيندو جُنگُ، جَڳُ ڏِيندو جَکِرو.

# داستان چوٿون

۱

وَڳَندُ وَري آئِيو، وَسَنِ ڪِينَ وِڏوسِ؛
گَندِي، مانِي، ماڳُ موچارو، پاسي پِيرَ ٿِيوسِ.

۲

وَڳَندُ وري آئِيو، پينارَنِئُون پوءِ؛
مُحڪَمَ لِڳَسِ موچِڙا، ذَرو نـ ڏِنُسِ جوءِ؛
ويٺو اِئين چوءِ، تـ پِيران پاسي نـ ٿِيان.

۳

اَسُورَ سَندي آسِري، ويٺو آهِ وڳَندُ؛
هَڏِ نـ ڇَڏِيندو هَندُ، آيَسِ بُوءِ بَهارَ جي.

۴

اَسُورَ سَندو آسِرو، وَڳَندَ کي وَڏو؛
جُسي ۾ جَڏو، پر ڪِيَڻَ تي ڪُڙا ڪٽي.

۵

وَڳَندُ وِري آئِيو، بَدُو سين بَدِبُوءِ؛
خاوَندَ! ڏي خُوشبُوءِ، تـ سُرهو ٿِيان سُپِرين!

۶

وَڳَندُ وِري آئِيو، ڪِنو ٿِي ڪوجهو؛
ڇَڏي نـ موزو، لِڳُسِ آرُ عَطارَ سين.

٧

داتا سَندي دَرَ تي، وَڳَندُ ويٺو پَسُ!
تَنهِن روڳِيءَ کي رَسُ، جو آلُودو آزارَ سين.

٨

وَڳَندُ وِري آئِيو، نِسورو ئِي نَرَڳُ؛
گَندا گُلابِي ٿَري، سَيَّدَ جو سَرَڳُ؛
عَطْرَ سين اورَڳُ، تہ ھُئين سَدائِين سُرَھو.

٩

وَڳَندُ وِري آئِيو، بَدُو بي نِمازُ؛
جِئَن تِتِرَ متي بازُ، وَڳَندُ تِئَن سُرھاڻِ تي.

١٠

وَڳَندُ وِري آئِيو، ڪوتِڙِيان ڪُلاٽُ؛
سَندو ڪِرِڙَ ڪاٺُ، ھَڻُ نَرِڳِيءَ کي نِڪَٽين.

# شاھ جو رسالو

## ڪليان آڏواڻي

پورو ٿيو.

تاريخ بروز سومر ، ٢٠جون ، سن ٢٠٠٥ ع